

# اُترادي پهاڪا ۽ چوٽيون

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊجيٽل ايڊيشن:
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (177) **”اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** جو لکيل آهي.

هي ڪتاب 2006ع ۾ ڇپيو ۽ **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن هن قيمتي ۽ ناياب ڪتاب کي ٻيهر اسان تائين آندو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ٻه اکر

سنڌي زبان جي ادب/نثر ۽ شعر بابت ڪيترين ئي تواريخون لکيون ويون آهن جن وسيلي اسان کي سنڌي زبان جي اوسر، ڪتابن جي اشاعت، مختلف صنفن جي شروعات ۽ آغاز ڪندڙن بابت واقفيت ملي ٿي. ادب جي ڪهڙي صنف ڪنهن شروع ڪئي؟ ڪڏهن شروع ٿي؟ ان صنف ۾ ڪيترن ماڻهن لکيو آهي؟ ڇا ڇا لکيو آهي ۽ هيستائين ڪيترا ڪتاب شايع ٿيل آهن، اها سڄي وچور اسان کي انهن تواريخن مان گهڻي قدر ملي وڃي ٿي.

پهاڪا/ چوڻيون/اصطلاح/ورجيسيون اسان جي ادب، خاص طور لوڪ ادب جي اهم صنف ۾ شامل آهن. نه رڳو اهم پر سڀ کان اهم ترين ان ڪري جو ان صنف مان اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي شاهوڪاري ۽ سگهئي ستابي هئڻ جو بار بار اندازو ٿئي ٿو. جيڪو به پهاڪو / چوڻي/ ورجيس/ اصطلاح ٻڌجي يا پڙهجي ٿو ۽ اجا جي ڪنهن موقعي ۽ محل تي، وقتائتي نموني پيش ٿئي ٿو ته ڏندين آڱريون اچي ٿيون وڃن. اهو ننڍڙو ۽ مختصر جملو، ڪنهن ڪچهريءَ / محفل ۾ سمورن متان حاوي ٿي وڃي ٿو ۽ ماڻهو ان جي سحر ۾ گم ٿيو وڃي!

پهاڪن جو تخليقڪار ڪير آهي؟ چوڻين کي ڪنهن سرجيو آهي؟ فلاڻو پهاڪو يا فلاڻي چوڻي ڪنهن جي تخليق آهي؟ ان بابت ڪو به پتو ڪونهي. ان سلسلي ۾ هڪڙي حيران ڪن ڳالهه هيءَ به آهي ته ادب جي تواريخن / تذڪرن ۾ ڪيترن ئي اهڙن ليکڪن / اديبن/ شاعرن ۽ سندن تحريرن، ڪتابن، مسودن يا لکڻين بابت تذڪرو ته ملي ٿو پر جڏهن اڳتي اهو پڙهون ٿا ته زماني جي ستم ظريفين ۽ ناسازگار حالتن ڪري، اهي ليکڪ / اديب / شاعر يا انهن جون تحريرون محفوظ نه رهي سگهيون ۽ اڄ انهن جو ڪو به نانءُ نشان ڪونهي يا ڪٿي به انهن جو ڪو ڏس پتو ڪونهي. باوجود ان جي ته انهن اديبن/ ليکڪن يا ڪتابن/ مسودن / تحريرن جا وارث هوندي به اهي محفوظ نه رهي سگهيا ته ڏک ٿو ٿئي.

اسان جي ٻوليءَ جو هر هڪ پهاڪو/ هرهڪ چوڻي/ هرهڪ ورجيس/ هرهڪ اصطلاح، جنهن جي اصل خالق جو پتو ڪونهي، اها خبر ناهي ته ڪهڙي زماني ۾ ان جي تخليق ٿي، ان جي بڻ بنياد بابت ڪو به ٺوس رايو موجود ناهي ته اهو ڪهڙين حالتن ۾، ڪنهن ماڻهوءَ پهرين چيو، پر اهي سڀ شيون اسان وٽ موجود آهن. پلي ڪتابن، تحريرن ۾ ساريون موجود نه هجن، پر زباني طور استعمال ٿيندڙ هجن تڏهن به اهي موجود آهن ۽ سيني به سيني منتقل ٿي، اسان جي ٻوليءَ ۾ زنده آهن. نه رڳو اهي زنده آهن پر اسان جي ٻوليءَ کي اجا به وڌيڪ چاشنيدار بنائي اسان لاءِ فخر ۽ وڏائيءَ جو سبب بڻيل آهن.

پهاڪو يا چوڻي، جڏهن به ڪو ماڻهو ڪٿي به استعمال ٿو ڪري ته هو ان کي اهڙي ته انداز ۽ لهجي ۾ ٿو چوي، جڻ ته اهو آهي ئي سندس ۽ هو انهن جي استعمال سان پنهنجي ڳالهه ۽ اظهار کي اجا به وزنائتو بنائي ٿو وجهي. مثال طور ڪنهن کي پاڙياپ جو مظاهرو ڪندي ڏسي ڪو چوي ته: ”پاڙيي متان پڳ به بار“ يا ”پاڙيي متان پٽ، ڪانگن ڪيرائي!“

يا ”پاڙي پاءُ ڪان، ڪٽ خالي چڳي.“ يا ”مڙس ٿئي پاڙي، بار ڪريس ڏاڙهي.“ ته اڳلو هڪدم اُلر ڪري پنهنجي مخاطب لاءِ چوندو: ”ڏسو نه هي مون لاءِ چوي ٿا تو؟“ اِن مان سندس مراد اها آهي ته هن پنهنجي اظهار کي سگهارو بنائڻ لاءِ جيڪي به چوڻيون ۽ پهاڪا آندا، اُهي اڳلي ائين

# اُترادي پهاڪا ۽ چوڻيون

محسوس ڪيا ته جڻ چوندڙ اهي پنهنجي دليان پيو گهڙي تڏهن ته چوندو آهي ته: ”فلاڻو مون ڪي چوي چا ٿو!“

اهو سبب آهي جو عام ماڻهن، اڻ پڙهيلن توڙي گهٽ عل وارن، پاڻ جهڙن جي انهن تخليقن ڪي، پنهنجي عقل ۽ ذهن موجب، هڪدم قبول ڪري پنهنجو ڪري ورتو آهي ۽ ان ڪي سدائين زنده پئي رکيو آهي. وري پهاڪو ۽ چوڻي شيءِ به اهڙي آهي، جيئن پارس لوهه ڪي لڳي ته سون! ڪو ماڻهو پنهنجي عام زندگيءَ ۾ پنهنجي ڳالهين، ڪچهرين ۾ هجي ته ڪثرت سان پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال ڪندو ته اهو ڪچريءَ جو ڪوڏيو سڏبو ۽ ٻيا ماڻهو ساڻس ڇهري ڪندي، پنهنجي دلي تسڪين محسوس ڪندا ۽ ساڻس ڪچهريون ڪندي، پنهنجي غمن ڪي غلط ڪندا. ڪو مقرر پنهنجي خطاب ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال، چڱيءَ طرح ڄاڻائي ٿو ته پنهنجي ٻڌندڙن جي دلين ڪي فوري طور جيتي وٺندو ۽ ٻڌندڙ سندس تقرير ڪان بيحد متاثر ٿي ويندا ۽ جي ڪو ليکڪ آهي ۽ ان جي تحريرن ۾ پهاڪن، چوڻين ۽ اصطلاحن جو موزون ۽ مناسب استعمال ٿيل آهي ته پڙهندڙ ڪيس ٻوليءَ جو ماهر سڏيندو ۽ سندس ساراهه ڪندي نه ڍاپندو ۽ سندس تحرير ڪي بار بار پڙهي اها راءِ ڏيندو ته فلاڻو ليکڪ ته ٻوليءَ جو وڏو ماهر آهي. ڇا ته سندس ٻولي مايهءَ دار، ميويدار ۽ مزيدار آهي. ڇا ته سندس زبان ۾ رَسُ ۽ چَسُ آهي. ڇا ته پهاڪا ۽ چوڻيون ٿو ڄاڻي!!

مرحوم استاد بخاريءَ مون ڪي هڪ خط ۾ لکيو هيو: تون تيز ۽ چست پبلشر آهين جو مان تنهنجي رفتار سان گڏ هلندي سهڪي ٿو پوان ۽ ايترا ڪتاب لکي نه ٿو سگهان.“

ٻئي طرف هاڻي منهنجو اهو حال آهي جو عبدالوهاب سهتي جهڙي تيز ۽ چست محقق جي ڪتابن جي اشاعت ڪي وقت سر نه پيو آڻي سگهان. ڪينجهر ۾ اهو ئي حال ته هڪ مهيني ۾ سندس طويل ترين قسط ڇاپيان ته ٻئي مهيني سندس ٻي قسط تيار! آءٌ اجا هڪڙو ڪتاب ڇپائڻ ۾ پورو ۽ اهو جيستائين ڇپائي مارڪيٽ ۾ آڻيان، تيستائين سهتي وٽ ٻه ٽي ڪتاب تيار.

اڪيڊمي آف ادبيات، گذريل سال ڪتابن تي ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ته مون ٻين ڪتابن سان گڏ ڪين وهاب سهتي جا ڇاپيل پهاڪن وارا ڪتاب به ڏياري موڪليم ته اهي ڪتاب مون ڪي ان اعتراض remark سان واپس موڪليائون: ”اهي ڪتاب تخليقي ناهن!“ اهو ڪيڏو نه ڏکيو ۽ ڪٺن ڪم آهي جو وهاب تخليقي ڪم، ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي، اهو ڪم شروع ڪيو آهي جو نه هوند نه شڪر! يعني ته ان جي هيڏي ساري ڪم لاءِ اسان وٽ ڪو به انعام اعزاز ڪونهي ته ٻيو ڇاهي؟

پهاڪن / چوڻين جو ڪو ته تخليقڪار هوندو! مزيدار اها ڳالهه ته ڪو حق جتائي نه ٿو سگهي، پر جيڏيءَ مهل هو چوي ٿو ته ان انداز ۽ پنهنجائپ سان ته اهو پهاڪو ۽ چوڻي سندس ئي اندر جو آواز آهي ۽ ان ئي محبت ۽ خلوص سان، پاڻ وهاب انهن ڪي سموهي گڏ ڪري تحرير ڪري ٿو ته اهي اسان جي ٻوليءَ جا آهن، اسان جي ماڻهن جا آهن ۽ انهن ۾ ئي اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب جي هڪڙي لازوال ۽ امر زندگي سمايل آهي.

ناز سنائي

101 ايچ ڊي اي فليٽس، نسيم نگر

حيدرآباد، سنڌ 22 فيبروري 2006

# ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| أ | هراس | (ڪهاڻيون) |
| ب | ڄڻ بت ئي چوي ڪافر | (ڪهاڻيون) |
| ج | هٿ جي وڏي | (ڪهاڻيون) |
| د | ننڍڙي روپ وارا ، چوڻيون ۽ پهاڪا | (لوڪ ادب) |
| ه | ورجيسون: پس منظر ۽ ڪارج | (لوڪ ادب) |
| و | موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون | (لوڪ ادب) |
| ز | اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون | (لوڪ ادب) |
| ح | روايت ۽ بغاوت جو شاعر عبدالڪريم گدائي | |
| ط | ماهوار ”ڪينجهر“ جو گدائي نمبر(ترتيب ۽ تدوين) | ( سوانحي ادب) |

# سادا اکر

هن، عجب ۾ وجهندڙ حسين ۽ رنگين، ڪائنات جي جوڙيندڙ ڏٽي تعاليٰ جي ڌرتي چئن طرفن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪ طرف جو نالو ”أُتر“ آهي. اولهه طرف جيان سنڌ ۾ ”أُتر“ کي بہ مقدس حيثيت حاصل آهي. عام مشاهدو آهي تہ سنڌين جي اڪثر آبادي أُتر ڏي پير ڪري، ڪونہ سمهي ڇي: ”أُتر طرف تہ يارهينءَ واري پيران پير دستگير جو روضو مبارڪ آهي، اوڏانهن پير ڪري چو گنهگار ٿيون؟“ جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جي متئين يا اترئين ڀاڱي کي ”سرو“ يا ”أُتر“ چيو وڃي ٿو ۽ أُتان جي رهاڪن کي أُترادي ۽ سنڌ جي هيٺين ڀاڱي کي لاڙ ۽ اتان جي رهندڙن کي لاڙيچو سڏجي ٿو. وٽن أُترادي لفظ جو مفهوم ڪجهہ أُگرو آهي. جنهنکري هينين چوڻي مشهور ڪئي اٿائون:

**”أُترادي ڍڳو، لاڙ جو ماڻهو“**
**يا**
**”لاڙ جو ماڻهو ، أُترادي ڍڳو“**

متين چوڻيءَ مان مطلب اتراڏي، واتراڏيءَ وارو وننذا آهن. يعني ”أُتر ۾ ڍڳا * لاڙ ۾ ماڻهو رهندا آهن.“ جڏهن تہ أُترادي ساڳيءَ چوڻيءَ جو مطلب پنهنجي مفاد ۾ ڪيندا آهن: لاڙ جي ماڻهن جو عقل اتر جي ڍڳي جهڙو آهي.
سنڌ ۾ اهڙيون چوڻيون ٻيون بہ ڪوڙ آهن، جن جو ٻٽو يا متضاد مطلب ۽ مفهو م نڪرندو آهي.
هينيون چوڻيون مثال آهن:
١. سهتا، ستن نانگن جا ڪاڌل.
٢. ٻگهين جي متيءَ کان وياءُ وينو پلو.
٣. پٽو تہ ضد، نہ تہ ڪتي واري گوري.
٤. برڙي جو ضد، جيئن الف تي مد.
ٻڌڻ شرط، ٻڌندڙ ڌر برهم ٿيو وڃي ۽ جڏهن ٻي معنيٰ تي ويچار ڪندي آهي تہ ڪل بہ نڪري ويندي اتس يا نرم ٿي پوندي آهي. اهو ڳالهائيندڙ جي سوچ تي مدار تو رکي تہ هو ڪاڏي تو لاهڻي لاهي ۽ وري ٻڌندڙ جي موڊ تي پڻ منحصر آهي تہ مفهوم کي ڪاڏي تو چڪي!
مزڪوره چوڻيءَ مان لاڙ جا ماڻهو اها مُراد وننذا آهن: ”اترادين جي مقابلي ۾ پاڻ سڌا سنوان ۽ سادڙا آهن . بلڪل ائين جيئن اردوءَ ۾ چئجي تہ ”الله ميان جي ڳانءِ آهن!“
جڏهن تہ پاڻ بہ چالاڪيءَ ۾ گهٽ ڪونهن. عقل ۽ چالاڪيءَ ۾ أُترادين جو بہ ”أُتر “ لهن .
أُتر کي تہ سنڌ جي سدا حيات ۽ دنيا جي عظيم شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بہ ڏاڍي دلربائيءَ سان پنهنجي ڪلام ۾ ڳايو آهي. مثال طور:
”سر نسريا پاند، أُتر لڳا آءَ پرين ! “
سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ ”اتر“ ٻٽي معنيٰ رکي ٿو. هڪ: ڪنهن سودي، معاهدي ۽ ناهہ ۾ واڌارو ورتل

شيءِ يا منافعي کي اُتر چئجي ٿو. جڏهن ته ٻي معنيٰ؛ طرف جو نالو اٿس. سنڌيءِ ۾ چوندا آهن:
”هو سودو نه سلن ۾ اسان اُتر گهرئون“.
”هو سودو نه سلي ۾ هيءُ اُتل گهري“.
”اُتراڻ اُتريو، اڙ سيارو ڪُتريو“.
اتراڻ: اتر کان لڳندڙ هوائون ۾ اتريو معنيٰ لٿو يا لاٿ آيس. جيئن چوندا آهيون؛ ”فلاڻي جي اتري آهي، تڏهن تو بين سان ڪينس ڪندو وتي.“ وغيره.
بهرحآل سنڌ ۾ اتر ۾ اُتل، ساڳي معنيٰ ۾ مفهوم ۾ استعمال ٿين ٿا. سنڌ جي رنگين ڪلام شاعر ”اُستاد“ بخاريءَ لفظ ”اُتر“ (اُتل) کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هيٺينءَ طرح استعمال ڪيو آهي.
”جو ورتم سو واپس ڪيم، هاڻي ته لڙ لٿوم،
اُتر ۾ رهندو ٻه آهون ڏيو ٿا وڃان“
مٿئين بند ۾ شاعر جو خيال آهي، جا زندگي مون کي ڏني وئي سا ته موت مون کان واپس ٻه وني چڏي پر هن دنيا ۾ ڏکن ۾ غمن کان مجبور ٿي جيڪي ٿڌا سُوسات ، آهون ۾ داڻهون ڪيم سي دنيا کي ”اُتر“ ۾ ڏيون تو وڃان.“
گڏيل هندوستان جي ورهاڱي کان پوءِ، جڏهن پارت بهانو ٻٽائي مشهور مسلم رياست جهوناڳڙهه کي هڙپ ڪيو، تڏهن اتان جن سنڌي مسلمانن ياچ ڪاڏي ۾ پاڪستان جي صوبي سنڌ ڏانهن موت ڪئي، تن ۾ مشهور مزاحيه فلمي اداڪار نور محمد چارلي ٻه هو. چارليءَ پاڻ سميت ٽن ماڻهن لاءِ هوائي جهاز جون ست (7) ٽڪيٽون ورتيون هيون. هوائي اڏي تي هڪ واقفڪار ڪانئس پڇيو: ”چارلي ! توهان ياتي ڪل ٽي ۾ ٽڪيٽون ست؟“
” متان انديا وارا هڪ ٽڪيٽ تي في ماڻهو نه چڏين، ان ڪري هر ياتيءَ لاءِ ٻه ٽڪيٽون ورتيون اٿم!“ جواب ۾ چيائين.
تنهن تي پڇندڙ ڪلي پڇيس: ”پوءِ يلا هڪ ٽڪيٽ واڌارو چو؟“ ٻڌايائينس: ”انديا وارا سلامت عضون سميت روانو ڪن ٿا، ان ڪري ”اُتر“ ۾ هڪ ٽڪيٽ ڏيون تو وڃان“. ٽڏي تي ئي هڪ ڪتيانه آفيسر پڇيس: ”هاڻ ته پاڪستان جي شوق ۾ ڪراچيءَ وڃين تو . اُتان ڪرون ٿيندين؟“
موٽ ۾ ڪلي، پئسن جو ٻٽون ڏيکاريندي، چيائينس: ”هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو! ناڻو ساڻ آهي، ان سان هر جاءِ تي پنهنجي مرضيءَ پٽاندر رهي سگهندم.“
ورهاڱي کان اڳ ۾ رياست گجرات، احمد آباد ٻڙوده ۾ سڄي راجستان صوبي جي هر ماڻهوءَ جي زبان تي لاڙڪاڻي واري چوڻي (پهاڪو) هوندي هئي. جيڪي هو مهل ۾ موقعي جي مناسبت سان استعمال ڪندا هئا. پاڪستان جي مختلف گورنر جنرل / صدر صاحبان جو مسلسل 16 سال پي اي رهندڙ اي بي خالد ٻه اردوءَ ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب ”ايوان صدر ۾ 16 سال “ ۾ پاڪستان جي ٽئين گورنر جنرل غلام محمد جي دور جون ڳالهيون لکندي لاڙڪاڻي جي هن پهاڪي جو ذڪر ڪيو آهي. احمد آباد گجرات انديا مان لڏي آيل هڪ سياستدان ۾ پوءِ پاڪستان جو وزير اعظم رهندڙ آءِ آءِ چندريگر لاڙڪاڻي بابت هي پهاڪو مرڪزي اسيمبليءَ جي سنڌي ميمبرن سان گفتگو ڪرڻ دوران روانيءَ سان چوندو هو.
پر لاڙڪاڻوي اهو ڪتي چئي سگهندا ته لاڙڪاڻي بابت اها چوڻي، جنهن آخر ۾ پهاڪي جي صورت اختيار ڪئي، سا ڪنهن لاڙڪاڻويءَ ئي جوڙي هوندي؟ سنڌ جو مايه ناز اديب، ڪاڪو

پيرومل پنهنجي شاهڪار ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ لاڙڪاڻي بابت هن مشهور پهاڪي لاءِ لکي ٿو: "گهاڙ واهه جي ڪوٺائيءَ ڪان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ڇهچٽو پيدا ٿيو ته مٿيون پهاڪو جُڙيو."
سوال آهي ته جوڙيو ڪنهن؟ جنهن به جوڙيو، ٿي سگهي ٿو ته ان کي ڇهچٽي کان سواءِ ڪجهه "بيو" به نظر آيو هجي! جيئن هر پهاڪي بابت پڪ سان ته نه ٿو چئي سگهجي ته ڪنهن جو جوڙيل آهي؟ اهڙيءَ طرح هي پهاڪو به پنهنجي جوڙيندڙ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ کان معذور، چُپ ۽ خاموش آهي. بهرحال هن پهاڪي جي پس-منظر ۾ هڪ منفي پهلو به لڪل آهي، ان کري ايترو ضرور چئي سگهبو ته هيءُ پهاڪو ڪنهن لاڙڪاڻويءَ جو ٺهيل نه آهي. البته ايترو ضرور چئبو ته ان لاڙڪاڻي جو اوج، ڇهچٽو ۽ دٻدٻو اکين سان ڏسڻ يا "ڪو" مشاهدو ماڻڻ کان پوءِ ائين چيو هوندو.
ائين ته اردو مشاعرن ۽ ادبي ميدان جي هڪ وڏي ملهه / شاعر حبيب جالب جي هڪ شعري سٽ ضرب المثل واري حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻوين بابت وڏي ٽوڪ، ٺٺول، چٿر ۽ طنز ٿيل آهي:

**"لاڙڪاني چلو، ورنہ ٿاني چلو"**

هن حالت ۾ ڇا اهو مڃجي ته هيءَ شعري سٽ، هڪ غير لاڙڪاڻوي حبيب "جالب" نه پر ڪنهن لاڙڪاڻويءَ جوڙي ۽ ناهي آهي؟
سنڌ ۾ جيڪي پهاڪا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا تن منجهان ڪن پهاڪن جو تعلق سنڌ جي مخصوص شهرن ۽ ذاتين سان آهي. اهڙو هڪ مثال لاڙڪاڻي جو ۽ ٻيو مشهور ثقافتي شهر شڪارپور جو آهي.

**"شڪارپوري، نيت بُري،**
**ڏيکاين جوئر، ڏين بُري."**
**يا**
**"شڪارپوري، نيت بُري**
**هٿ ۾ قرآن ، ڪڇ ۾ ڇُري".**

ڪن جو چوڻ آهي ته جڏهن، مياڻيءَ واري جنگ دوران، 1843ع ۾، خيرپور جو فوجي لشڪر، سنڌ جي لشڪر ۾ ڦوٽ وجهي، انگرزن جا پَوَ ڏئي، پوئين پير پِڳو هئو ته سندن لاءِ ائين مشهور ڪيو ويو هيو: "خير پوري، نيت بُري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇُري."
هتي به هڪ سوال ذهن ۾ اڀري ٿو ته شڪارپورين بابت اهي چوڻيون ڪنهن ناهيون؟ ظاهر آهي ته ههڙيون منفي انداز وارون چوڻيون شڪارپورين پنهنجي پاڻ لاءِ ته ڪونه ناهيون/ چيون هونديون؟ هن دنيا ۾ ڪهڙو شريف ماڻهو آهي، جنهن کي پنهنجي عزت جي پرواهه نه هجي؟ عزت نفس رکڻ وارو ته ڪنهن به حالت ۾ اهو ڪونه چاهيندو ته سندس عزت نفس ڪنهن به قدم تي مجروح ٿئي. ڪير آهي جيڪو پنهنجي ڪاڏي ۾ پيل وهه ڳڙيءَ بابت بي فڪر ٿو رهي؟
سنڌ ۾ آباد آريجا ذات بابت هڪ پهاڪو عام جام ٻڌڻ ۾ اچي ٿو:

**"لاهي لنگها ويهه، آريجن مان آسرو،**
**پني سارو ڏيهه، اچي ڪاڻ آريجن ۾"**

پڙهندڙ اندازو ڪري سگهن ٿا ته بظاهر آريجا ذات ۽ ڳوٺ وارن کي هن پهاڪي ۾ ڪنجوس ڪري پيش ڪيو ويو آهي. بلڪل ائين جيئن ٻگهين لاءِ چوندا آهن: "ٻگهين جي مٿيءَ ڪان، وياءُ

وينو پلو آهي.“ جڏهن تہ بِئي مفهوم ۾ ٻِڪيا، پردي جا سخت پابند آهن. جن سان سڱُ ڳنڍيندا آهن، تن کي بہ گهر اچڻ نہ ڏيندا آهن ۽ آريجا شريعت جا پابندا آهن، لنگهن ۽ چغلخورن کي ڪونہ سهندا آهن ۽ سندن ڪرت يا ڏنڌي کان بيزار آهن. يا ايڏا الله لوڪ آهن جو دهل جو آواز بہ ڪنن سان ٻڌڻ گناهہ سمجهندا آهن.

ساڳيءَ طرح ضلعي لاڙڪاڻي (هاڻي قنبر- شهداد ڪوٽ) جي هڪ قديم ڳوٺ گهتڙ بابت پڻ هڪ ٽوڪ پريل چوڻي مشهور آهي:

”ثمر نہ هجئي ساڻ تہ گهڙي پئہ گهتڙ ۾“

اها ٻِٽي معنيٰ رکندڙ چوڻي ڪنهن گهتڙ واري تہ ڪين جوڙي هوندي؟ يا لاڙ ۾ مشهور چوڻيون:

1.ثمر نہ هجئي ساڻ، گهڙي پئو منجهہ گهتاڻ.

2. ثمر هجئي ساڻ، پچ پاڏائن کان.

3. ثمر نہ هجئي ساڻ، پر وٺ پاڏاين جي.

گذريل ويهين صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري دادوءَ ۾ هڪ رات پير علي محمد راشديءَ وٽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ سندس اوطاق تي ويس. اُتي سنڌ جو مشهور محقق ۽ آثارِ قديمہ جو ماهر ۽ شاعر مرحوم سائين تاج صحرائي ۽ دادوءَ جو هڪ سياسي ڪارڪن نيو چوڪ دادوءَ تي منائيءَ جي دڪان وارو شوڪت سنڌي بہ وينل هئا. ڳالهين ڳالهين ۾ پير پير علي محمد راشديءَ ٻڌايو:

ورهاڱي کان اڳ ۾ گهتڙ جي ٻن معزز رهواسين، هڪ پير الله ڏنوشاهہ راشدي ۽ بيو قربان علي برڙي گهتڙ جهڙي ڳوٺ ۾ مسلم ليگ جون بہ الڳ الڳ شاخون کوليون تہ سيٺ عبدالله هارون اهڙي شڪايت سنڌ مسلم ليگ جي صدر سائين جي ايم سيد سان ڪئي. سائين جي ايم سيد ٻنهي سان ڳالهايو. ڳالهين مان معلوم ٿيس تہ ٻنهي جي وچ ۾ اجائي رسا ڪشي هئي. سائين جي ايم سيد ٽوڪيندي چين، ”حق تي گهتڙ لاءِ چوندا آهن، ثمر نہ هجئي ساڻ تہ گهڙي پئہ گهتڙ ۾!“

هڪ سوال هيءُ بہ آهي تہ سنڌ ۾ بولي سنڌي آهي يا ڪا بي ”بولي“ بہ آهي. اتر سنڌ يا لاڙ وينديبلوچسان جي ضلعي سبيءَ تائين، هندوستان جي صوبي گجرات، ڪڇ، ڄُج ۽ اندين صوبي راجستان جا هڙئي شهر هجن يا ڳوٺ، اُتي سنڌي ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي پر ان ۾ اُتر، لاڙ، سري، وچولي ۽ بلوچي يا سرائيڪيءَ جو ڪوبہ فرق ناهي. فقط ڪجهہ شين جا نالا يا ون ۾ ڏ لهجا تورا گهڻا مٽيل آهن. عجب ۾ وجهندڙ ۽ ”صاحب ڪتاب“ ٿيڻ جي ”جنون“ ۾ رڌل اديبن، مختلف لهجن ۽ لفظن جي آڌار تي سنڌي بوليءَ کي ”ڏاري بولي“ ۽ ”بي بولي“ قرار ڏئي ڇڏيو ۽ الائي ڪهڙي تڪبند ماٺهوءَ جي هڪ ست کي بنياد بڻايو اٿائون تہ ”ٻارهين ڪوهين، بولي بي“.

جيڪڏهن اهڙن اديبن جي لکڻين تي اعتبار ڪريون ۽ ويساهہ رکئون تہ پوءِ اُترادي ماٺهوءَ کي لاڙ ۽ ٿر جي رهواسين سان ڳالهائڻ لاءِ يقيناً ڪنهن ترجمان جي ضرورت پوندي. چاڪاڻ تہ بقول سندن ”ٻارهين ڪوهين، بولي بي.“ ها البتہ ڪجهہ شين جا نالا تبديل ٿين ٿا. ائين رڳو سنڌي زبان ۾ ڪونهي پر اردو بوليءَ ۾ بہ ٿئي ٿو.

مثال (1) اردو بوليءَ ۾ سڄي يو پي، سي پي ۽ بهاري کير جي مٿان جميل ٿرُ کي بالائي چون پر

دهلي ۽ رياست حيدر آباد دکن وارا چون: ملائي.
مثال (2( سڄي پنجاب ۽ صوبي بهار وارا چون: ”گول گپا“ پر يو پي خاص طور تي لکنئو، ميرٺ ۽ هاپڙ (باباءِ اردو مولوي عبدالحق جو ڳوٺ) وارا ۽ بريلي وارا چون: ”پاني کي بتاشي“.
مثال (3) ڏهيءَ جي پيڙن کي سڄي پاڪستان ۾ ”دهي بڙي“ ڪري لکن ۽ ڪوئين تا پر دهلي ۽ لکنئو وارا چون: ”دهي پلي“.
مثال (4) عام طور پنجن جي انگ کي اردوءَ وارا ”پانچ“ چوندا آهن پر لکنئو ۽ سڄي يو پيءَ ۾ ”پانچ“ جي بجاءِ ”پان“ چون ٿا. اردو زبان جا وڏا اديب ۽ شاعر جهڙوڪ پنڊت آنند نارائڻ ”ملا“، شاعر انقلاب حضرت جوش مليح آبادي، پروفيسر مالڪ رام ۽ گيانچند پنهنجي لکڻين ۾ ”پانچ“ بجاءِ پان (5) استعمال ڪيو آهي. ثبوت لاءِ گيانچند جو ڪتاب ”شخصيات و مشاهدات“ (پاڪستان ايڊيشن ) ۽ جوش مليح آباديءَ جي آتم ڪٿا ”يادون کي بارات“ ۽ خليق انجم جو ڪتاب ”جو کي خطوط“ ڏسي ۽ پڙهي سگهجن ٿا.
مثال (5) اردو ٻوليءَ جو مشهور محاورو آهي ”بي پرکي اُڑانا“ پر صوبي بهار ۾ ان کي ”پانجا“ چون ۽ رانچيءَ وارا چون: ”جهاڙِ دينا“. پر ممبئيءَ وارا چون: ”ڦينڪنا“. مقصد آهي ته ان سان اردو ٻوليءَ جي اصل شڪل / هيئت ته تبديل نه ٿي ٿئي ۽ نه ڪو اردوءَ وارا اسان جي اديبن وانگر لکندا آهن ته ”دهلي کي اردو“، ”بهارکي اردو“، ”لکنوي اردو“. اهڙيءَ طرح اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ به فقط ڪن شين جا نالا تبديل ٿيل آهن. مثال طور:
مثال (1) اُترادي ميوي جي هڪ قسم کي هنداڻون چون پر ساهتيءَ ۽ حيدرآباد طرف چانهون ۽ ٿر ۾ ”ڪارينگ“ چون.
مثال (2) اُترادي ماني رکڻ واري شيءِ کي پنڊي چون پر ٿر ۽ ساهتيءَ وارا ”ڊبڪي“ چون.
مثال (3) لاڙڪاڻوي ڪٽاڻ چون پر شڪارپوري، ٿر واسي ۽ سبيءَ وارا ”آچار“ چون.
مثال (4) اُترادي ”ڪنڊ“ چون پر سبيءَ وارا ”ٻُورو“ ۽ ٿر وارا چون ”ڪنڌ“.
مثال (5) سڄيءَ سنڌ ۾ چون ”هل“ يا ”هلئون“ پر سبيءَ ۽ سرائيڪيءَ وارا چون: ”چُل“ يا ”چلئون“.
چوڻ ۽ لکڻ جو مقصد اهو آهي ته فقط چند لفظن جي مٽا سان، سموري سنڌي ٻولي بدلجي نه ٿي وڃي يا پنهنجو رنگ، روپ ۽ مفهوم مٽائي نه ٿي ڇڏي. ان حوالي سان جيڪڏهن سائنسي سوچ رکندڙ اديبن ۽ سنڌ تواريخن کي پڙهئون ۽ ادبي حوالن سان بين الاقوامي طور تي مفڪرن جي اها مجيل راءِ ته هر سئو (100) ڪلوميٽرن ڪان پوءِ ٻوليءَ جا لب و لهجا تبديل ضرور ٿيندا آهن پر ان جو مقصد اهو هرگز ناهي ته شيون پنهنجي شڪل کي تبديل ڪنديون آهن. لفظن جي مٽا يا تبديليءَ ۽ لهجن جي تبديليءَ جو هڪ ڏا مثال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.
سنڌ جي مشهور راڳي ماسٽر چندر جو ڳائائي يعني نارو شاهه جو رهواسي ۽ سنڌ جو مشهور اديب گوبند مالهي اُتر سنڌ جي پهرئين ڪاليج، سي ايند ايس ڪاليج شڪارپور ۾ داخلا ورتي ته ڪاليج ڪيمپس ۾ جڙيل هاسٽل ۾ رهڻ لڳو. جتي دوستن ڪيس مجبور ڪري ميس مئنيجر بڻايو. سندس رانڌي (ٻورچيءَ) جو نالو شامون هو ۽ روم- پارٽر لاڙڪاڻي واسي بالچنداڻي هو. هاسٽل ۾ رهڻ دوران گوبند مالهيءَ کي ڪجهه اُترادي لفظ سمجهه ۾ نه پئي آيا. اهڙو اظهار هن پنهنجي آتم ڪٿا ”سنڌڙي، منهنجي جنڌڙي“ (سنڌي ساهت گهر، ناز سائنئي طرفان ڇپايل 2004ع) جي صفحي 88 تي شڪارپوري لفظن بابت ڪيو آهي. گوبند مالهي لکي ٿو، شڪارپوري ٻوليءَ

جي لفظن منجهه مون کي ڪيئن پريشان ڪيو تنهن جا ٻه مثال ڏيان ٿو“.
هڪ ڏينهن شام جو رانڌي (ٻگرچيءَ) اچي پڇيو: ”ديوان! سُيان (صبحاڻي) نيرن تي حلوو پوري ناهيان؟“
مون چيو مانس: ”دماغ جاءِ تي اٿئي؟ ڪُجا حلوو ڪُجا پُوري؟“
بالچنداڻي هئو ته لاڙڪاڻائي پر شڪارپور ۾ ڪافي وقت رهي چڪو هو. چيائين: ”حلوو معنيٰ سيرو“. هن ٺهڪ ڏئي چيو ته ”سيرو پوري ته هلي نه؟“ مون ٻه کلي چيو ته ”هلي ئي چو، اهو ميلاپ ته ٻوڙي“.
مثال (2) هڪ آرتوار (آچر) تي وراندي ۾ وينو هوس ته ساڳيو رانڌو شامون آيو. ايندي ئي چيائين: ”ديوان ڌائيندا ڪي ڪائيندا؟“ مان شرم ۾ پاڻي تي ويس ته جيڪب آبادي سڌوا چيو: ” جنهن ڌائڻ جو سوچيندي تون شرمائين ٿو تنهن ڌائڻ جي چا هيءَ وهي آهي تنهنجي؟“ اهڙن لفظن لاءِ انڊس گلاس فيڪٽريءَ حيدرآباد جو مالڪ ۽ پوني انڊيا جو سيٺ ۽ مشهور ليکڪ سرڳواسي لوڪرام ڏوڏيجا پنهجي ڪتاب ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“ جيڪو ڪوڪ ڪلياڻ ترسٽ پوني مان 1982 ع ۾ شايع ٿيو ۾ لکي ٿو:
”هزارن ورهين کان سنڌ ۾ جيڪي حملا آوار قومون جهڙوڪ چيني، ترڪستاني، يوناني، هوڻ، شڪ، ايراني، افغاني، پناڻ، پورچوگيز ۽ انگريز وغيره آيا سي سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجون نشانيون ۽ يادگار ڇڏي ويا. خاص ڪري اهي لفظ جيڪي شڪارپور ۽ اُتر سنڌ ۾ گهڻا هلندا هئا پر لاڙ وارا مشڪل سان سمجهندا هئا. جيئن:

ڌاوڻ معنيٰ وهنجڻ

جند : خود

ڪراندو : رڌڻو

ڪونو : ڪُڏُ چت

مُنجڻ : موڪلڻ

پيشين : ٽيهپريءَ کان پوءِ وارو وقت، ٽيپهريءَ ڌاران ( شام جو قت)

ٻنالون : پٽاٽا

۽ مان (لوڪرام ڏوڏيجا) شڪارپوري هوندي ٻه شڪارپوري لفظن جو ٿاهُ پائي نه سهگيو آهيان.
مون کي ياد ٿو اچي ته اسٽوڊنٽ لائيف دوران ئي پنهنجي ڪلاس-ميٽ عبدالغفار سومرو (پوءِ ڪمشنر حيدرآباد ۽ هاڻي ڊاڪٽر، اديب ۽ اسڪالر) سان گڏجي برصفير جي نامور اداڪاره ۽ ڳائڻي، ملڪه ترنم نورجهان سان ٻه لاهور ۾ مليو هيم. هڪ دفعي ميهڙ جي هڪ رازدان ۽ ننڍپڻ جي همخيال دوست محمد نواز چند (هاڻي ڊاڪٽر ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ ڊين آف اسٽوڊنٽس افيئرس آهي) ۽ نازڪ ۽ نفيس قسم جي انسان ۽ سندس پيٽيويي غلام سرور چانڊيو سان گڏجي ميهڙ شهر ۾ غلام قادر شيخ سان ملڻ ويس. سنڌي زبان ۾ نهيل ميوزيڪل فلم پرديسي جن ٻه ڏٺي هوندي تن کي ان فلم جو ”سنهڙو“ نالي ڪردار ياد هوندو، جيڪو غلام قادر شيخ ميهڙ واري ادا ڪيو هو (حالانڪه غلام قادر شيخ گهڻو جسيم لحيم ۽ شحيم هئو) ڏسڻ وارن کان اهو ڪردار ڪٿي وسريو هوندو؟ پرديسي فلم مٿيارين واري مشهور فلمي اداڪار سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي ناهي هئي جنهن ۾ مصطفيٰ قريشي پهريون دفعو ڪم ڪيو هو ۽

ڪيس انور نالي ڪردار مليل هو. غلام قادر شيخ پنهنجي ميڊيڪل اسٽور تي ويٺو هو. منهنجي دوستن منهنجو ساڻس تعارف ڪريو ته ڏاڍي قربائتي نموني ۾ مليو ۽ ڪچهريءَ دوران ٻڌايائين ته منهنجي ڳالهائڻ تي سيد حسين علي شاهه فاضلاڻي ڏاڍو ڪلندو هو. چاڪاڻ ته منهنجي ڳالهائڻ واري لهجي تي لاڙڪاڻي يعني اُترادي لهجي جو اثر هو. فاضلاڻي صاحب منهنجو ”ش“ ۽ ”ق“ به دوست ڪندو هو. آءٌ هيس نئون اداڪار، ان ڪري ڪئميرا آڏو بيهڻ سان ئي ياد ڪيل ڊائيلاگ مون کان وسري ويندا هئا ته فاضلاڻي صاحب خفا ٿي چوندو هو: ”اڙي !هنيان تي .... اٿئي ڇا؟“

حالانڪ اهو جملو اُتر سنڌ ۾ گهڻو مروج آهي. جڏهن به ڪنهن کي ويسر ۾ ڏسندا آهن ته هڪدم مٿيون جملو چئي ڏيندا آهن. اُترادي ٻوليءَ لاءِ ته ڪاڪي ڀيرومل جهڙي عالم به پنهنجي مشهور ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ“ ۾ سنڌ جي مختلف لهجن ۾ پيٽ ۽ چند چاڻ ڪندي واکاڻ ڪئي آهي. مشرقي ٻولين جو ماهر سر رچرڊ برٽن به سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو:

”سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب بابت ايترو يقين سان چوڻ چاهيان ٿو ته سڄي هندوستان جي ڪنهن به ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ايترو علم ۽ ادب موجود ناهي جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي.“

مشهور انگريز ليکڪ ۽ نقاد آءِ اي رچرڊ جيان مان به پهاڪي کي ذهني واقعو سڏيان ۽ سمجهان ٿو.

يعني پهاڪو لفظن جو اهو عقلي مجموعو ٿئي ٿو جيڪو خيالن جي دانائيءَ کي متحد ڪري هڪ سٽ يا جملي ۾ قيد ڪري ان کي حياتِ جاودان عطا ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي هر هنڌ ”هاڪ“ ٻڌجي ٿي. پهاڪا سماج ۽ ادب جا مغزيات آهن. چاڪاڻ ته پهاڪن ۾ هيءَ ڳالهه به سمايل ٿئي ٿي ته اهي نه رڳو انساني زندگيءَ جي ذاتي مسئلن ۽ محبت ڀري دنيا، پر ادب ۽ شاعريءَ کي به سونهن بخشي ائين جرڪائي ڇڏين ٿا جيئن اُس جي تپش ڪنهن نوخيز سهڻي دوشيزه يا ڪنهن خوبصورت عورت جي تکن مُهاندن واري نقش نگارن کي جرڪائي ڀهه ڀهه ٻاري ڇڏيندي آهي.

حيرت ۽ اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي چند اديبن پهاڪن جي معني لکي آهي: ”اُهي الفاظ ۽ جملا جيڪي ”پهه“ ڪري چيا ويا هجن، ان ڪري لفظ نهيو ”پهاڪو“. آءٌ اهڙن اديبن جي خيالن ۽ لکيل ڳالهين کي (Puraile) سمجهان ٿو. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته هنن سان ڪو به متفق ڪونه ٿيندو. چاڪاڻ ته پهه ڪرڻ معني ارادو ڪرڻ يا خيال کي سوچي سمجهي مضبوط ڪرڻ. جڏهن ته پهاڪن بابت سني ڄاڻ رکندڙ عالم ۽ اديب به چون ٿا ته پهاڪي ۾ ڪنهن به ارادي جو عمل دخل ناهي ۽ اهي سونهري الفاظ آهن جيڪي اُمالڪ يا بنا ارادي جي چيا ويا آهن. سنڌ جي ساهتيءَ واري پاڳي سان تعلق رکندڙ هڪ اديب چوي ٿو ته پهاڪو معنيٰ: ”ڊونگل“. سنڌيءَ ۾ ڊونگل ته چٽر ۽ ٽوڪ کي چئبو آهي. ڇا اسين اهو مڃئون ته پهاڪو به ٽوڪ ۽ چٽر آهي؟!!!!!

پهاڪا ته ٻوليءَ ۽ سماج جو ادبي ۽ ثقافتي املهه خزانو ۽ سرمايو ٿين ٿا ۽ آهن. زبان ۽ ٻوليءَ جي هن سرمايي کي ڪنهن به سطح تي سماجي سرمايي کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي. چاڪاڻ ته براه راست علمي ۽ سماجي اثرن کان ادب جي عليحدگي ممڪن ئي ڪونهي ۽ سنڌيءَ ۾ پهاڪن کي اها حيثيت حاصل آهي جيڪا برطانيه جي تاريخ ۾ ميگنا ڪارٽا (Magna Carta) (اڻ لکيل آئين) کي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن منجهان پهاڪا ختم ڪري سنڌي ٻوليءَ سان دشمني ڪئي وئي

آهي. نتيجي ۾ نئون نسل ھھڙي املھ خزاني کان محروم رهجي ويو آهي ۽ جڻ تہ واقف ئي ڪونهي. ڏاريون ٻوليون، ڪئبل ڪلچر ۽ ڪئيسٽي شاعريءَ جي ذريعي سنڌ جي نئين نسل جي ٻوليءَ جو اصل ”روح “ مجروح ٿيندو پيو نظر اچي.

گهڻا سال اڳ، محترم فضل احمد بچاڻيءَ پاڻ ۽ پنهنجي خاندان بابت يادگيرين (Biographics) تي مشتمل ڪتاب ”اڳي ائين هياس“ (جيڪو 1984ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدر آباد طرفان شايع ٿيو) ۾ هڪ هنڌ لکيو آهيو: ”حقيقت هيس آهي تہ شهر برابر سنڌ ۾ آهن پر سنڌ شهرن ۾ ڪانهي، بنيادي سنڌائتي پڪي پختي ٻولي سيپتا جا سپ مظهر ۽ اهڃاڻ ۽ سماج جا بنياد ٻهراڙين ۾ آهن.... اهو بہ ڏسڻون پيا تہ اسان جي نج بنيادي ٻوليءَ جو ذخيرو وري بہ انهن ٻاهراڙيءَ وارن ابوجهن وٽ اسان کان وڌيڪ محفوظ آهي. انهن سگهڙن وٽ وڌيڪ هٿيڪو بہ آهي ۽ مستعمل بہ.“

هونئن بہ چوندا آهن: ”ٻهراڙيءَ جي گفتار، ساهت جو سينگار.“ بچاڻي صاحب وڌيڪ لکي ٿو:“اسان جو هڪڙو عزيز انگلستان مان بئريسٽري پاس ڪري آيو تہ ابوجهہ، منجهانئس اڙجي ويا (جڻ پڙهيو، جڳ اڙيو. راقم الحروف) اڻ پڙهيلن سان بہ وينو انگريزيءَ ۾ ڳِٽِ مِٽِ ڪري. سُئڻ پتڪي واري ڪي هٿ ملائيندي پئي بچان اچيس. سمجهو آسمان مان لٿو آهي . هڪڙي ڏينهن پريءَ ڪچهريءَ ۾ هڪڙي اشراف سادات اچي گهٽيس تہ: ”باليسٽر صاحب اول تہ جيڪو علم ايڏو هٿ وڏائي سيڪاري سو علم ئي ڪونهي. پر خير تون اسان جي جتڻ جي هڪڙي بن اکرن جي معنيٰ ٻڌاءِ جيڪي تنهنجا ابا ڏاڏا اجا بہ ڳالهائن ٿا، تڏهن چئون تہ علم پرايو اٿئي.“ اهي اکر هئا: ”ڳڏون“، “ڪاشڪ”، “سلَهڙ”، “سهانجو” ۽ “اوبڻ” ۽ ڪي پيا. هي بئريسٽر صاحب هڪڙي جي بہ معنيٰ نہ ٻڌائي سگهيو . چي: اهي اکر هاڻي “متروڪ” تي ويا آهن تہ انهي لفظ متروڪ جي معنيٰ وري هنن “جتڻ” کان سمجهي. جڏهن سمجهايوسون تہ لڳا کنن تي هٿ ڏيڻ تہ “سائين توبهن توبهن! امڙ جن اکرن ۾ لولي ڏني سي ڪڏهن متروڪ بہ ٿيا ؟!!”

مشهور جرمن ڏاهو Luding Wittenstein پنهنجي ڪتاب A Brief History of Literary Theory (Vol:IV) پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن کي لفظن جي مصوري Pictorial Theory ۽ لفظن جي راند Language Game جو اضافو ڪندي، پهاڪن کي “لساني سائنس” جو درجو ڏئي ٿو.

نئين دور جون نيون تقضائون آهن. ان ڪري ڪي نوان پهاڪا ۽ چوڻيون، ورجيسيون ۽ اصطلاح بہ پاڻ-هرتو وجود ۾ اچي ويا آهن، اهي ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ پراڻن پهاڪن سان ٻَرُ ميچي نہ ٿا سگهن. چاڪاڻ تہ نئون دور ۽ ماڻهن جي سوچ بہ اهڙي آهي. ”جهڙا روح، تهڙا ختما“. ان حوالي سان بہ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ نون پهاڪن ۽ اصطلاحن جا بہ ڪي مثال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

مثال (1) انگريزي ٻوليءَ جي لفظ ”Danger“ جي لغوي معنيٰ خطرو آهي پر صوبي بهار ۽ نئين صوبي ”جهاڙ کنڊ“ جي گاڏيءَ واري مشهور شهر ”رانچي“ ۾ آٽو رڪشا ڊرائيورن وٽ ”ڊينجر“ معنيٰ خطرو نہ بلڪ سنو آهي. جيڪڏهن ڪا فلم ڪين وڻي وئي تہ چوندا ڊاڍي ”ڊينجر “ فلم هئي. يلي اُها فلم ميوزيڪل ۽ گهريلو قسم جي چو نہ هجي.

مثال (2) اسان سنڌين وٽ مذهبي، اخلاقي توڙي سماجي لحاظ کان لفظ ”سوئر“ ڪيڏو نہ قبيح، ڪراهت جوڳو ۽ نفرت پريو آهي. بلڪ گار ڏيڻ برابر آهي پر اڄڪلهہ جيڪڏهن ڪو ڊرائيور يا

ڪو مستري پنهنجي فن ۽ ڪرت ۾ ماهر ۽ هوشيار آهي ته ان لاءِ پهاڪي / محاوري طور چوندا؛
”فلاڻو! ”سوئر“ ڊرائيور آهي“.
هنن وٽ ”سوئر“ مان مراد ڪنو نه پر سنو ماهر ورتي وجي ٿي. يا چئبو آهي ”فلاڻو ڳالهائڻ جو ڪتو آهي“ يا جنهن مان بيزار ٿبو آهي تنهن لاءِ چئبو آهي؛ ”فلاڻو ته حضرت آهي“ يا ”فلاڻو ته بادشاهه آهي.“ وغيره.
مثال (3) جرمنيءَ جو هٽلر پنهنجي ڪردار جي ڪري ڏاڍ ۽ جبر، ظلم ۽ استبداد جي اهڃاڻ طور سڄي دنيا ۾ سڃاتو ۽ ياد ڪيو ويندو آهي. سنڌي سماج ۾ هاڻي جيڪڏهن ڪنهن جو منظورِ نظر (سواءِ ڪهن جنس جي تفريق جي) قدرتي فياضيءَ جي ڪري جسماني طور سونهن ۽ خوبصورتيءَ سان ٺُپ آهي ته ان لاءِ محاوري يا پهاڪي طور چوندا: ”فلاڻي جو محبوب ته سائين ”هٽلر“ آهي. يا چوندا؛ فلاڻو ته ”ليڊر “ جوان آهي.
مثال (4) جيڪب آبادي ، هر سني/ چڱي شيءِ لاءِ چوندا آهن؛ ”فلاڻي شيءِ ڏاڍي وي آءِ پي آهي“.
اڄ جي نئين اصطلاح ”گلوبل وليج“ جي پس منظر ۾ انساني سماج جي موجوده صورتحال، ان جي جمالياتي قدرن ۽ مختلف طبقن جي وچ ۾ پيدا ٿيل ناتن ۽ رشتن هوندي به پهاڪن پنهنجي پاڻ مان روايتي ڏاهپ (Conventional Wisdom) وارو سرور ۽ حِظ، لطف ۽ مزو ڪونه وڃايو آهي.
چاڪاڻ ته پهاڪن جون جڙون، ڌرتيءَ ۽ سماج جي پاتال ۾ پختيون هوندو آهن. حيرت ۽ اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته هھڙن اَملهه خزانن (پهاڪن ۽ چوڻين) جا موجد (ناهيندڙ ۽ جوڙيندڙ) گمناميءَ جي دنيا ۾ هليا ويا!! سنڌي ٻوليءَ ۾ سونهن پري اضافي ڪرڻ وارا اُهي مهندار اڄ اسان ۾ موجود ناهن پر سندن سونهري ۽ زرين اقوال، پهاڪن جي روپ ۾ نشانيءَ طور اسان وٽ موجود آهن. اهڙن سدا حيات پهاڪن جي سهيڙپ به اوتري ئي اهميت جوڳي ٿئي ٿي. انجنيئر عبدالوهاب سهتي پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي، هتان هتان چونڊ ڪري، پهاڪن جي روپ ۾ اسان کي ههڙو املهه ڪتاب ڏئي، اسان جي وڏي محقق ۽ اديب، دانشور ۽ فلاسفر پير حسام الدين راشديءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اديبا ۽ شاعره ريٽا شهاڻيءَ جي چوڻ ڪي ”پاڻي ڏنو“ آهي.
هڪ دفعي پير حسام الدين راشدي ڪنهن ڪتاب جي مهورت واري تقريب دوران پنهنجي تقرير ۾ چيو هو ته ”پنهنجي اردگرد جيڪي ڪجهه ڏسو، پسو * ٻڌو ٿا سي سڀ لکي ڇڏيو ۽ بهتر آهي ته ڇپائي ڇڏيو. اوهان جون لکٽيون ملڪ جي ٻوليءَ، ادب، ثقافت ، تهذيب، ۽ تواريخ جو اهم جُز آهن. سي لکيون رهڻ گهرجن، جي ائين نه ڪيو ته اوهان جي تواريخ گم ٿي ويندي“.
سنڌ جي هڪ وڏي اديب سرڳواسي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سڳي ڀائٽي ۽ حيدرآباد سنڌ جي رهواسڻ (هاڻي پونا انڊيا) مشهور اديبا ۽ شاعرا ريٽا شهاڻي پنهنجي آتم ڪٿا ”ٻيهريءَ جا ٻه پل“ ۾ چند لفظ واري عنوان ۾ لکي ٿئي:
”ڪٿي ڪٿي سنڌي جيون، ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻيءَ ڏانهن اشارو هلندي هلندي سهج ،سياويڪ ۽ ڀاوَ سان اچي ٿو وڃي (پهاڪا به ته اسان جي سنڌي جيون، ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جا نمائندا آهن - راقم) هن وقت انهن ڳالهين لکڻ جي اهميت ان ڪري وڌيڪ آهي جو اسان پنهنجي اڳين پيڙهيءَ جي باري ۾ جيڪڏهن هاڻي ڪجهه رڪارڊ نه ڪندا سون ته اهي سڀ ڳالهيون آخر ۾ اوجهل ٿي وينديون ۽ اسان جي سنڌي تهذيب جا اهڃاڻ اتهاس جي ورقن ۾ ڳولهئي به نه لڀندا “.

ائين اسان جي محقق انجنيئر عبدالوهاب سهتي به أُترادي پهاڪا هن ڪتاب ۾ رڪارڊ ڪيا آهن. سهتي صاحب پنهنجو ادبي سفر ته تخليق کان شروع ڪيو هو پر هن جي اندر واري شخصيت ۾ ڪو تحقيق جو پڪي به موجود هو جنهن پنهنجا پر هڻن شروع ڪيا. سهتو صاحب پهاڪن، پوٽين ۽ ورجيسن جي حوالي سان لوڪ ادب جي ميدان جو اڪيلو شهسوار نه سهي پر هن تحقيقي ميدان ۾ بين کان مختلف ۽ منفرد ضرور آهي، جنهن جو ثبوت سندس تحقيقي ڪتاب آهن، جيڪي حوالي سان سند طور پيش ڪري سگهجن ٿا ۽ هن ميدان ۾ سندس محنت، جاکوڙ ۽ لگن کي واکاڻي سگهجي ٿو. شڪر آهي جو انجنيئر عبدالوهاب سهتي اهو ڪونه لکيو ته ”أُترادي بوليءَ جا پهاڪا“ بلڪ هو سڄي سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڳالهائيندڙ سنڌين جي بوليءَ کي فقط ۽ فقط سنڌي بولي سمجهي ٿو. ان ڪري ته پنهنجي تحقيق ڪيل محنت جو نالو ڏنو اٿس ”أُترادي پهاڪا“ يعني سنڌ جي أُترئين ڀاڱي ۾ ڳالهه ٻولهه اندر ۽ سماج ۾ استعمال ٿيندڙ مشهور پهاڪا. آءٌ انجنيئر عبدالوهاب سهتي لاءِ اهي روايتي، گسيل ۽ پيڻل، چباڙيل ۽ چُوسيل جملا هتي ڪونه ورجائيندم. ڪن اديبن وانگر مون کي ”نثري قصيدن“ لکڻ جو ڏانءُ ”ٻنه“ ڪونه اچي ۽ آءٌ پڙهندڙن کي اهڙي دوکي ۾ رکڻ بجاءِ اهو سڀ ڪجهه سندن پنهنجي قائم ڪيل اٽ ڏريءَ راءِ تي ڇڏيان ٿو ته هو پاڻ هيءُ ڪتاب پڙهي پاڻ اظهار ڪن. پڙهندڙن کان وڌيڪ پارکو ٻيو ڪير به ناهي.

**پروفيسر نذير احمد سومرو**
ذوالفقار راشدي اڪيڊمي،
نئون ديرو ضلعو لاڙڪاڻو
چار فيبروري ٻه هزار پنج

# خيرپور ميرس جا پهاڪا ۽ چوڻيون

(مرحوم عبدالرحمٰن چنا صاحب جي ڪاپيءَ تان ڪنيل)

اپريل 2001 ع ڌاري، قاسميہ لائبريريءَ ۾ سائين محمد ادريس سومرو صاحب، ڪچهري ڪندي ٻڌايو: ”ماستر عبدالرحمان چنا، پيرگوٺ واري کي اوهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق آهي! مون کان اوهان جي لاڙڪاڻي واري ايڊريس گهريائين. مون وٽ ڪانہ هئي، تنهنڪري ڪانہ ڏنيمانس!“

”پر! مان تہ ڪيس سڃاڻان ئي ڪونہ!“ حيرت مان ورندي ڏنيانس.

”هتي آيو هيو!“ سائينءَ ڳالهہ کي اڃا ڪندي ٻڌايو: ”ڪيس پهاڪن وغيره گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. گڏ بہ ڪيا اٿائين! اوهان جي شوق بابت ڪيس ٻڌايم تہ ملاقات ڪرڻ لاءِ اشتياق ڏيکاريائين. ايڊريس بہ طلب ڪيائين. مون وٽ نہ هئڻ جي ڪري، پنهنجي ايڊريس ڏئي ويو آهي.“

سائينءَ سندس ايڊريس ڏيندي تاڪيد ڪيو: ”لاڙڪاڻي پهچي ڪيس خط ضرور لکجو!“

لاڙڪاڻي پهچي، حڪم جي تعميل ڪيم. ستت ئي جواب پهتو. ملاقات ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني هئائين.

خط و ڪتابت هلندي رهي. هر خط ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ دعوت ۽ ڇپيل ڪتابن بابت معلومات پوي ڪيائين. انهيءَ دوران، ڪهاڻين جو ڇپيل مجموعو: هٿ جي وڍي، ڪيس موڪليم. پڙهڻ پڄاڻان، ڪتاب جي تعريف بہ ڪيائين ۽ پهاڪن/ چوڻين جي ڪتاب جي تقاضا بہ ڪيائين. پهاڪن بابت ڪو بہ ڪتاب ڇپيل صورت ۾ موجود نہ هئو، جنهنڪري ڪيس موڪلي نہ سگهيس.

جون 2001ع جي شروعاتي تاريخن ۾، رتيديري مان فون آئي. ڳالهائيندڙ بنا تعارف ڪرائڻ جي چيو: ”اوهان سان عبدالرحمان چنا صاحب ڳالهائڻ چاهي ٿو.“

”ملايو!“ ڪيس چيم.

”ڪراڙپ ۽ ضعف اٿم“ عليڪ سليڪ کان پوءِ عبدالرحمان چنا صاحب فون تي چوڻ لڳو، ”ايڏانهن اچي نہ ٿو سگهان، هتي ويجهو پهتو آهيان. ضرور تي وڃو.“

رتوديرو، منهنجي حد نہ هئي. فرصت بہ ڪانہ هئي. تنهنڪري وڃي نہ سگهيس.

جولاءِ ڌاران فون ڪيائين: ”مان مڙهو، پاڻ ڪٺائي لاڙڪاڻي اچان ٿو، ڪٿي ملندئو!“ گهر جي ايڊريس ڏئي چيو مانس: ”اتي واري آفيس ۾ احمد علي مگسيءَ وٽ پهچو“. ساڍس ملاقات ۽ مانيءَ لاءِ هڪ ڪلاڪ، ٽين ڪان چئين تائين، نڪري سگهيو. روبرو پهرين ملاقات هئي. ڪهچري بہ ٿي ۽ پهاڪن/چوڻين جي لغت وارو قلمي مسودو بہ ڪيس ڏيکاري سگهيس. ڏسڻ بعد چيائين: ”اڪر تمام سنها آهن. فوٽو اسٽيٽ ۾ چٽا نہ ايندا. نہ تہ جيڪر فوٽو ڪاپي ڪرائي ڪٽي وڃان ها. افسوس! عمر جي آخري حصي ۾ نظر چٽي ناهي.“

اسي سالن جي عمر هئڻ جي باوجود بنا چشمي جي هليو چليو پئي. جنگهہ ۾ تورو لَڳُ هيس، جنهنڪري هلڻ ۾ تڪليف هيس.

خيالن جي ڏي وٺ دوران خبر پئي تہ پاڻ بہ ڪي ڪتاب سهيڙيا اٿائين، جيڪي ڇپجي نہ سگهيا اٿس. ڏسڻ جي خواهش ڏيکاريمانس تہ خوش بہ ٿيو ۽ دعوت ڏيندي چيائين: ”اوهان منهنجي محنت جو معائنو ضرور ڪيو. ان لاءِ وقت بہ ڪيو! ڪي بہ چار راتون مون وٽ هلي ڪنگريءَ ۾ رهو. منهنجي دعوت بہ قبول ڪيو.“

”ايڏو وقت ڪيڻ مشڪل آهي!“ ڪيس پنهنجي مجبوري ظاهر ڪندي ٻڌايم: ”باقي جڏهن هاڻي ٻيهر پير ڳوٺ وڃو ته هٿ وارا قلمي نسخا ضرور ڪٽي اچجو. رتيديري ۾ ئي ڏسي وٺندا سين .“ ان لاءِ آماده ٿيو ۽ موڪلائي هليو ويو.

ڏهن ڏينهن کان پوءِ رتيديري فون ڪيم. سندس پائٽيي محمد يوسف کنئي. تعارف ڪرايومانس ته يڪدم سهڪندي ٻڌايائين: ”چاچا کي اوهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق هيو. ڪتابن جو ٻورٽو به پير ڳوٺ مان ڪٽي آيو هيو. اوهان کي فون ڪرڻ لاءِ آياسين پئي ته اوچتو دل ۾ سور پيس. پنج منٽ ٿيا جو ٽيڪسي ڪري ڪيس سکر موڪليو اٿم. اتي مهنجو پائٽيو محمد رمضان چنا ڊاڪٽر آهي، ان جي دوا لڳندي اٿس. شام تائين جيڪو احوال مليو، اوهان کي ٻڌائينداسين!“

ٻه ڏينهن رکي ٽيپو لائبريري ڪنگريءَ واري سرنامي تي خط لکيو مانس. موٽ ۾ فون ڪيائين. ٻيهر فون ڪيم ته سندس پائٽين ٻڌايو: ”چاچي جي آخري خواهش آهي ته اوهان مولوي محمد ادريس سان گڏجي هڪ رات لاءِ پير ڳوٺ اچو! اوهان کي اڪين سان ڏسڻ چاهي ٿو ۽ ڪجهري ڪرڻ گهري ٿو“.

سائين ادريس صاحب سان ڪنديارو رابطو ڪيم، رتيديري ۾ محمد يوسف سان ۽ سکر ۾ ڊاڪٽر محمد رمضان چنا سان پڻ رابطو ٿيو.

پروگرام طئي ڪري، ٻئي ڏينهن شام جو سکر پڳاسين. سائين ادريس صاحب نه ملي سگهيو. وڏيڪ نه ترسياسين ۽ نڪري پيا سين. رات ڏاري پير ڳوٺ پهتاسين. محترم عزيزالله عزيز بروهي صاحب، جنهن جو ڪتاب خالق جون سائنسي ڪاريگريون ڇپيل آهي، رات جي نماز تي موجود هيو. ساڻس محمد پور اوڍو ۾ ملاقات پڻ ٿيل هئي. جتي خبر پئي ته سائين عبدالرحمان چنا صاحب جو اصل ڳوٺ به محمد پور اوڍو، تعلقو ڳڙهي خيرو، ضلعو جيڪب آباد هيو. مانيءَ بعد عزيزالله صاحب ته آرامي ٿيو. يارهين ڏاري سائين ادريس صاحب سکر مان ٽيڪسي ڪرائي پڳو. اڌ منو ڪلاڪ گڏيل ڪچهري هلي. بعد ۾ سائين عبدالرحمٰن چنا صاحب سان رات جو ٽين بجي تائين نويڪلي ڪچهري هلي ۽ سندس هٿ لکيل ڪتابن تي ٽيڪاٽپڻي پڻ ٿي.

ساڍين پنجين بجي فجر نماز لاءِ اٿيا سين. چانهه پيتيسين. لائبريري ڏسڻ لاءِ زور پريائين. جيڪا گهر جي ڪوٺ ۾ هئي. پردو ڪرائڻ پڄاڻان، اندر وياسين. ڇهين ڏاري چانهن پي موڪلايوسين. سائين ادريس صاحب سڌو خيرپور ويو. اسان رتيديري پهتاسين جتان ويگن ۾ لاڙڪاڻي اچي پهتم.

هفتي کان پوءِ جمعي جي صبح جو ڇهين بجي ڏاري، رتيديري کان محمد يوسف فون ڪئي: ”چاچو عبدالرحمان چنڊ صاحب خدا تعالي کي پيارو ٿي ويو آهي. انالله وانا اليہ راجعون، جمعي نماز کان اڳ جنازي نماز ٿيندي. اوهان کي اطلاع هجي“.

افسوس! عدم فرصت سبب وڃي نه سگهيس. سندس ياد کي تازو ڪرڻ لاءِ، سندس ئي چوڻين واري نوٽ بوڪ تان ڪجھ چوڻيون ۽ پهاڪا الفابيٽ ترتيب ڏئي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪجن ٿا.

1. **آگرين کي به سَنڌ آهن. (پهاڪو)**

آڱر، جسم جو ننڍو عضوو هئڻ جي باوجود به اجا وڌيڪ حصن ۾ ورهايل آهي. اهو ان لاءِ ته منجهانئس اجا گهڻا فائدا حاصل ڪري سگهجن. هڪ حصو، گهڻن متحد جزن ۾ ورهايل هجي يا

گهڻا جزا متحد ٿي ڪا اڪائي ناهين ته منجهانئن ڪيترائي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا.
هڪ گهر ۾ مختلف طبيعتن جا ڀاتي رهندا آهن. جيڪڏهن هر هڪ پنهنجي طبيعت آهر، مختلف ڪم پاڻ تي ورهائي ڪٽي ۽ سر انجام ڏئي ته گهر جنت ٿي سگهي ٿو.
مطلب (1) اتفاق ۾ برڪت آهي.
(2) سيئي آڱريون پاڻ ۾ برابر ناهن.
(3) سمورا ڀاتر، طبيعتاً هڪجهڙا نه هوندا آهن

## 2. ابو اما، لاطمع. (چوڻي)

دنيا ۾ ابي ۽ امڙ جو واحد رشتو آهي، جنهن تحت اهي بنا لالچ ۽ لوڀ جي ٻچڙي کي پالين، نپائين ۽ تاتي وڏو ڪن ٿا. متس ڪوسو واءُ به نه ٿا سهن. پنهنجي پاڻ کي تڪليف ۾ وجهن ٿا پر ٻچڙي جي هر لحاظ کان حفاظت ڪن ٿا. سندن پيار ۾ ڪو ريب فريب يا ٺڳي ناهي.
مطلب:
(1) والدين، اولاد سان اڻ ميو پيار ڪن ٿا.
(2) لالچ رکي، ماءُ پيءُ نه پاليندا آهن.
(3) ماءُ پيءُ، اولاد ۾ لالچ نه رکندو.
پيتو: اما ابو، بي لبو.

## 3. ابي ڏاڏي ڪار، نا ڇڏجي ناڪئا! (چوڻي)

وڏن جي ڏنتي / ڪِرت کي ڇڏڻ بجاءِ، اڳتي وڌائڻ گهرجي. ڇو جو وڏڙا تجربي ۽ مشاهدي، واسطيداريءَ ۽ ڏيڻ ويٺ سبب، مددگار پڻ ٿي سگهندا. جنهن ڪم ۾ وڏڙن جي مدد شامل هوندي آهي، ان ۾ رب پاڪ به مدد ڪندو آهي. وڏڙن جي رستي کان هٽي ڪيل ڪم ۾ رب طرفان ڪا به مدد شامل نه هوندي آهي. منجهس نقصان پوڻ جا انديشا گهڻا هوندا آهن.
مطلب: وڏن جو ادب ڪجي ۽ سندن چوڻ تي هلجي.

## 4. اتر جو ڏڳو ، لاڙ جو ماڻهو. (چوڻي)

اتر وارا هن ڪهاوت جو مطلب هڪڙو ٿا ڪين ته لاڙ وارا ٻيو. اترادين جو چوڻ آهي: اتر جي ڏڳي ۾ لاڙي ماڻهوءَ جيترو عقل آهي. لاڙ وارن جو چوڻ آهي: اتر ۾ رهندڙ ڏڳي وانگر جسماني طرح طاقتور ۽ ويڙهاڪ آهن پر عقل ۾ گهٽ آهن. سندن پيٽ ۾، لاڙ ۾ ماڻهو ٿا رهن.
هيءَ چوڻي فقط پنهنجي فوقيت ڏيکارڻ لاءِ ٻنهي ڌرين ۾ مشهور آهي.
مطلب (1) چٽر جي طور تي ڪتب ايندڙ ڪهاوت آهي.
(2) لاڙي، اترادي ڏڳي وانگر، تاهڙ هوندا آهن.

## 5. اڄ جو ٻار آئنده جو استاد (چوڻي)

هر ماڻهو، ماءُ جي پيٽان، ٻار جي صورت ۾ جمي ٿو. جسماني طرح توڙي دماغي طرح، ڪمزور هوندو آهي. آهستي آهستي عقل ۽ علم جون منزلون طئي ڪري ٿو. حتيٰ ڪ جيڪو اڄ شاگرد آهي، اهو مستقبل ۾، استادن جي خالي ڪيل جاءِ پُر ڪري ٿو.
مطلب (1) اڄ جي ٻار کي آئنده جو استاد سمجهي، سندس تربيت ۽ ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.
(2) ٻار جي اخلاق تي توجه ڏيڻ، ايندڙ نسل جي اخلاق تي توجه ڏيڻ آهي.
(3) Child is father of man.

### 6. اڄ جي ڳڻتي، اڄ تائين. (چوڻي)

روزي رزق، هر هڪ کي، رب رسائي ٿو. انهيءَ جي رسد لاءِ هڪڙو قانون مقرر ڪيل آهي. ان قانون تحت،انسان کي فقط لوچڻو آهي. روزي رزق، زمين ۾ پکيڙي ڇڏيو اٿائين. چڳڻ لاءِ چنهنب ۽ لوچڻ لاءِ جنگهون پانهون ڏنيون اٿائين. هٿن جا پورهيا، اڄ جي ڏينهن لاءِ ڪرڻ گهرجن. چو جو سڀاڻي وري روزي، رب بئي هٿان ڏيندو.

مطلب (1) مستقبل ۽ اولاد جي آئنده لاءِ ڳڻتي ڪرڻ کان بهتر آهي ته محنت ڪري اڄوڪو ڏينهن چڱو گذارجي. ائين ڪرڻ سان، اڳتي تڪليف نه ايندي.

(2) اٺ وانگر اڳتي ڏسبو ۽ پيرن ۾ نه نهاربو ته پوءِ ٿيڙ ئي کائبا.

(3) اڄ جو ڪم، سڀاڻي تي نه رکجي.

### 7. اڄ عيد، سڀان غيد، پرينهن پچيءَ جا پيالا. (پهاڪو)

عيد، بمشابه خوشيءَ جي آهي. دنيا جي خوشي دائمي ناهي. دنيا ۾ نه خوشي سدائين رهي ٿي ۽ نه وري غم. دنيا جي حياتيءَ ۾، غم ۽ خوشي، ٻئي گڏوگڏ هلن ٿا. ان ڪري سدا لاءِ خوشي خريد ڪرڻ جا خواب نه ڏسڻ گهرجن. نه ئي وري غم اچڻ تي نااميد ٿي ويهي رهجي. البته چڱي جي اميد رکي، اڳتي وڌڻ گهرجي.

مطلب (1) اڄ عيد، سڀان غيد، پرينهن ساڳيا ٽڪر ساڳ سان.

(2) اڄوڪو ڏينهن ڪالهه جهڙو ناهي، سڀاڻڪو ڏينهن اڄ جهڙو ناهي.

(3) اڄوڪو ڏينهن به گذري ويندو.

### 8. اڇي ڪپڙي تي داغ ، جلد چڙهي . (پهاڪو)

داغ، ڇُنو، نشان تڏهن عيان نظر ايندو آهي، جڏهن متضاد رنگ جي مٿان ٿيل هوندو آهي، جيئن اڇي تي ڪارو لڪڻ، ڇنو نظر ايندو آهي. اهڙيءَ طرح اشراف، غلط ڪم ڪندو ته پڌري پٽ هر هڪ کي نظر ايندو. بدمعاش ڪو چڱو ڪم ڪندو ته به هر هڪ جي اک تي چڙهي بيهي رهندو. شريف ماڻهوءَ کي گهرجي ته داغدار ڪن ماحول کان پاسو ڪري. ورنه جلد بدناموسيءَ جي دلدل ۾ ڦاسي ويندو.

مطلب (1) مينهن کي ٿي ڳئونءَ جو پڇ ڪارو نظر ايندو آهي.

(2) شريف ماڻهوءَ جو عيب، هر ڪنهن کي نظر ايندو آهي.

(3). بدمعاش جي چڱائي به هر ڪو پيو واڪاڻيندو آهي.

### 9. ارهه زوارئي ڪرڻ : ڪير ۾ وري وجهڻ. (چوڻي)

ڪير ۾ موري وجهبي ته ڪير ڦٽي ويندو ۽ پيئڻ جي قابل نه رهندو. اهڙيءَ طرح بين سان ڏاڍائي ڪرڻ وارو به ماڻهن جي نظرن ۾ جلد اهميت وڃائي ويهي ٿو. ڪير به ڪيس چڱيءَ نظر سان نه ٿو ڏسي ۽ عام ماڻهن جي نظرن ۾ ڪرڻ کان پوءِ يڪدم اڪيلو ٿيو وڃي ۽ مايوسيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي، ڦتڪي ڦتڪي ساهه ڏئي ٿو.

مطلب (1) ظلم قائم آهي، ظالم قائم ناهي.

(2) ڏاڍائي ڪرڻ سان، سڌريل معاملا به بگڙجندا آهن.

(3) مظلومن سان ڏاڍائي نه ڪجي.

(4)لا تَظلِمُونَ وَلا تُظلَمُونَ.

### 10. استاد، ماءُ پيءُ بجاءِ. ( چوڻي)

ماءُ پيءُ، ڄڻي هيءُ جهان ڏيکارين ٿا. استاد جي ذريعي علم جي اک عطا ٿئي ٿي، جنهن سان ڪتابن جو علم حاصل ٿئي ٿو ۽ دنيا جا راز کُلن ۽ معلوم ٿين ٿا. علم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، دماغ جا طبقا / ڪُپاٽ کلن ٿا ۽ زندگي گهارڻ آسان ٿيو وڃي.

مطلب: (1) والدين جو احسان آهي، جسماني طرح ڄڻڻ. جڏهن ته استاد جو احسان آهي، روحاني طرح پروان چاڙهڻ.

(2 ) استاد جو ادب، دل و جان سان ڪجي.

(3) ماءُ پيءُ عرش تان فرش تي رسائين ٿا. استاد فرش تان ڪڍي عرش تي رسائي ٿو.

### 11. اصل ڪان خطا نه ٿيندي، بد اصل ڪان وفا نه ٿيندي (چوڻي)

اصل، بڻيائتو ماڻهو، هر قدم قوڪي ڪٽندو آهي. هر عام خاص سان سهٽو ورتاءُ رکندو آهي. لالچ ۾ پئي بئي مان مطلب سَرِ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهي. بدمعاش / لچ، هميشه مطلب حاصل ڪرڻ جي پويان هوندو آهي. وٽس شناس ۽ سڃاڻپ جي اک نه هندي آهي. جڏهن به موقعو ملندس، ڪوچرائپ ڪندي دير نه ڪندو.

مطلب: (1). اشرف مهل نه وڄائيندو. بدمعاش مهل تي ڏک پٽيندو.

(2). خانداني ماڻهو دوکو نه ڏيندو ۽ ڪميڻي مان چڱائي ڪين ٿيندي.

### 12. اک لهي لک، نم لهي نيل، پپل لهي پدم، ٻڙ جي بها ئي ڪانهي. (چوڻي)

خدا پاڪ دنيا ۾ ڪا به شيءِ بيڪار/ بي سود ۽ اجائي نه خلقي آهي. هر هڪ مان ڪونه ڪو ڪارج ضرور ٿئي ٿو . انسان ۽ جنّ کي فقط پنهنجي عبادت لاءِ خلقيو اٿائين . جڏهن ته بي ساري مخلوق انسان جي فائدي ڪاڻ خلقيل آهي ۽ انهيءَ کي انسان آڏو مسخر ۽ مطيع به ڪيو ويو آهي.

اک ، نم ، پپر ۽ ٻڙ وغيره ۾ به انسان لاءِ فائدو رکيو ويو آهي. حڪيم ۽ طبيب، ماهر ۽ ڄاڻو، ڪن مرضن جو علاج جڙي ٻوٽين ذريعي ڪن ٿا. سان انسان کي قيمتي فائدو پهچي ٿو.

مطلب: (1) ڪابه شيءِ بيڪار پيدا نه ڪئي وئي آهي.

(2) هر ڪنهن شيءِ ۾ ڪا نه ڪا خاصيت / خوبي ضرور آهي.

### 13. اک ۾ وَرُ ، ٻار ۾ وَرُ (چوڻي)

ٻار، ناتجربيڪار ۽ غير آزمودگار هئڻ سبب، صحيح فيصلا نه ڪري سگهندو آهي. ڪيس صحيح دڳ لائڻ لاءِ، والدين جي رهنمائيءَ جي هر وقت ضرورت رهندي آهي.

انساني سياءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکيل آهي. ڪم هجي نه هجي، ضرورت هجي نه هجي پر ماڻهوءَ جو هٿ چرپر ۾ ضرور رهي ٿو. ائين فطري طور تي آهي. ان فطري چرپر کي ، ڪارآمد بنائڻ لاءِ دماغ ۽ سوچ جي ضرورت آهي. ٻار وٽ اها گهٽ هوندي آهي. والدين کي متس ڪَرڙي نظر رکڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪيس اک ۾ نه رکندا ته لامحاله سندس اُڌرڻ جا ذميوار به خود ئي هوندا.

مطلب: (1). ٻار، مڇ جو وار . جيئن وار، تيئن وري .

(2) ٻار تي نظر نه رکبي ته اُڌري ويندو.

### 14. اڳيان پي ، پويان سور . (چوڻي)

مرد کي لاڳيتين چئن شادين ڪرڻ تائين اختيار مليل آهي، جڏهن ته عورت کي نه آهي. چو جو مرد وري به چئن عورت سان وقت گذاري ويندو . جڏهن ته عورت ويچاري هڪڙي مرد کان ٹُٽڻ بعد جڏهن ٻئي وٽ پهچي ٿي ته سندس مقام اهو نه ٿو رهي. احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي. ڪيس پهريون مڙس ، مڙس ۽ پويون مڙس، سور ئي سور نظر ايندو آهي.

مطلب (1) عورت لاءِ مڙس پهريون ، پويون رڳو سور.

(2) ور ته پهريون ور، ٻيو آهي ڪارنهن جو نڪر.

(3) ٻئي مڙس واري سدائين چوندي: "هاءِ ! پهريان مڙس!"

**15. اما ابو، ٻي لبو (چوڻي)**

لب ۽ لالچ مائٽ / والدين نه رکندا آهن. نه ئي لالچ رکي پاليندا آهن ۽ نه ئي وري لالچ رکي پاڙهيندا آهن. جيڪڏهن نه پڙهڻ تان مار / مهميز به ڏيندا آهن ته اها به اولاد جي ڀلي لاءِ ته جيئن پڙهي پنهنجي پيرن تي بيهي ۽ مستقبل ۾ جڏهن پاڻ هن دنيا ۾ نه هوندا، تڏهن ٻين جو محتاج نه ٿئي.

مطلب (1) والدين، اولاد کي غرض خاطر نه بلڪ آسيس ۽ خوشيءَ خاطر پالي وڏو ڪندا آهن.

(2) ٻچن کي پالڻ يا ساڻن متا ڪتا ڏيڻ ۾ ئي والدين کي آنند / سرور ايندو آهي.

پيتيو: ابو اما، لا طمع

**16. اميد واري وٽان ، نااميد نه ٿيو آهي. نا اميد واري وٽان ، اميدون پوريون نه ٿينديون آهن. (چوڻي)**

اميدون پوريون ڪرڻ واري ذات، فقط الله جل جلاله جي آهي . انسان ويچارو ته پاڻ ئي محتاج آهي. اهو ڪٿان اميدون پوريون ڪندو؟ انسانن ۾ اميد رکڻ احمقائپ آهي . رب جي رحمت مان نا اميد ٿيڻ چسائپ ۽ ڪفر آهي. ماڻهو هڪ دفعو ڏيندا ، ٻه دفعا ڏيندا ، پر سدائينءَ لاءِ نه ڏيندا . رب ستار آهي، ڏئي نه پچاريندو آهي. نه گهرڻ تي ناراض ٿيندو آهي.

مطلب (1) نه انسانن ۾ اميد رکجي ۽ نه رب جي رحمت مان نا اميد ٿجي.

(2) چڱي مان چڱائي ٿيندي، مَدي مان گذا نه ٿيندي.

پيتيو: اصل کان خطا نه ٿيندي، بداصل کان وفا نه ٿيندي.

**17. اڻ گهريئي ملي ته کير، گهرئي ملي ته نير ، ظلم سان ملي ته خنزير . (چوڻي)**

دنيا جي تختي تي موڪلڻ کان اڳ ، هر ماڻهوءَ جو نصيب لکو ويو آهي. ڪيس نصيب آهر هر شيءِ ملي ٿي، صبر سان ڪيس، حلال ٿي ملي ٿي . جڏهن ته تڪڙ ڪري حاصل ڪرڻ سان ، حرام ٿيو وڃيس. بنا گهرڻ جي ۽ صبر سان مليل شيءِ ، کير وانگر لذيذ ۽ لذت واري هوندي آهي. گهري ورتل يا ابهرائپ سان حاصل ڪيل پاڻيءَ وانگر آهي. ڇِني / ڦُري ورتل، سوئر جي گوشت وانگر حرام آهي.

مطلب: (1) حاصل ڪرڻ لاءِ صبر کان ڪم ونجي.

(2) رضا سان چڙهي آيل ٻوٽي نه ڇڏجي .

(3) اڻ مانگئي ملي ته کير، مانگئي ملي ته نير، ڦريي ملي ته خنزير.

(4) جو هان ڪري اس ڪو ڇوڙو نهين، جو نان ڪري اس ڪو ڇيڙو نهين (اردو)

**18. اوڙر جا پيٽا به پَڻ پون. (چوڻي)**

قرض (اوڌر) وٺڻ سولو، موٽائڻ ڏکيو آهي. پيسا وني خرچڻ / کپائڻ آسان ڪم آهي، جڏهن ته پورهيا ڪري / پيسا موٽائڻ ڏکيو ڪم آهي. آسانيءَ سان پيسا مڙندا ناهن جو قرض لاهي ونجي . موٽائڻ ۾ دير سبب، دوستيون ۽ ياريون، مٽيون ۽ مائٽيون ، شڪ جي نظر تي ، ٽُٽي ڦِٽي ۽ اهنج و اهنج تي ويندڀون آهن.

مطلب : (1) اوڌر وٺڻ يا قرض کڻڻ کان هميشہ پاسو ڪجي، پنهنجي سوڙي پوتي ڪمائيءَ مان گذر ڪرڻ ۾ ئي سک آهي.

(2) اڌار، محبت لاءِ قينچي.

(3) قرض، آ مرض

**19. اهو پاڙهيو ئي گڏِ پوي ، جو چورا ڪاري . (پهاڪو)**

پاڙهيو ، پاڙهيندڙ / استاد / رهبر، تعليم ڏيڻ يا سيکارڻ لاءِ رکيو آهي. جيڪو پڙهائڻ بجاءِ ، پار ڪاري تنهن جي پڙهائڻ کان پيننگ پلي آهي.

جڏهن ڪو ماڻهو منزل مقصود جي رستي تي راهي ٿيڻ بجاءِ بي راهه روي ڪندو آهي ته ٻين کي پڻ گمراهه ڪندو آهي. ان مان وڏا نقصان ٿيندا آهن. اهڙيءَ صورتحال ۾ سندس پيروي نہ ڪجي.

مطلب: (1) اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن چني.

(2) ڪَئَرَ پنهنجو تہ هاري، ٻيءَ کي بہ ڪاري.

**20. اهي ڳري ڪين ڳرن ، جي قائم رهن ڪير سان . (چوڻي)**

پٿر/ پاتال ۾ مضبوطيءَ سان پکڙڻ لاءِ ڪوڙيل لوهي سيخ کي ڪير ڪونبو آهي. جنڊ جي هينئين پڙ ۾ لڳل ايي سيخ، مٿئين پڙ کي هڪ هنڌ قائم رکڻ لاءِ لڳندي آهي. ارڏن گهوڙن کي ٿانيڪو ڪرڻ لاءِ لوهي ڪل / ڪير زمين ۾ کوڙڻو پوندو آهي. وڏ ماڙ جاين جو وزن لوهہ، سيمينٽ ۽ ڪانڪريٽ ذريعي جڙيل پلرن ۽ ڪيرن جي مدد سان ، سخت (firm) زمين تائين منتقل (transmit) ڪيو ويندو آهي. اهڙيون جايون جلد نہ ويندڀون آهن.

مطلب : (1) جن جو ڳانڍاپو ، طاقت وارن سان آهي، تن کي ڌوڏڻ پڻ ڏکيو آهي.

(2) جنهن جو ڪيرو قائم، تنهن کي نہ پيئو نہ پولو.

(3) وچ ، ڪڏندي آهي ڪير آهر.

**21. بختاور سو ، جنهن جي گهر مهمان آيو . (چوڻي)**

مهمان ، بخت جي نشاني آهي ۽ پنهنجي روزي پاڻ کڻي ايندو آهي. سندس صدقي آيل روزيءَ / روٽيءَ مان ميزبان بہ کائيندا آهن . جن جي در تي ڪتو بہ نہ تو لڙي ، سي آخر بکون ڪاٽين ٿا. ڪتو بہ ، سکيئي ستابي ۽ سخيءَ جي در تي اچي ڪرندو آهي. مهمان تہ وري بہ عزت وارا هوندا آهن ۽ عزت وارن وٽ ئي لڙي ايندا آهن.

مطلب: (1) مهمان جي اچڻ سان ، بخت بہ اچي ٿو.

(2) مهمان ، بختاورن ڏي ايندا آهن.

**22. بزدلي، غربت جي پيڙ (چوڻي)**

غريب ماڻهو، هر ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان پيو لهرائيندو آهي . جڏهن تہ دنيا ۾ فائدو ان کي حاصل ٿيندو آهي، جيڪو دل جهلي ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي . غريب ماڻهو ، سجآئيءَ جي ڪري ۽ نقصان جي انديشن / انومانن سبب، ڪنهن بہ مهم ۾ هٿ نہ وجهندو آهي. انهيءَ بزدليءَ سبب ،

غربت جي دلدل ۾ ڏينهون ڏينهن ڌڪبو ويندو آهي.
مطلب (1): امير، پئسي جي ڏِوَ / ٻَلَ تي وڏن جوکم جهڙن ڪمن ۾ هٿ وجهندي ڪين ڪيٻائيندو ۽ غريب ٻُڏي پيو ٿهندو.
(2) سچو، ڊچڻو ٿيندو آهي.
(3) غريب جي ماءُ ، رَنَ آهي.

**23. بندو اپاءُ ڪري ، ڏٽي شفاءُ ڪري . (پهاڪو)**

هر شيءِ جو خالق ۽ مالڪ الله آهي. بيماري به پاڻ خلقي اٿائين ته علاج به پاڻ تو ڄاڻي . بيماري جنهن شيءِ سان لهي ٿي، ان ۾ به اها خاصيت پاڻ رکي اٿائين. ٻانهي جو ڪم آهي فقط اپاءُ وٺڻ، منجهانئن فائدا / نقصان ، رب جي مرضيءَ ۽ حڪمت تحت ٿين ٿا. نتيجا انسان جي اختيار ۾ ناهن . سندس هٿ وس فقط مرحمت فرمايل وسيلا استعمال ڪرڻ آهي.
مطلب: (1) علاج ڪرڻ ٻانهي جو ڪم ، شفا ڏيڻ مالڪ جو ڪم.
(2) تدبير ڪند بنده ، تقدير ڪند خنده.

**24. بيماري ايندي آ ڊڪ ، ويندي آ وک ، (چوڻي/ پهاڪو)**

نقصان ۽ بيماري ، بربادي ۽ تباهي وغيره اک چنبي ۾ ٿينديون آهن جڏهن ته آبادي ۽ صحت وڏي محنت ۽ وقت ڏيڻ ڪان پوءِ حاصل ٿينديون آهن . انسان ويچارو پيدا ئي مرڻ لاءِ ٿيو آهي ۽ دنيا جي هر شيءِ پڻ نهي ئي ڊهڻ لاءِ آهي. ڍاهڻ لاءِ ، ضروري ناهي ته ڪي وسيلا استعمال ڪجن . جڳهه ۾ رهڻ ڇڏي ڏيو ته به هوائن ۾ آنڌل دز، زميني پاڻيءَ جي سيمي / سيڪ ، اڏوهيءَ ۽ چمڙن وغيره جي واسو ڪرڻ سان جلد ڊهي اچي پٽ پوندي . جڏهن ته ان کي سلامت رکڻ لاءِ سنڀال سان گڏ اپاءُ وٺڻ پڻ لازمي آهن.
انساني صحت به ائين آهي. خيال رکبس ته وقتي برقرار رهندي. هٿ ڪيبس ته جسم لاغر ٿي ويندو . وري سڌارڻ لاءِ آهستي آهستي سڌرندو . اهو به تڏهن جڏهن پئسو ۽ توجهه ، وقت ۽ محنت وغيره استعمال ڪبا.
مطلب : (1) نقصان جلدي پهچي ، تدارڪ آهستي آهستي ٿئي.
(2) بيماري اچي جبل وانگر، وڃي جوڻءَ وانگر.

**25. ٻاهريان اڇٽا وچٽا، ٽڙُ راضي رکجي. (چوڻي)**

اوطاق يا شاديءَ جي ڪاڄ ۾، ڪانڌيا ۽ ري- ڪانڌيا گهڻا، اچي سهڙندا آهن. خيال ته مڙني جو ڪرڻ گهرجي . وقت آهر بلا امتياز مانُ / ماني ۽ جيءَ ۾ جايون ڏجن. ڪنهن مجبوريءَ تحت، هڪ ڙر ڪي وڌيڪ رکڻ ضروري هجي ته پوءِ رشتيدارن جو خيال وڌيڪ ڪرڻ گهرجي. ڏاريا امير، پنهنجي غريب مائٽ جيترو ڪم نه ايندا . پنهنجن جو خيال / مانُ ، پراون جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪرڻ، شان ۽ شوڪت، عزت ۽ مرتبي وارو ڪم آهي. ان ۾ رعب ۽ دٻدٻو، هيبت ۽ حشمت آهي.
پنهنجن جي گهٽتائي ڪرڻ سان ، پنهنجا ته رسي ويندا پر اهي حال ڏسي پراوا به پنهنجا نه ٿيندا.
مطلب: (1) هر حال ۾ رشتيدارن / عزيزن کي مانُ / عزت ڏيڻ گهرجي.
(2) شاديءَ غميءَ ۾ ، مٽ عزيز کي وڌيڪ مانُ ڏجي.

**26. ٻني ۽ وني ، ڪنهن پاڙيي جي پيلبي آهي . (چوڻي/پهاڪو)**

عزت ۽ غيرت وارا، ٻنيءَ کي وني ۽ وني‌ءَ کي ٻنيءَ وانگر سمجهندا آهن. متن جان لتائيندي دير

نہ ڪندا آهن. بزدل ۽ گيدي، لوبي ۽ لالچي ، ٻنهي کي گهڻ نگاهہ سان ڏسندا آهن، پنهنجي ٻنيءَ ۾ پاڻ هَرُ نہ ڪاهيندا آهن. جنهن سببان بيا اچي مالڪي ڪندا آهن ۽ هَرَ جوٽيندا آهن. ڇو جو ٻنيءَ ۾ ڪاهيندڙ هاريءَ لاءِ، پاڻ ڏانهن ڇڪڻ واري فطري ڪشش رکيل آهي. هر ڪنهن جي، پرائيءَ ٻنيءَ / ونيءَ ڏانهن نگاهہ ضرور ويندي آهي.

مطلب: (1) غيرت وارا ، عزتن تي جان بہ لٽائي ڇڏيندا آهن.

(2) بي غيرت جو مال ۽ عزت لٽبي رهندي آهي.

(3) مال صدقو جان جو، جان صدقو شان / عزت جو.

## 27. ياڙي، پڇڙو (چوڻي)

ياڙِ : پڳڙن / ڦلن پُڄڻ واري نڪر جي تئي ، جنهن جو ترو پُٺو / پُرڪٺو، ٽاڪئون ۽ ڪمزور هوندو آهي. ڪمزور ۽ بزدل کي بہ ان نسبت سان ياڙي / ياڙيو سڏيو ويند آهي.

دنيا جا ڪم ، همت ۽ دليريءَ سان سَرِ ڪري سگهبا آهن. پير ڪوڙي ميدان ۾ بيهبو، تڏهن فتح حاصل ٿيندي. ڏڙڪي آڏو ڏجي ميدان ڇڏڻ ۾ ، بزدلي ۽ گيدي پڻو آهي. جيڪو ميدان مارڻ بجاءِ ، منجهائنس ڪڙين تي زور رکي، پوئين پير پڇي ، سو بزدل ۽ ياڙي / ياڙيو سڏبو آهي.

مطلب

(1) بزدل، هميشہ ميدان خالي ڪري ڀڄندا آهن.

(2) بزدل، ڪنهن بہ مهم ۾ هٿ وجهڻ کان ڪيٻائيندو آهي.

## 28. ياڙيي ياءُ کان، ڪٽ خالي ڀلي. (پهاڪو)

ياڙيو: بزدل يا ڏڄڻو ڪنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان وينو ڪيٻائيندو . طاقت هوندي بہ جسماني ڪم نہ ڪندو . پئسي هوندي، سيڙائڻ کان پيو لنوائيندو . جڏهن تہ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي، سيڙپ ڪرڻ ۾ آهي. وقت، جان ۽ مال ڪنهن بہ ڏنڌي ۾ توڪل ڪري لڳائبو تہ منافعو ضرور ٿيندو.

ماڻهوءَ جي ناڪاميءَ جي شروعات ، بزدليءَ کان ٿيندي آهي. پهرين ماڻهو بزدل ٿيندو آهي. پوءِ هر ڪم مان ڏجي هٿ ڪڍندو آهي. وڏن کان ورثي ۾ مليل زمين / ٻنيءَ جا بہ بيا هسوار تي ويندا اٿس. ان ڪري بزدل ماڻهو، ياءُ ئي نہ هجي تہ چڱو آهي.

مطلب :(1) بي همت ٻندو ، بيزار خدا.

(2). ياڙيو، ياءُ بہ چڱو ناهي.

(3) پٽ ۽ گهوڙا ، ارڏا ڀلا.

## 29. پٽ آئري تي ويندي آهي. (پهاڪو)

هر اڏاوت، زمين جي مٿان جڙندي آهي. زمين تي اڏاوت جو سڌو سنئون وزن وجهبو تہ زمين جي مٿاڇري جي ڪَچَ-پڪائيءَ سبب ڪٿي ڪٿي جهڪي (Un-even settlement) بہ سگهي ٿو . ان لاءِ ضروري آهي تہ زمين جو مٿيون گهٽ ڊبيل تَهُ (Less Compacted layer) هٽائي ، پوءِ عمارت (edifice) ڪڙي ڪجي . ضروري ناهي تہ سمورو تَهُ هٽائجي . ان سان وري ظاهر ٿيل تَهُ بہ ڪَچَ-پڪو تي سگهي ٿو. سولو طريقو اهو آهي تہ پهرين پٽين جي ماپ سنئين آئرا (چريون) کوٽجن، پوءِ اڏاوت (construction) ڪجي. آئرا گهرا هوندا تہ اڏاوت (building) مضبوط بيهندي ۽ جيڪڏهن آئرا ٽيڙا ۽ ننڍا هوندا تہ پٽ ٽيڙي ، هڪ پاسي اوهاريل/ لڙيل هوندي ۽ گهٽي اوچي ڪٽي نہ

ڳهي.
مطلب : (1) اولاد والدين تي اَڌَ ڇڪيندو آهي.
(2) استاد محنتي هوندو ته شاگرد به سنا هوشيار هوندا.

30. پَٽَ پٽِ تائين ، چانور چانئٺ تائين ، جوئر درياه پَرِ تائين ، ڪڻڪ درياه جي اوٺ موٺ تائين . (چوڻي)

چانور ، ڪڻڪ ، سانئون يا جوئر وغيره جي ڏاري منجهان لُپريءَ وانگر رذيل نمڪين سيري کي پَٽُ چئبو آهي . جيڪو رڌڻ ۽ ورهائڻ ، پائڻ ۽ هضم ڪرڻ آسان آهي . آسانيءَ جو مثال ، گهر جي ڪمري جي پٽ وانگر آهي . جڏهن ته چانورن يا پلاءَ لاءِ چانئٺ جيترو پنڌ ڪرڻ مترادف آهي. جوئر ملڻ ڏکي ، منجهانئس ماني پچائڻ اجا ڏکي . جڏهن ته کائڻ ۾ زود هضم ۽ سوادي . ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ درياه جي پر تائين وڃڻ / پنڌ ڪرڻ ۾ ڪو عيب ناهي. ان جي پيٽ ۾ ڪڻڪ جهڙي سوادي اَنّ لاءِ درياهه جي آرپار اچڻ وڃڻ کا وڏي قيمت ناهي. ڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ داڻي خاطر، آدم عليه السلام جنت ڇڏي ، ۽ دنيا ۾ آيو .
مطلب : ڪڻڪ جي اَنّ کي ٻين اناجن مٿان فوقيت حاصل آهي .

31. پَٽَ جي آسري، درياه ۾ نه گهڙجي . (پهاڪو)

درياه ۾ گهڙڻ ، ڏکيو ۽ کُڏو ڪم ڪرڻ برابر آهي . ان سان جيءَ کي جنجل ۾ وجهڻو آهي. پَٽُ ، پيٽ ڪتي کي پادر هٽڻ لاءِ ترت علاج آهي. ان خاطر ، درياه پار ڪرڻ جهڙا جوکم ڪٺڻ ۽ جُهد پٺڻ عقلمنديءَ جي ڳالهه ناهي . ڇو جو روزي رزق جو ذمو، رب پاڪ پاڻ تي کنيو آهي. اهو هر هنڌ روزي رزق پهچائي ٿو.
مطلب : پيٽ خاطر، کڏو ڪم نه ڪجي.

32. پونگا جنين پينگ، سڄڻ تنين سامهون . (پهاڪو)

هٿ ۾ به شيون، هڪ ئي وقت ڏکيون اينديون آهن . دنيا هٿ ايندي ته آخرت هٿان نڪرندي ويندي . آخرت سنوارڻ جي ڪوشش ڪبي ته دنيا تان هٿ ڪڻٽو پوندو.
زماني جي عشق جو به ساڳيو حال آهي. دنيا جو عشق، ڪنهن کي به راس نه آيو آهي. جيڪي عاشق ، قصن ۽ داستانن جي صورت ۾ زنده آهن، سي محبت ماڻي نه سگهيا ۽ وقت کان اڳ مري، پاڻ کي زنده جاويد ڪري ويا.
مطلب: عشق ۾ سڀ ڪجهه لٽائيندڙ ئي ڪاميابي ماڻين ٿا.

33. پونءِ ڦِرندي ، ياڳ لڳي . (چوڻي)

جنهن پونءِ / زمين تي ماڻهو جائو آهي. ضروري ناهي ته سندس ياڳ به اتي ئي جائو هجي. هجرت ڪرڻ سان به پنهنجي ياڳ / رزق کي چڱيءَ طرح حاصل ڪري سگهبو آهي. حڪم به آهي ته ”روزي رزق حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ پکڙجي وڃو“.
جيڪي رب تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ۾ ، سندس جوڙيل ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويا، تن ان جي نعمتن کي اکين سان ڏٺو ۽ هٿن سان حاصل ڪيو. آخرت به سنوارياءون ۽ دنيا ۾ به خوش و خرم ۽ سوڀارا رهيا.
مطلب (1) حرڪت ۾ برڪت آهي.
(2) سفر ڪرڻ سان ، روزي رزق ۾ برڪت پوي ٿي.

(3) چرپر ۾ حياتي آهي.
پيٽيو: سفر ، وسيلہ ظفر.

**34. ٽر ڏلهي تہ سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي تہ ڪير جهلي؟ (چوٽي/پهاڪو)**

ٽر جو علائقو ، وُٺي تي آباد ٿئي ٿو . جڏهن تہ سنڌ جو سنئون سڌو علائقو نهري ۽ زميني آبي ذخيرن تي آباد ٿئي ٿو. برساتن نہ پوڻ جي صورت ۾ ، ٽر ۾ قحط پوندو آهي ۽ اتان جا اصلي باشندا بہ سنڌ ڏانهن رخ رکندا آهن ، جتي ڪين پنهنجي سِرَ بچائڻ لاءِ انّ پاڻي ۽ مال لاءِ چارو ملي ويند آهي. سنڌ جي علائقي ۽ وسيلن ۾ ايتري ڪشادگي آهي جو قحط دوران ٿرين جي سَٽَ سهي سگهندا آهن . جيڪڏهن سنڌ ۾ بہ قحط پوي تہ پوءِ آفت سٽيل ٿري تہ نهيو پر سنڌ جا اصل باشندا بہ ان جي لپيٽ ۾ اچي وڃن . سيني لاءِ پنهنجي جان بچائڻ بہ موراڳو مشڪل ٿيو وڃي . ان صورت ۾ اهي لاچار ڪيڏانهن وڃن؟!

مطلب: ننڍن ڪي پيل نقصان وڏا برداشت ڪن . وڏن ڪي پيل نقصان ڪير برداشت ڪري؟!

**35. ٽَڪُ ۽ وِڪَ ، مڙسن ڪان نہ وسرندا آهن . (چوٽي)**

ٽڪ ، ٽڪاوت مڙسن لاءِ عيب سمان آهي . جنهن جڳهہ تي ٽڪجي ۽ هاري بينا هوندا، اها جاءِ ياعمر ڪانئن ڪين وسرندي . اهڙيءَ طرح جتي وِڪَ يا ڳرو قدم ڪنيو هونداٺون سو بہ ڪانئن ڪين وسرندو ، ان ڪي بہ عمر جي آخري ايامن ۾ ساري پيا سرها ٿيندا.

مطلب: بيعزتي ۽ پنڌ ، مڙسن ڪان نہ وسرندا آهن.

**36. ٽُنڊن ۾ مَنڊو، پهلون. (پهاڪو)**

ٽُنڊو ، هٿن ڪان معذور ماڻهو هر جاءِ تي پهچي وڃي ٿو ، پر ڪم نہ ڪري سگهڻ سبب ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي. ڇو جو هر ڪم هٿن سان ٿيندو آهي . ان جي برعڪس منڊو ، ڄنگهن ڪان معذور هئڻ سبب ٻين جي سهاري گهران ڪم جي جاءِ تي پهچي ٿو، مگر هٿ سجا هئڻ سبب، پنهنجي حصي جو ڪم وقت اندر اُڪلايو وڃي . ان ڪري سندس ماڻُ ، ٽنڊي ڪان وڌيڪ آهي.

مطلب: (1) سست سچي ڪان ، محنتي معذور چڱو.
(2) انڌن ۾ ڪاڻو، راجا
(3) جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو بہ درخت.

**37. ٽوٽي پٽ چوندو: ”ابي جو ٻج نہ ملي تہ هر ڪاهڻ ڪان ڇٽي پوان“. (پهاڪو)**

هڪڙي هاريءَ پٽ کي چيو، ”ابا ! زميندار ڪان ٻِجُ وٺي اچ تہ هَرُ ڪاهي، زمين ۾ ڇٽيون“.
پُٽُ جڏهن زميندار وٽ ويو، تڏهن ڪيس چيائين: ”ابي ٻج لاءِ موڪليو آهي. جيڪڏهن اچ نہ ٿو تي سگهي تہ پلا ٻئي دفعي ئي ڏجو“.
”سست ۽ نڪمو پٽ ئي چوندو آهي“ زميندار ٽوڪيندي چيس: ”ابي جو ٻج نہ ملي تہ هر ڪاهڻ ڪان ڇٽي پوان“.

مطلب : سست / ڪاهل پٽ چوندو: ”ابي جو ٻج ڪلر نہ ملي تہ ڳڏه تي چڙهي پيو گهمان“.

**38. پَٽِ واري جهڙو ڪو شاهوڪار ڪونهي. ٻي پٽيي جهڙو ڪو سڃو ڪونهي . (چوٽي)**

دنيا ۾ ڪار وهنوار مان اهو ڪمائي ٿو جنهن جي مارڪيٽ ۾ ساک وينل آهي. جنهن جي ساک ، ڏيتيءَ ليتيءَ يا ڪسي مال سبب، خراب ٿيل آهي ، تنهن ڪان ڪير بہ سودو نہ وٺندو آهي ۽ نہ ئي ڪو وڏو دڪاندار ڪيس هٿ هلائڻ لاءِ رکت تي مال ڏيندو آهي.

مطلب:(1) نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي، نالي چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي.
(2) ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو انحصار ، ڪارِ- پت تي آهي.

**39. پناڻن آئي ، پارسي وسريو وجي (پهاڪو)**

پناڻ، مغل گڏيل هندستان جا حڪمران رهيا آهن. فارسيءَ جا مها ڄاڻو ۽ قدردان هئا. سندن آڏو فارسي علوم جا وڏا ڄاڻو ۽ مدبر ويهندا هئا . چڱن ڀلن ڪان، سندن آڏو فارسي وسري ويندي هئي.

عالمن آڏو، ڳالهائڻ لاءِ بہ علم ڪپي . جاهلن آڏو ڏاڍيان ڳالهائيندڙ جي ، عالمن آڏو پهچڻ ڪانپوءِ بولتي بند ٿي ويندي آهي ۽ مغز مان هوا نڪري ويندي آهي.

مطلب (1) ڄاڻو اچن ، جاهل ڀڄي وڃن.
(2) مغلن آئي، پارسي وسريو وڃي.
(3) حق اچي، ناحق ڀڄي وڃي.

**40. پني مارِ ، پيٽ نہ مار . (چوڻي/ پهاڪو)**

پيٽ هر ساهدار سان لڳل آهي. هر ڪو ان جي پرڻ جي جستجوءَ ۾ لڳل آهي. اها لوري ڪيس محنت ڪرائي ٿي ۽ وزن ڊورائي ٿي. پيٽ خاطر، خوشيءَ خوشيءَ جانور تہ ڇا ماڻهو بہ وزن کڻي ٿو وڃي . ان جي برعڪس، پيٽ لاءِ ڪجهہ نہ ملي ۽ محنت لاءِ حڪم ٿئي تہ ڪير بہ ڪم نہ ڪندو . مار جي ڀَوَ ڪان ڪير ڪم تہ ڪندو پر جيڪا آهہ سندس دل مان نڪرندي سا عرش کي لرزائي وجهندي.

مطلب: (1) ڪنهن جي روزيءَ تي لت نہ رکجي.
(2) جانور تي وزن ڀلي رکجي پر ڪيس بکيو نہ رکجي .
(3) پيٽ پر ، پني لڏ .

**41. پڇن ، سي پسن . (چوڻي)**

ضروري ناهي تہ ماڻهوءَ کي مڙئي علوم معلوم هجن. ڪيس هر ڳالهہ جا سمورا گوشا معلوم نہ هوندا آهن. جنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهڻو هجي، ان بابت پڇڻ ۾ ڪو عيب ناهي. پڇڻ سان ماڻهو گهڻين غلطين ڪان بچي سگهندو آهي. نہ پڇڻ جي صورت ۾ جيڪي غلطيون ٿين ٿيون ، تن جو ازالو تہ ناهي، هتائين خلق خواري آهي. پڇڻ سبب، ٻڌائيندڙ / رهبرن جي راءِ شامل هجي ٿي ۽ رب پاڪ طرفان مدد پڻ . نہ پڇڻ سبب، نہ مدد پهچي ٿي ۽ نہ ئي ماڻهن جون دليون نرمل رهن ٿيون. جنهن سبب ڪيترين ئي خرابيون پيدا ٿين ٿيون.

مطلب:

(1) پڇندڙ پسندڙ.
(2) پڇندڙ نہ منجهندڙ

**42. پڇن، سي وير . (چوڻي)**

پڇڻ سبب ، ٻين ماڻهن جي راءِ ۽ نرمل دل ، شامل حال رهندي آهي. ربّ پاڪ جي مدد پڻ انهيءَ ۾ پهچندي آهي. جنهن سان ايترو سهڪار ٿئي ، تنهن جا سمورا ڪم، خير خوبيءَ سان پورا ٿيندا آهن . ڪاميابيون قدم چمنديون اٿس. هر ميدان ۾ ڪاميابي ماڻڻ سبب، وير/ شاهمير هوندو آهي.

مطلب:

(1) پچندڙ، ڪاميابي ماڻيندڙ هوندو آهي.
(2). مشوري سان ڪيل ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي.

**43. پگهر نڪرڻ بنا ، پئسو نه ٿو ملي . (چوڻي)**

پگهر، محنت ڪرڻ سان نڪرندو آهي. محنت ڪرڻ ، ڪم ڪرڻ جي نشاني آهي. ڪم ڪار ڪرڻ وارو چاهي پنهنجي گهر جو ڪم ڪري يا ٻئي جو ٻيلپو ڪري، محنتاڻو ضرور لهڻي . مزوري، دولت جي صورت ۾ ئي بچي / وڌي ٿي.
مطلب : محنت ڪانسواءِ، نه ملڪيت مڙي ٿي ۽ نه ئي بچي يا وڌي ٿي.

**44. پنهنجو ڪٽ تي ويهاري ، ڌاريو ويهاري ڪيڙهيءَ ۾ ، ته به ڪيڙهي واهه واهه . (پهاڪو)**

پنهنجي ماڻهوءَ مان هر ڪنهن کي هر معاملي ۾ ڌارين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آسرو هوندو آهي. ڌاريي مان چڱائيءَ جي اميد، پنهنجي جي ڀيٽ ۾، گهٽ هوندي آهي. پنهنجو عزت ڏئي کٽ تي ويهاري، ان ۾ ايتري عزت محسوس نه ٿيندي آهي ، جيتري ڌاريي طرفان پٽ تي ويهارڻ ۾ حاصل ٿيندي آهي.
مطلب : پنهنجن جي چڱاين ۾ به عيب، ڌارين جي برائيءَ ۾ به گڻ / اصول پيا نظر ايندا آهن.

**45. پوک جي هڪ آهي ڪيڙي، ٻي آهي ميڙي . (پهاڪو/ چوڻي)**

فصل، زمين ۾ تڏهن پلو جاپندو، جڏهن اها چڱيءَ طرح ڪِڙيل هوندي. اندر ڊبيل مٽيءَ کي، هوا اندر موجود نائٽروجن، جيڪا فصل لاءِ ٻاڻ طور ڪم ايندي آهي، آسانيءَ سان نه ٿي ملي. هَرَ ذريعي زمين کي اٿلائي ڏيڻ سان، مٽيءَ جو هر ذرو کلي پوي ٿو ۽ ساڻس نائٽروجن ملي وڃي ٿي. زمين جيترو گهڻو ڪِڙيل ۽ پُريل (Pulverized) هوندي، اوترو وڌيڪ طاقت سان منجهس فصل لڳندو.
فصل جي سٺي جاپڻ کان پوءِ به اهو هاري گهر ڏانهن گهڻو اَنُ ڪٽي ايندو، جنهن چپي چپي تي فصل جي سار سنڀار لڌي هوندي. جهار ۽ جانورن کان بچائي، چڱيءَ طرح ٻارِ ميڙي رکي هوندائين. ٻيءَ صورت ۾، مال ئي پرايو آهي.
مطلب : فصل جي پئداوار، هَرَ ۽ سنڀال تي انحصار رکي ٿي.

**46. پيٽ ٻک مري، ڇٽ راڳ ڪري. (پهاڪو)**

پيٽ ۾ اَنُ هوندو ته منجهس گئس به پئي نهندي. ريح جڏهن پيٽ جي برداشت / گنجائش کان وڌيڪ نهندي آهي ته پوءِ نڪاءَ سان خارج ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. جڏهن ته خالي پيٽ تي ريح نهڻ ڪجهه عجيب فطري ڳالهه نظر ايندي آهي، چو جو تڏ به ڏِوَ تي ايندا آهن.
اهڙيءَ طرح گهر ياتي محنت ڪرڻ پچاڻان به ٻکن تي هجن ۽ هڪڙو لاڏلو پٽ، منجهانئن ناز نخري واري زندگي گذاري ته ڪجهه عجيب ٿو لڳي. چو جو، ناز ۽ نخرا به هوندَ تي ٿيندا آهن.
مطلب (1) گهڻو کائڻ سان ، گهڻي ريح پيدا ٿيندي.
(2) هڪڙن جي عياشين سبب، ٻين کي تڪليف سهڻي پوندي.

**47. پيٽ ، ماڻهوءَ جو دشمن آهي. (چوڻي)**

دنيا اندر، جيڪا به ماڻهوءَ جي هٿن سبب، ترقي ٿي آهي سا مابدولت پيٽ جي ئي ٿي آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ سان پيٽ لڳل نه هجي ها ته شايد دنيا جو نقشو ائين نه هجي ها، جيئن هن وقت نظر اچي ٿو. پيٽ خاطر ئي هرڪو لوڙي / لوچي ٿو. ماٺ ڪين اٿس. چڱي ڪم ذريعي ڪمائي

ٽيندي نہ تي نظر اچيس تہ ڪڏا ڪم بہ ڪري ٿو. ماڻهن جون دشمنيون بہ ڪٽي وٺي ٿو.
مطلب (1) پيٽ ڪتي خاطر ڪڏا ڪم ڪجن ٿا.
(2) پيٽ، ڪتن سان گڏ ڪارائي.

**48. پيري ، بيماريءَ جو گهر . (چوڻي، طبي)**

جوانيءَ ۾، طاقت جي بل تي، ماڻهو دڙيون پيو ٽپندو آهي ۽ لوڙها پيو لتاڙيندو آهي. ڏس ڏسان پيو ڪندو آهي ۽ ملهون پيو وڙهندو آهي. ڏسجي پوڻ جي صورت ۾ ٿڪاوٽ ۽ معذوري بہ محسوس نہ ڪندو آهي. جڏهن تہ پيريءَ ۾ ضعف سبب، ڪا بہ سٽ نہ سهي سگهندو آهي. ڪراڙو هڏ ٽٽي، تہ ڳنڍجي ئي نہ. بيماري لڳيس تہ دوائن سان بہ ڪين لهيس. جوانيءَ ۾ ڪاڏل ڏکن جا ڦٽ بہ پيريءَ ۾ اُڪلي پون.
مطلب :

- ڪمزور تي هر ڪنهن جي ڪاهہ هوندي آهي.
- ڪراڙپ ڪي مرض گهڻا چنبڙندا آهن.
- ڏٻري ڍور تي مچر بہ گهڻا.

**49. پيري عيش عشرت ڪي نہ ٿي ڏڪاري، عيش عشرت ٿي پيريءَ کي ڏڪاري. (چوڻي/پهاڪو)**

پهچ ڪان پري ۽ منع ٿيل شيءِ ۾ گهڻي ڪشش رکيل آهي. عيش عشرت، طاقت سان ٿيندا آهن. طاقت جوانيءَ ۾ هوندي آهي. پيريءَ کي، عيش عشرت واري سٽ سهڻ جي، طاقت نہ هوندي آهي. اوڏانهن رغبت ضرور هوندي اٿس. پيريءَ ۾ عملي طرح عياشي ڪرڻ، ڏکيو ڪم تہ آهي پر آهون پرڻ ۽ وات جا چشڪا وٺڻ تہ ويا ڪونهن.
عيش عشرت لاءِ گهربل طاقت ۽ حسن، پئسو ۽ موقعا، عدم موجود هئڻ سبب، پيري ، عياشي ءَ جي اڏي تان ٽڙجي نڪري ٿي.
مطلب:

- عياشي، سگهاري جسم سان ٿيندي آهي.
- پيري، جوانيءَ تي ڪُرڪي.

**50. جاءِ، زال ۽ زمين ڪي جيترو سينگار، اوترو ٿورو. (چوڻي)**

جاءِ، رهڻ لاءِ اجهوآهي. زال، زندگيءَ کي آسان بڻائڻ لاءِ ساٿي آهي ۽ زمين، معيشت کي سڌارڻ لاءِ معاون هوندي آهي. پنهنجي وقت تي، ماڻهوءَ کي انهن ٽنهي جي ضرورت پوندي رهندي آهي. لاڳيتو گڏ رهڻ سبب، انهن جي سجاوٽ ۽ سينگار جو اُلڪو پڻ رهي ٿو. ڪين جيترو بہ سينگارجي، آخر ڦِٽيو/ بگڙيو وڃن. ڇو جو دنيا جي هر شيءِ نهي ئي ڊهڻ لاءِ آهي.
مطلب :

- سينگار، جاءِ ۽ جوءِ جو مرڪ آهي.
- جاءِ چوي: جوڙائي ڏس، زال چوي: پرٽجي ڏس.

**51. جن جاتي چاتو، تن تاتي پاتو. (پهاڪو)**

حاصلات ۽ ڪمائي وغيره جو دارومدار نصيب تي آهي. جتي نصيب هوندو، اتان ئي روزي، رزق حاصل ٿيندو. نصيب واري جاءِ تي، پوري وقت تي پهچڻ، قدرت طرفان آهي. اتان جي جاڻ حاصل ٿي وڃڻ بہ قدرتي ڏات هوندي آهي.

اهڙيءَ طرح سمورا علوم ۽ رب پاڪ جو تصور پڻ آهن. جنهن ماڻهوءَ جهڙو تصور ۽ گمان رکيو، ساڻس تهڙو ئي معاملو / ورتاءُ ٿيو.

مطلب:

- پهرين ڄاڻ ايندي آهي، پوءِ ڪمائي
- پهرين سکجي، پوءِ ڪمائجي.
- جنهن ڪي جتي نظر آيو، تنهن کي اتان مليو به.
- First learn , then earn

52. جنهن ان ڇڏيو، تنهن قبر کي ڳن هنيو. جنهن پاڻي ڇڏيو، تنهن قبر کي ماٽي ڇڏيو. (چوڻي)

حياتي، کائڻ پيئڻ ۽ چرپر ۾ آهي. جيئن پيٽرول ڪانسواءِ گاڏي نه ٿي هلي، تيئن کاڌِ خوراڪ ڪانسواءِ جيئڻ به ڏکيو آهي. انساني عضون جون گهرجون ۽ تقاضائون، خوراڪ مان ئي پوريون ٿينديون آهن.

جڏهن ماڻهو، اَنُّ / ماني نه کائيندو آهي ته ڏينهون ڏينهن لاغر / ڏبرو ٿيندو ويندو آهي. منجهانئس مائٽ آسرو لاهيندا ويندا آهن. دوا متس اثر ڪرڻ ڇڏي ڏيندي آهي. بيماري روزبروز وڌندي ويندي اتس. جڏهن پاڻي ڇڏيندو آهي ته پوءِ سندس موت ته يقيني ئي ٿي ويندو آهي.

مطلب:

- کائڻ پيئڻ، حياتيءَ جي نشاني آهي
- جي چرن، سي نه مرن.
- چرند، نه مرند.

53. جنهن شيءِ کان نفرت هوندي آ، سا ئي آڏو ايندي آهي. (چوڻي)

هرشيءِ جي گهٽائي، نفرت جي حد تائين بيزار ڪندڙ هوندي آهي. گهٽي شيءِ پيرن ۾ به پئي وچڙندي آهي. جڏهن ته ٿوري شيءِ ۾ قدرتي طور ڪشش رکيل آهي. ماڻهو ان ڏانهن ڇڪجيو ڇڪجيو پيو ويندو. گهٽي ۽ نفرت واري شيءِ، ماڻهوءَ جي هر هر آڏو پئي ايندي آهي.

مطلب:

- نفرت وارو ماڻهو دل تي پيو ترندو.
- جا لڳي لَتَ ، سا ڪاٽي اڪ ۾.

54. جنهن ماٺ ڪئي، سو ڇٽو. (چوڻي)

دنيا جي تختي تي، ڪي معاملا جهيڙن / وڙهڻ سان نبرندا آهن. ڪي پيار قرب سان ته ڪي وري دل وجان سان محنت ڪندي سلجهندا آهن. ڪيترا معاملا، ماٺ يا صبر ڪرڻ سان ئي حل ٿيندا آهن. منجهن جيتري تڪڙ ڪبي اوترو منجهندا / الجهندا ويندا.

صبر جهڙو ڪو هٿيار ڪونهي. تلوار گسي سگهي ٿي، تير گسي سگهي ٿو، ڪاردوس اڻ ڇٽو رهجي سگهي ٿو پر صبر ڪڏهن به نه گسندو آهي. صبر جهڙو وارُ، بيو ڪونهي. صبر ۾ الله سائينءَ جي مدد شامل هوندي آهي.

مطلب:

- چُپ، هزار تکن جملن کان وڌيڪ تکي هوندي آهي.
- صبر جنين جو سير، تير نه گسي تنين جو.

- صبر وارو، پريشانين کان آجو آهي.
- جن ڇڏي دعويٰ، سي ٿيا سدا ساوا.

**55. جنهن هٿ گل کيرايا ، سو ڳچيءَ ۾ هار بہ وجهي سگهي ٿو. (پهاڪو)**

دنيا جي تختي تي، فطرت جي ڪارفرمائيءَ کان هٽي ڪري، جيڪا بہ ترقي ۽ رونق، تباهي ۽ تنزل ٿيو آهي، سو انسان جي هٿن جي ڪمائيءَ سبب ٿيو آهي. انهن ئي هٿن سان چڱا ڪم ڪجن ٿا. انهن ئي هٿن سان برا ڪم ڪجن ٿا.

انهن ئي هٿن سان ڪن دوستن جي عزت افزائيءَ وارا ڪم ڪجن ٿا تہ انهن ئي هٿن سان ڪن جي دل آزاريءَ وارا ڪم ڪجن ٿا. "هٿ" سان هر نوعيت جو ڪم ڪرڻ ممڪن آهي.

مطلب:

- سنيال ڪندڙ چوڪيدار، چور بہ ٿي سگهي ٿو.
- نقصان پوڻ واري ڪم مان، فائدو بہ پئجي سگهي ٿو.

**56. جو ڊڄي، سو مري. (چوڻي)**

دنيا ۾ ترقي اهو ڪندو، جيڪو دلير ٿي هر ڪم ۾ هٿ وجهندو. اڻ ڏٺل مهم ۾ پئسو، جان ۽ مال سيڙائڻ سان نفعا حاصل ٿين ٿا. جيڪو زمين ۾ اَنُ ڇٽيندو يا يارن دوستن تي پئسو خرچ ڪندو، سو ئي منجهانئن فائدا وٺندو. جيڪو ڊڄي، هٿ سوڙهو رکندو، سو ترقي تہ نہ ڪري سگهندو، هٿائين زندگي گذارڻ ڏکيو مسئلو ٿي ويندس.

مطلب:

- جي ڊنا، سي ڊڙيا.
- گيدي سؤ سال جيئي پر تاريخ ڪيس ڪڏهن بہ ياد نہ رکندي.
- ڊر گيا، مر گيا. (اردو)

**57. جو هٿ ڪري، سو هٿ پائي. (پهاڪو)**

هر ڪو هٿ جي ڪمائي کائي ٿو. ان ئي هٿ سان چڱا ڪم ڪبا تہ نفعا بہ پاڻ وٽبا. جيڪڏهن ڀُڏا ڪم ڪبا تہ نقصان بہ پاڻ پائبو. هڪ جي ڪيل ڪم بدران، ٻئي کي نہ نفعو پهچندو، نہ ئي نقصان ٿيندو. جيڪو ڪندو، سو لوڙندو.

مطلب:

- ڪرند پسند، ڏيند لهند.
- ڪندڙ، پوڳيندڙ.
- ڪري، نہ پري.
- جو ڪمائي، سو کائي.

**58. جوئر جو اٽو، نہ شاديءَ جو نہ غميءَ جو . (پهاڪو)**

جوئر جو اٽو، اٽيو ٿيندو آهي. منجهانئس پڪل ماني پورو ۽ جلد سڪي ويندڙ ۽ منجهانئس رڌل پت بہ گهٽو گيهہ کٽندڙ ٿيندو آهي. ڪائڻ وارا گهٽا هجن ۽ ڪين جلدي اڪلائٽو هجي تہ پوءِ ڳِسو اَنُ ڪونہ هلندو. اتي يا ڪڪڙ جي اٽي جي ماني هجي يا چانورن مان رڌل پت هجي.

مطلب:

- رکو ماڻهو اجتماعي ڪم لاءِ نامناسب آهي. رکائپ سبب، نهيل ڪم بہ بگيڙي ڇڏيندو

آهي.

- بزدل ماڻهوءَ مان، نه دشمن کي پؤ نه سڄڻ کي آسرو.
- رکو ماڻهو، نه خوشيءَ ۾ چڱو نه غميءَ ۾.
- ڏڪئي ڪم لاءِ، ماڻهوءَ کي ٿورو ڪتو منو ٿيڻو پوندو آهي.

**59. جهڙا استاد، تهڙا شاگرد. (پهاڪو)**

شاگرد، اهو ئي سکندا، جيڪو استاد کين سيکارندا. استاد، اها شيءِ سيکاريندو، جيڪا هو پاڻ سکيل هوندو. جيڪڏهن استاد جا اخلاق چڱا ۽ پڙهائڻ جو ڍنگ سهڻو آهي ته شاگرد به تمام چڱو علم ۽ عقل، اخلاق ۽ اطوار پرائيندا. جيڪڏهن استاد اُٺونڌُ آهي ته پوءِ شاگرد به برا افعال پرائيندا.

مطلب:

- جهڙو راجا ، تهڙي پرجا.
- جهڙو راءِ، تهڙي رعيت.
- جهڙا روح تهڙا فرشتا / ختما.
- جهڙو مالڪ، تهڙو نوڪر.
- جهڙا گڏه گاڏا، تهڙا ڪاهيندڙ ڪاهين، هنن نه پڇيو هنن ڪان نه ڪاتي لاهين.
- جهڙي ٻني تهڙو ٻج ، تنهن جي سلي پر نه ڏڄ.

**60. جيڪو پوکبو سو لڻبو ، جو ڪٽبو سو ڪائبو (پهاڪو / چوڻي)**

زمين منجهه اها خاصيت رکل آهي ته محنت سان جيڪي منجهس پوکبو ، سو ئي سلو منجهانئس اپرندو . جيڪڏهن ٽڪ پوکبي ته ڪٽڪ لڻبي، جَوَ پوکبا ته جَوَ لڻبا. ڪي ڪين پوکبو ته اوپڙ به ڪي ڪين ٿيندي.

زمين ۾ اوءِر اپرڻ جي استعداد، فطري رکيل آهي . ڪو به فصل نه پوکڻ جي صورت ۾ منجهائس ، خودرو ٻوٽاڦٽندا، جيڪي انسان لاءِ براه راست منافعي بخش نه رهندا.

مطلب: (1) جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي.

جهڙو ٻين سان هلبو، تهڙو ئي ٻيا هلندا.

**61. جيڪي پايون نه سنڀاريندا، سي روپيا ڪيئن گڏ ڪندا؟ (واپاري، پهاڪو)**

دڪان تي ڳوڏو ڀچي ويهڻ ڪانپوءِ، مراديءَ جي ٽڪي پئسي کي احتياط سان سنڀالڻ ضروري آهي. اتندي سان ئي وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور کولبو ته لامحالہ پوءِ مينتل ئي ٿي وڃبو. نه ڪاروبار سنڀالي سگهبو ۽ نه ڪارِ وهنوار هلائي سگهبو.

ڪارِ وهنوار ۾ ننڍين ننڍين شين ڏانهن ڌيان ڌرڻ اشد ضروري آهي.

مطلب:

- قناعت نه ڪندڙ نيٺ پڇندو.
- ڏنڌي ۾ فائدو، اوکهه سوکهه مان پوندو آهي.
- ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت.
- ڦڙيءَ ڦڙيءَ، تلاءُ آهي.

**62. چغلي، جهيڙي جي ماءُ آهي. (چوڻي)**

هڪ جو عيب ٻئي کي ٻڌائڻ يا هڪ جي مهم جو راز ٻئي تي افشان ڪرڻ کي چغلي چئبو آهي. جنهن جو عيب ۽ راز اگهاڙبا، سو براه راست جهيڙي ۽ گارين تي لهي ايندو آهي. دشمنين جي شروعات، هڪ گار سان ئي ٿيندي آهي.

مطلب:

- گلا ۽ چغليءَ سان نفرتون وڌن ٿيون.
- سؤ ميل جي سفر جي شروعات، هڪ ئي قدم سان ٿيندي آهي.

**63. حلوي ڪائڻ لاءِ ٻہ وات گهرجي / ڏند گهرجن. (پهاڪو)**

دندئي / چاٻو/ حبشي حلوو، چباڙڻ لاءِ ڏند سخت ضروري آهن. حلوي مان مراد، اگر مني شيءِ ئي ونجي تہ بہ صحتمند ڏندن جي ضرورت آهي. ڏندن ۾ جيڪڏهن اڳيئي سور هوندو يا بيماري لڳل هوندي تہ مناڻ تي ويتر منجهن سور پوندو ۽ ماڪوڙي بہ ڪائيندن. جيڪڏهن حلوي مان مراد، لذيذ ۽ سٺيا طعام آهن تہ پوءِ انهن لاءِ بہ صحتمند جسم ۽ پئسي خرچ ڪرڻ وارو هٿ ڪپي، بعد ۾ اهي شيون واپرائي سگهبيون.

مطلب:

- بظاهر آسان ڪم لاءِ بہ جان، وقت ۽ مال لڳائڻو پوندو آهي.
- بنا محنت جي، ڪوبہ ڪم اُڪلائجي نہ سگهندو.
- سپ آسان ڪم، هڪ ئي وقت هڪ ماڻهوءَ لاءِ، ڏکيا آهن.

**64. دل جي ڳالهہ، دلي دوست سان بہ نہ ڪجي . (چوڻي)**

هر ماڻهوءَ جو ڪو نہ ڪو حال محرم هوندو آهي. ٻئي کي دلي دوست سمجهي راز نہ ٻڌائجي، لامحالہ سندس بہ ٻيو ڪو راز محرم ضرور هوندو. ان کان ڳالهہ ڪين رکي سگهندو. ڪنهن نموني اها ڳالهہ ان تائين پهچندي ضرور. ائين ان جي دوست جا بہ ڪي دل گهريا دوست هوندا، اهو ڪين ساڳي ڳالهہ، راز واري انداز ۾، ضرور ٻڌائيندو. ائين ڳالهہ ، گهڻن واتن تان ٿيندي گهڻن ڪنن تائين پهچي ويندي ۽ راز نہ رهندي.

مطلب:

- جنهنجي ڳالهہ پنهنجي پيٽ ۾ نہ ٽڪي ، تنهن جي ڳالهہ ڪاٿي بہ ڪين ٿي لڪي.
- واتين سري، واڳين سري.
- راز ۾ آهستي ڪيل ڳالهہ، وڏي وويڪ سان ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

**65. دَلّي، ڪنهن نہ جهلي. (پهاڪو)**

دلال،ٻن قسمن جا هندا آهن. هڪڙا پڙوا ٻيا ڪجر. پرائي عورت کان ڪسب ڪرائيندڙ: پڙوو ۽ پنهنجيءَ کان ڪرائيندڙ: ڪجر ٿيندو آهي. ٻين جي هٿن ۾ ڪسب ڪندڙ ڪسبياڻي، وڏي مڪار ۽ عيار پڻ ٿيندي آهي. ڪنهن جي بہ چوڻ آکڻ ۾ نہ هوندي آهي. هر معاملي ۾ هڪ پير تي بيهي نچندي آهي.

مطلب:

- مڪار عورت، ڪنهن جي بہ جهل پل ۾ نہ ايندي آهي.
- ڪني رن جو، نہ تار نہ تانگهو.
- عورت ڪين چاٽي تہ بہ اٺ مڪرن جو چاٽي.

### 66. دنيا ڪي هڪ ڏينهن ڇڏڻو ضرور آهي، پاندو جو گهڙيو سو پڇڻو ضرور آهي. (چوڻي)

دنيا ۾ هر جاءِ ڍهڻ لاءِ نهي آهي ۽ ماڻهو مرڻ لاءِ آيو آهي. هر شيءِ، سواءِ الله جي، آخر فنا آهي. باقي رهي نالو الله جو. پڪ سان قيامت ايندي. هر شيءِ تباهه ٿيندي. جاءِ ۾ رهڻ ڇڏي ڏبو ته به ڍهي ويندي. ان ڪري، ان ڪي جوڙائيجي ئي اهڙي نسبت سان. متس اجايو خرچ ڪرڻ کان هتر ڪجي.

مطلب:

- آخرت جي زندگيءَ لاءِ محنت ڪجي. دنيا جي زندگي عارضي آهي.
- هيءُ جهان، نه چاهڻ جي باوجود، هر جِيوَ ڪي ڇڏڻو آهي.

### 67. ڏاريجن ڪان ڏار، پارو پوڪجي پاهر. (پهاڪو/چوڻي)

سهتا ذات جي هڪ شاخ، جيڪي ڏار ٿيڻ سبب ڏاريجا سڏائين ٿا، تن سان پني گڏي نه ڪاهجي. يا جيڪڏهن ڪانئن الڳ ٿجي ته پوءِ صفا جوءِ ئي ڇڏي وڃجي. ڏار ٿيڻ نه سهندا آهن. اهڙي ڪينس ڪندا جو، پار مان اَئَ جو ڪٽو به ڪٽي ڪين سگهبو.

مطلب:

- ڏاريجن ڪان ڏار، پارو ڪجي پارِ جو.
- ڏاريجن ڪان ڏار، پارو نه ڪجي پاهر. (ابتو)

### 68. ڏاڍي تي چڙ چڙهي نه، هيٺي تان لهي نه. (چوڻي)

فطرتًا ظالم ۽ ڏاڍي سان سينو ساهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. منجهانئس تقصان جو انديشو رهي ٿو. هيٺي تي آڪڙيو آڪڙيو پيو اچبو آهي. منجهانئس نقصان جو پئو نه ٿيندو آهي. حقيقت انهن ڳالهين جي برعڪس آهي. ائين ڪرڻ سان نتيجا ڏاڍا اُگرا نڪرندا. جيڪڏهن ظالم سان سينو نه ساهي سگهجي ته غريب سان به اچن ڏندن جي پريت نه ڇڏجي.

مطلب:

- ڪاوڙ هيٺي تان لاهڻ سان لهندي ناهي، ڏاڍي تي چاڙهڻ سان چڙهندي ناهي.
- هيٺو حاڪم، ڪورين لاءِ قهار.

### 69. ڏاهپ / حڪمت، قدرتي نور آهي. (چوڻي)

عقل ۽ علم، دانائي ۽ دورانديشي، فهم ۽ فراست، ڏاهپ ۽ حڪمت، سقل زندگي گذارڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. جيئن اکين لاءِ روشني ضروري آهي، تيئن دماغ لاءِ ڏاهپ ۽ حڪمت جي ضرورت آهي. ان ڪان سواءِ دنيوي معاملات کي سمجهڻ ۽ صحيح فيصلا ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي.

مطلب:

- ڏات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي.
- ڏات، قدرت جو تحفو آهي.

### 70. ڏهڻ آ سؤ پيرا، کهڻ آ هڪ پيرو. (پهاڪو)

مينهون، ڍڳيون، ڏهي ۽ ڦر وني ڪائيبون ته ڏڻ پيو وٺاڻ ۾ وڏندو. ڪهبو يا وڪٽبو ته پوءِ جڻ جهاتڪو ٿي ويندو.

مال مڪيت مان، محنت سارو ٿورو، ٿورو ڪري نفعو حاصل ڪبو ته گهٽي وقت تائين وني سگهبو. گهٽو ۽ يڪدم وٺبو، ته پوءِ ٿوريءَ دير لاءِ حاصل ڪري سگهبو.

جاءِ جي مسواڙ ڪائبي ته جاءِ به رهندي ۽ گهر جو گاڏو به پيو گهلبو. جاءِ هڪدم وڪٽبي ته نه جاءِ رهندي ۽ نه گهٽي وقت تائين منجهانئس فائدو حاصل ڪري سگهبو.

دڪان تي محنت ڪري ٿورو ٿورو نفعو گهر جي خرچ لاءِ ڪڍبو ته دڪان به رهندو ۽ گهر به هلندو. تکڙ ڪبي ته دڪان به ڪپي ويندو ۽ گهر جو گذران پڻ تنگ تي ويندو.

مطلب :

- سنگتين کان ٿورا ٿورا، سهنديءَ آهر ڪم ونجن.
- ڏهي ڪائجي، ڪهي نه ڪائجي.

71. ڏهون گهر، ڏائڻ به اورانگهي . (پهاڪو)

ڏائڻ، مُردا ڪيي ڪائيندي آهي. جيڪو سامهون آيس تنهن کي به ڪين ڇڏيندي آهي. انهيءَ جي باوجود هڪ اڌ گهر تاري به ويندي آهي يا رهجي به ويندو اتس. هڪ اڌ گهر رهائڻ جي باوجود به ڪيس ڏائڻ سڏجي ٿو.

جيڪو ماڻهو ڪنهن به معاملي ۾ يار دوست جو به خيال نه رکي ۽ متانئس نه ٽري ته پوءِ ان لاءِ چا چئجي؟

مطلب:

- سيني سان چالاڪي / ظلم نه ڪرڻ گهرجي.
- انون گهر، ڏائڻ به اورانگهي.
- ستون گهر، ڏائڻ به تاري.

72. ڏيڻ تان وڏو ڏاج ، پر ناهي مَٽُ نِوڙت جو. (چوڻي)

ڏاج: ڏيڻ يا ڏيارڻ، جيڪو مائٽ شاديءَ ۾ نياٽيءَ کي لائي لڳائي ڏيندا آهن. ڪابه شيءِ ڏيڻ، وڏي ڏاج برابر آهي. ڏيڻ سان اڳلي جي دل موهي سگهجي ٿي. جڏهن ته نِوڙت ساڻ ڏجي ته ان ۾ ان کان وڌيڪ موهه رکيل آهي.

مطلب:

- سخاوت سان گڏ نهنائي به ضروري آهي.
- عبادت سان گڏ عاجزي به ضروري آهي.
- سخاوت چڱي پر، نوڙت سان به دليون جيتي سگهجن ٿيون.
- ڏجي نه، ته ڏکوئجي به نه.

73. ڏيڻو لهڻي کي نه پڄي ، لهڻو ڏيڻي کي نه پڄي. (پهاڪو)

ڏيڻ: سخاوت ڪرڻ يا قرض موٽائڻ، تمام وڏي شيءِ آهي پر لهڻو يا قرض ڪٽڻ ان کان وڌيڪ ڳورو آهي. قرض ڪٽي سخاوت ڪرڻ ۾ پورت نه پوندي.

لهڻو: قرض جنهن تي رهت آهي، ان کي ڪيترو به دان پِڄُ ملي پر سندس قرض ڪڍهن به ڪين لهندو.

مطلب:

- قرض / لهڻو، هر حال ۾ ڏکيو آهي.
- قرض ڏيڻ به ڏکيو، موٽائڻ به ڏکيو.
- قرض : مرض.

### 74. ڏينگهر ڪنئي سؤ ليڪو، پجر ڪنئي هڪ ليڪو. (پهاڪو)

ڏينگهر ۾ ڪيئي ٻينجها هوندا آهن ۽ ڳِلجڻ وقت سمورن ٻينجهڙن جا نشان نهندا ايندا آهن. پجر ڳهلڻ سان پويان فقط هڪ ليڪو نهندو ايندو. دنيا ۾ ڪي اهڙا ڪم هوندا آهن جن مان سوين ماڻهن کي فائدو پهچندو آهي. ڪي وري اهڙا ڪم هوندا آهن جن مان فقط ڪنهن هڪ اڌ وڏي ماڻهوءَ جو پيٽ پرجي سگهندو آهي. تنهنڪري اهڙو ڪم ڪجي، جنهن سان سوين غريب گهرن جي چلهه ٻري. پَريا، نہ پرجن.

مطلب:

- سؤ ڌڪ سوناري جو، هڪ ڌڪ لوهر جو.
- هڪ شينهن جو شڪار، سؤ لومڙيون ٽيون ڪائين.

### 75. ذهانت، ڪنهن جي ميراث ناهي. (چوڻي)

ذهانت: ذات هر ڪنهن کي ربَّ تعالي طرفان تحفي ۾ ملي ٿي. ڪنهن کي گهٽ تہ ڪنهن کي وڌ. چو جو هر ماڻهوءَ جو دنيا ۾ معاملو ساڳيو ناهي. الله سائينءَ کي جنهن ماڻهوءَ کان دنيا ۾ جيڪو ڪم وٺڻو آهي، ان کي اهڙي ئي قسم جو ذهن بہ مرحمت فرمايو اٿائين. ان ۾ ٻئي ڪنهن جو داعو دخل بہ ڪونهي. نہ ڪنهن جي هٿان نہ ڪنهنجي مرضيءَ سان، بلڪ الله سائين پنهنجي حڪمت ۽ مصلحت تحت انسان تي ذات جا راز ڪوليا آهن.

مطلب:

- ذات وغيره ربَّ تعالي طرفان مرحمت ٿيل آهي.
- ذات ناهي ذات تي، جو وهي لهي.

### 76. رَنَ رُلي تہ پِلي، ڏاند رُلي تہ ڳلي. (چوڻي)

عورت جو حسن ۽ رعنائي، عزت ۽ وقار، پردي ڪرڻ ۾ آهي. پردو پري ٿيڻ سان، حسن ۽ رعنائي اڏاميو وڃن. عزت ۽ وقار ڌوڙ ٿيو وڃي. عورت رولاڪ ٿئي تہ سمورو قدر وڃائي ڇڏي. جتان ڪتان ٺُڏجي نڪري ۽ رُلندي وتي.

مرد يا ڏڳو، جيترو رُلندا، اوترو جسماني طرح مضبوط ۽ دماغي طرح ڪلندا ۽ ڪارائتا ٿيندا ويندا. ڪارائتي هئڻ سبب، هر جاءِ تي کين چڱو مان پيو ملندو.

مطلب:

- عورت ، پردي ۾ چڱي آهي. مرد ، زماني جي ڪمن ۾ چڱو آهي.
- العورت عوراتٌ، مستوراتٌ بہ.
- رن رُلي تہ پلي، مرد رُلي تہ ڳُلي.

### 77. رن زال جو ٻيٽو، نہ مَنهِ وينو نہ مڪارڪي وينو، انهيءَ کي عقل وري چُٽ ڏانهون ٻيٽو . (چوڻي)

جنهن جو پيءُ وفات ڪري ويو هجي، تنهن کي محروميءَ جو احساس شديد ٿيندو آهي. هر ڳالهہ تي پيو روئندو ۽ رڙندو، جهجندو ۽ جهرندو آهي. انهيءَ ڪري ڪير بہ ڪيس، چڱي ڳالهہ چوڻ يا نصيحت ڪرڻ کان پيو لنوائيندو آهي. آزمودگارن ۽ بزرگن جي رهنمائي نہ ملڻ سبب، ڪو بہ ڪارائتو ڪم نہ ڪري سگهندو، نہ ئي وري ڪو علم يا عقل ئي پرائي سگهندو.

مطلب :

- جنهن جو ڏٽي ڏوڪي ناهي، تنهن وٽ عقل بہ ناهي.
- چورو ٻار: دادلو/ چلولو يا چريو / چور.

**78. زال تہ سهڻو گهر، نہ تہ آهي ٻرَ جو ٻرُ. (چوڻي)**

گهر جو سينگار، عورت جي محنت سان آهي. جيترو زال سگهڙ، محنتي ۽ گهرسان محبت ڪندڙ، اوترو گهر صاف سترو ۽ سکون جي جاءِ هوندو. جيترو عورت اُڌريل/ بگڙيل هوندي، گهر جي حالت اوترو بگڙيل هوندي. گهر کي جنت / جهنم بنائڻ ۾ عورت جو هٿ ئي هوندو آهي.

مطلب: گهر-واري اها ڀلي، جيڪا سگهڙ هجي.

**79. زالن جو مڙس هڪڙو، مردن جو مڙس ڪوڪو. (پهاڪو)**

حاڪم اهو آهي، جنهن جو حڪم هلي. عورت ۽ گهر لاءِ حاڪم: مڙس آهي. چار عورتون، پاڻ ۾ هڪٻئي جون ساهڙيون/ ڀاڃون آهن تہ سندن وَرُ، هڪڙو ئي آهي. جڏهن تہ سندن ان مڙس جو حاڪم، ان جو پيءُ آهي. شرط اِهو آهي تہ اُهو جيئرو هجي. لازمي ناهي تہ هڙني مڙسن جا پيئر جيئرا بہ هجن، تنهنڪري چئبو: انهن جو حاڪم ڪو ڪو آهي.

مطلب:

- مخلوق جو، خالق/ مالڪ هڪ آهي.
- ڏٽيءَ جو، ڪوبہ ڏٽي ڪونهي.

**80. زبان، زر ۽ زن ، جهيڙي جو ڪارڻ. (چوڻي)**

جهيڙي/ دشمنيءَ جي جڙ پاڙ ڪوٽبي تہ مٿين ٽن شين منجهان ڪانہ ڪا هڪ ضرور هوندي. خراب زبان سبب بہ ڪافي جهيڙا جهتا ٿيا آهن. جيتري گهڻي دولت، اوتريون گهڻيون دشمنيون. اڻ واقف ۽ اڻ ڏٺل بہ پيا ڪيس ڪندا ۽ عڪس پوندا. عورت جي حسن تي بہ موهت ٿيڻ وارن جو تعداد وڏو آهي. جيڪڏهن سمورن جي ذهن جي سئي، هڪ ئي حسن تي اٽڪي پوي تہ وڏا حداوسا، حسد ۽ عداوتون، پيدا ٿيو پون.

مطلب:

- زمين، زن ۽ زر، ٽينون قضيي ڪي گهر.
- زر، زمين ۽ زن، جهيڙي ڪي جوين.
- جنگهن ڏارائيءَ ڪان، وات ڏارائي خراب.

**81. سٽل، آهي مئل مثل. (چوڻي/ پهاڪو)**

نند ۾ پيل جو ساهہ ڪڍيو وڃي ٿو. جڏهن جاڳ ٿئي ٿي، تڏهن واپس وڌو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو نند واري تي ڪو بہ شرعي حڪم لاڳو نہ ٿيندو آهي.

مطلب: نند موت جي ڀيڻ آهي.

**82. سچي ڳالهہ، هميشہ ڪوڙي لڳندي آهي. (چوڻي)**

سچ ٻڌڻ سان ماڻهوءَ کي پنهنجي عيبن تان قلعي لهندي محسوس ٿيندي آهي. عيب اگهاڙا ٿيڻ شرط، چڙي پوندو آهي. جيڪو حق تي زندگي گهاري ٿو، تنهن کي سچ ٻڌڻ مان ڪو بہ پڙ نہ ٿيندو آهي. ڪوڙ تي ڪيس الٽو چڙ ايندي آهي. ناحق تي هلڻ وارو ۽ عيبدار ماڻهو پنهنجي ڪوڙي تعريف ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي.

مطلب: سچ مرچ، ڪوڙ گڙ.

**83. سرڪار ، اونڌي کوپري . (چوڻي/ پهاڪو)**

سرڪار، عام ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ، وڏا وڏا منصوبا جوڙي متن وڏا خرچ ڪندي آهي. اها ڳالهه ڪنهن امير ڪبير جي وس جي ناهي. وڏا منصوبا جوڙڻ ۽ متن خرچ ڪرڻ ڪنهن سر قرئي جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو.

مطلب:

- سرڪار: اونڌي لوٽي.
- سرڪار: فيل مست.
- سرڪار: ماءِ باپ آهي.
- سرڪار: ڪنهن جي "چاچا ماما" ناهي.

**84. سفر، آهي سقر (چوڻي)**

سقر: دوزخ / جهنم ، تڪليف جي جاءِ آهي. اتي ڪوبہ سک ناهي. سفر جي دوران بہ تڪليف ٿئي ٿي. اڻ ڏٺل ماڻهن جي وچ ۾ وڃڻو پوي ٿو. اتي پاڻ تي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ ٻين کان مدد وٺڻ بہ ڏکي هوندي آهي. سفر ڪرڻ پڇاڻان، البتہ روزي روزگار ۾ ڪشادگي حاصل ٿئي ٿي ۽ منجهانئس ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن. وقتي تڪليف، مگر گهڻن ڪي منجهائي ڇڏيندي آهي.

مطلب:

- سفر ۾ سهولتون گهٽ، تڪليفون وڌيڪ هونديون آهن.
- سفر، وسيلہ ظفر. (ابتو)

**85. سڪ سمهڻ ڙي ڪنيار، تنهنجا ڪچا ڪير نہ نيندو. (پهاڪو)**

ڪنير جا ٿانءَ مٽيءَ مان جڙيل هوندا آهن، جن جي قيمت ڪا خاص نہ هوندي آهي. چور بہ چوريءَ لاءِ سر تريءَ تي تڏهن رکندو آهي، جڏهن اڳيان ڪيس ڪجهہ حاصل ٿيڻ جي اميد هجي. ڏسي وائسي، پَريل پُڪيل گهر ۾ ڪاٽ هڻندو آهي، جتان سون مين هٿ اچيس، جيڪو ڪٽڻ ۽ لڪائڻ ۾ آسان، وڪڻڻ ۽ ڪمائڻ ۾ مهانگو/ مُلهائتو هجي. باقي ڪنير جي گهر ۾ ڪاٽ هڻڻ مان، مزوريءَ جيترا بہ پئسا ڪون ملندس تہ پوءِ خفا ڇا لاءِ ڪري؟

مطلب:

- ڍڳو نہ ڍور، ڇا ڪاهيندو چور؟
- پيٽيو: سک سمهن ڪنيار، چور نہ چائن مٽي.

**86. سڪٽو ڦيٽو، سور ٻيٽو. (طبي پهاڪو)**

دعا تعويذ بہ تڏهن اثر ڪندو آهي، جڏهن پگر يا نذرانو ڏئي، لکندڙ جي دل ناربي. رب تعالي مختلف ذريعن سان مختلف ماڻهن جي روزيءَ روٽيءَ جو بندوبست ڪيو آهي. تنهنڪري ڏيڻ جو رواج پاڻ ۾ رکجي تہ چڱو. ائين ٻين جي دل بہ وٺي سگهبي ۽ معاشي معاملا بہ سلجهيل رهندا.

مطلب:

- نلهو ڦيٽو، ٻرو ٻيٽو.
- سڪٽي دعا، پٽ برابر.

**87. سڪيي ستابي ڀاءُ ڪان، پنهنجي اپري سيري پوڪ ڀلي. (زرعي ، چوڻي)**

جنهن ماڻهوءَ وٽ، جيترو بہ آهي سو پنهنجي سِر تي استعمال ڪرڻ لاءِ آهي. ٻئي ڪي ان ۾ آسرو

نہ رکڻ گھرجي، بلڪ پنهنجي بارڻ چاڙهڻ گھرجي. ياءُ جي ملڪيت ۽ مدد ۾ نگھہ/ واجھہ وجھڻ مان ڪوبہ فائدو نہ پوندو. پنهنجي ايري سيري، روزگار جي ٽڪريءَ / ٽيهي تي پاڙڻ چڱو آهي. ان ۾ ئي دلي سڪون آهي.

مطلب:

- وقت تي، رکيل مُوڙي ڪم اچي.
- "ڪڏ !" چي، "جيءُ سڏ !؟"
- ادل گھر گھوڙي، ڪا مون هڻ هڻ.

**88. سندي ساٽيهہ، ڪِهہ ڪٽوري پاڻيان . (چوڻي)**

وطن جي هر شيءِ ۾ ڪشش رکيل آهي. مٽيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ بہ هبڪار رکيل آهي، جنهن جهڙي طراوت پرديس جي مشڪ ۽ ڪٽوري، عطر ۽ عنبير مان بہ ڪين حاصل ٿيندي آهي.

مطلب:

- وطن / ڏيهہ جهڙي حُب، ٻي جاءِ سان نہ ٿي ٿي سگھي.
- وطن جو اڌ ٽڪر، ٻاهر جي سڄي مانيءَ کان بہ وڌيڪ.
- وطن جي مٽي بہ، مُشڪ برابر.
- ڏيهہ چڱڻ، ڏيهي چڱڻ، ڏکيا ڪم.
- ڳوٺ جو رستو ڏسي، ڏاند بہ ڏورٽا پيجندا آهن.

**89. سوال : ٻہ- مُنهِين ترار. (چوڻي)**

سوال، پلي ان جي موت ۾ مراد پوري بہ ٿي وڃي، تمام خراب آهي. ماڻهوءَ جي عزت ۽ وقار، خاڪ ۾ ميلو وڃي. ترار جي ڌڪ سان ، ماڻهوءَ کي ايترو چيهو نہ ٿو رسي، جيترو سوال ڪرڻ سان سندس وقار ۽ ناموس، عزت ۽ قدر، مجروح ٿين ٿا.

مطلب:

- سوال ڪرڻ کان، هر هميشہ پاسو ڪرڻ گھرجي.
- سوال ڪندڙ جي منهن جو پنو، لٽل هوندو آهي.
- سوال، ويچارو آهي.

**90. صالحن جي صحبت پارس مثل آهي، جنهن کي ملي، سو سون مثل آهي. (چوڻي)**

پارس هڪ فرضي پٿر آهي، جنهن لاءِ گمان آهي تہ جيڪڏهن لوهہ ساڻس ٽڪرائيندو تہ سون ٿي پوندو. چڱن جي صحبت لاءِ مٿيون مثال، بلڪل ڪافي آهي. صالح ۽ صوفي، عالم ۽ اولياءَ جي صحبت مان جنهن کي ماسو ملي، سو بہ رڱجي لال ٿي وڃي ٿو.

مطلب:

- چڱن سان چاهہ پئي، جي من ميڙ ڪيائين. رڱجي تہ لال ٿيندو، نہ تہ ڪڪوربو تہ سهي.
- صحبت صالح ترا صالح ڪند، صحبت طالح ترا طالح ڪند. (فارسي)

**91. صبر سان موتي ٿئي، سِپَ ۾ ڦڙو. (چوڻي/پهاڪو)**

سِپَ، سمنڊ اندر پيدا ٿئي ٿي. سندس پيٽ ۾ اگر، برسات جي صاف پاڻيءَ جو قطرو پوي تہ اهو موتي ٿي پوندو آهي. انهيءَ سبب ڪري، سمنڊ جي سِپَ، وات پٽي، مينهن ڦڙي لاءِ ابر آسري انتظار ڪندي آهي. برسات جي پيل اوچتي ڦڙِي، سندس انتظار جا تڪ لاهي ڇڏيندي آهي. شرط

آهي ته صبر ۽ تسلسل سان، سِڀَ انتظار ڪري، جيڪڏهن اپهري ٿئي ۽ صبر نه ڪري ته انهيءَ نعمت کان محروم ٿي وڃي ٿي.

مطلب:

- صبر جن جوسير، تير نه گسي تن جو.
- صبر، وڏي وٺ آهي.
- ڳالهائڻ چاندي، صبر سون.

### 92. صحت جو قدر، بيمار کان پڇو؟ (طبي پهاڪو)

ججهي تعداد ۾ موجود شيءِ پنهنجو قدر وڃائي ويهندي آهي. جڏهن اها ڪسبي آهي، تڏهن منجهانئس پهچندڙ نفعا / فائدا رڪجي ويندا آهن. ان جو قدر پوءِ ئي ٿيندو آهي. صحت به جنهن وقت آهي ته ماڻهو بي قدرو ٿي اندَ جي گهوڙي تي ڊڪي ٿو. غلط ڪمن ۾ هٿ وجهي، جڏهن اها نعمت ڪسائي ٿو، پوءِ سندس اکيون کلي وڃن ٿيون. ڇو جو بيماري، ايندي ته اوچتو آهي پر ڇڏيندي پنهنجي مُداءَ تي آهي.

مطلب:

- جوانيءَ جو قدر، پوڙهي/ جڏڙي کان پڇجي.
- نعمت جو قدر، نادار کان پڇجي.
- پيءُ ماءُ جو قدر، يتيم کان پڇو.
- هٿن جو قدر، ٺُنڊڙن کان پڇو.

### 93. صحيح ادب، حياتيءَ جي تنقيد آهي. (چوڻي)

حياتي، سمورين نعمتن منجهان وڏي نعمت آهي. ان ڪي ئي صحيح نموني سان استعمال ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن غلط ڪمن ۾ صرف ٿي وئي ته پوءِ هَڙَ هلي وئي. زندگي صحيح نموني سان گذارڻ لاءِ، ڪي ڏاهه ڏيندڙ ۽ راهه ڏيکاريندڙ، رهنما اصول مقرر ٿيل آهن يا وضع ڪرڻا پوندا آهن. اهڙن اصولن تي مبني ادب، زندگيءَ جي تنقيدي اپياس بعد تخليق ٿئي ٿو ۽ ڪارائتو پڻ رهي ٿو.

مطلب:

- ادب، زندگيءَ ۾ رهنمائي ڪندو آهي.
- جنين ادب، تنين عجب.

### 94. عالم اهو، جو عامل هجي. (چوڻي)

علم ۽ عمل جو پاڻ ۾ براه راست ڳانڍاپو آهي. علم پرائبو ئي عمل ڪرڻ لاءِ آهي. علم پرائڻ کانپوءِ متس عمل نه ڪبو ته ضايع ٿي ويندو. اهڙو علم حاصل ڪندڙ، جڻ پنهنجو وقت اجايو وڃائي ڇڏي ٿو. متس ڪيل خرچ جڻ ضايع ڪري ڇڏيائين.

مطلب:

- جنهن وٽ علم سان گڏ عمل آهي، سوئي حقيقت ۾ عالم آهي.
- عمل ڪرڻ سان علم، پڪو ۽ پختو، جوان ۽ جٽادار ٿئي ٿو.
- عمل کانسواءِ علم ، جيئن ڪتابن سان سٽيل گڏهه.
- عمل کانسواءِ علم، فائدو ڪين ڏيندو آهي.

**.95 عزت / ذلت رب جي هٿ آهي. (چوڻي)**

عزت ۽ ذلت، پئسن سان خريد ڪري نہ سگهبيون آهن. گهڻي دولت وارا، خوار خراب نظر اچن ٿا. جڏهن تہ هٿين خالي بہ عزت وارا ڏٺا ويا آهن. ڪمزور جسم وارا، سرمائيدار ۽ معزز ٿي سگهن ٿا. سالم ۽ جاننې جسم وارا، سچا ۽ ذليل ٿي سگهن ٿا.

مطلب:

- خدا تعاليٰ جنهنکي عزت بخشڻ چاهي، تنهنکي يُنگين ۾ بہ بخشي. جنهنکي خوار ڪرڻ چاهي ، تنهنکي بنگلن ۽ ماڙين، قلعن ۽ ڪوٺن ۾ بہ خوار خراب ڪري ڇڏي.
- عزت اها آهي، جيڪا رب ڪرائي.

**.96 عقلمند دماغ سان گڏ، خاموش زبان بہ هوندي آهي. (چوڻي)**

دانشمندي، گهڻي ڳالهائڻ ۾ نہ پر سوچي سمجهي ڳالهائڻ ۾ آهي. ڪڏهن ڪڏهن زبان سان ڳالهائي ايترو اثر نہ وجهي سگهبو آهي، جيترو صبر ۽ چُپ ۾ رهي، وجهي سگهبو آهي. صبر جهڙو نہ هٿيار ئي ڪو ڪونهي. تير ۽ تلوار گسي سگهن ٿا، صبر ڪين گسندو آهي.

مطلب:

- گهڻي بڪ بڪ قدر وڃائي ٿي، پُپ قدر ڪرائي ٿي.
- Listen hundreds, ponder thousands, speak ones.
- ڳالهائڻ چاندي، صبر سون.
- مُٺِ پيڙيائي پلي، اپٽي تہ واءُ. پٽر پيئي ڳالهڙي، ڇڏي ويندي ساءُ.
- داناءُ، لباڙي نہ ٿيندو آهي.
- پيٽيو: جنهن ماٺ ڪئي، سو ڇٽو.

**.97 عقلمند ، سوچي پوءِ ڳالهائي. بي عقل، ڳالهائي پوءِ پڇتائي. (چوڻي)**

عقلمندي، سوچي پوءِ ڳالهائڻ ۾ آهي. ڳالهائي پوءِ سوچڻ ۾ ناهي. نڪتل گفتو، پوءِ سوچڻ تائين، پنهنجو اثر ڏيکاري ويندو آهي. پوئين سوچڻ مان، سواءِ پڇتاءَ جي ڪي بہ ڪين حاصل ٿيندو آهي. ڏڌل ڪير ٿڻين نہ پوي. نڪتل گفتو ۽ ڇٽل تير بہ موٽي ماڳ نہ ٿا اچن. پلو انهيءَ ۾ آهي تہ سوچي سمجهي ڳالهائجي. بيءَ صورت ۾ سُن ڦڪي وڃجي.

مطلب:

- ڳالهائڻ کان اڳ، سوچجي.
- پهرين تورجي، پوءِ اورجي.
- پهلي تولو، ڦِر بولو. (اردو)

**.98 علم جيترو ڪپاءِ، اوترو وڌي. (چوڻي)**

دنيا جي هر مادي دولت، ڪپائڻ سان ڪٽندي آهي. جڏهن تہ علم ۽ عقل واريون وٿون، ورهائڻ ۽ ونڊڻ سان ٻين کي فائدي پهچائڻ سان گڏوگڏ ورهائڻ واري وٽ بہ وڌنديون ويجهنديون رهنديون آهن. بند ڪري رکڻ سان علم / عقل ذهن ۾ دبجي سُسندو ۽ سوڙهو ٿيندو ويندو آهي. انهن جي ڪپائڻ ۾ ئي پلائي آهي.

مطلب:

- جيترو ٿي سگهي، علم ٻين تائين پهچائجي.

- ڏيئي مان ڏيئو، ٻري ٿو.
- علم ڏيڻ سان، وڌي ٿو. نہ ڏيڻ سان، گهٽي ٿو.
- دولت کي ٻاهر ۽ چور جو ڊپ ڏاءُ، علم کي نہ ڪير لٽي، نہ لڳيس ڪوسو واءُ.

**99. عورت تہ گهر، مرد هَرُ. (چوڻي)**

عورت جو شان مانُ، گهر جي سنڀال ۽ ان اندر گذارڻ ۾ آهي. سندس پردو بہ رهي ٿو ۽ گهر بہ رونق وارو رهي ٿو. گهر ۾ عورت جي محنت سان برڪت پوي ٿي. جڏهن تہ مرد جو شان ۽ وقار ٻاهرين ڪمن ڪارين ڪرڻ ۾ آهي. ان سان گهر جي ڪمائي وڌي ٿي ۽ مرد جو عقل پڻ وڌي ٿو. عورت گهران نڪتي يا مرد گهر ۾ نِڪمٽو ٿي ويٺو تہ گهر ئي تباهہ ٿي ويندو.

مطلب:

- هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي ماحول (environment) ۾ رهي، ڪم ڪرڻ ۽ زندگي گذارڻ گهرجي.
- گهر جي سنڀال گهر واريءَ سان، ڪاروبار جي سنڀال مرد سان آهي.
- عورت تہ ايٽ، مرد تہ ڪيٽ.

**100.عورت جو مرڪ آهن چار چيز: چَڪي، چُلهہ، چَرخو ۽ چادر. (چوڻي)**

گهر جا چار ڪم تہ ڪنهن بہ صورت ۾ عورت کي ئي سنڀالڻ گهرجن، مرد جي سنڀالڻ کان چڙهيل آهن. جيڪڏهن مرد کي انهن جي ذميواري سونپبي تہ هيڪاري بگاڙي وجهندو. عورت سنڀالي بہ سگهندي ۽ ڪيس سونهن بہ ٿا. اهي ڪم آهن.

(1) اٽو ٻاٽ ۽ اَنُّ وغيره، چڙڻ چندڻ ۽ سانڍڻ.

(2) ماني ٽڪي ڪرڻ. گهر ڀاتين کان علاوه، مهمانن وغيره جي کاڌِ خوراڪ لاءِ بندوبست ڪرڻ.

(3) ڪپڙو لٽو ڌوئڻ ۽ سنڀالي رکڻ. وقت تي استري ٿيل ڪپڙو، مڙس سميت ٻارن کي پارائڻ وغيره.

(4) پردي ۾ ۽ حياءَ سان حياتي گذارڻ. ٻين آڏو، ڏندڙا نہ ٽيڙڻ.

مطلب :

- گهر جو سمورو ڪاروبار، عورت کي سنڀالڻ گهرجي. ان ۾ ئي برڪت، عزت ۽ شرف آهي.

**101.قسم، نہ ڏني چڱو نہ وتي چڱو. (چوڻي)**

هر ڳالهہ تي قسم ۽ قرآن ڏيڻ وارو، پنهنجي عزت ۽ اعتبار تہ وڃائي ٿو پر کڻڻ وارو پڻ پنهنجو وقار وڃائي ويهي ٿو. ڪوڙي ڳالهہ لاءِ ڪنيل قسم / قرآن، ماڻهوءَ کي وَٺُ ڪندو آهي. دانشمندي انهيءَ ۾ آهي تہ دنيا جو نقصان نقصان برداشت ڪري وڃجي ۽ قسم / قرآن کڻڻ کان پاسو ڪجي.

مطلب:

- قرآني ۽ قسمي ماڻهوءَ مان ٻين کي تہ نهيو پر پاڻ کي بہ نقصان ئي پوندو آهي.
- اعتماد ڪجي ۽ اعتماد ويهارجي.

**102.ڪاٺ جي ڪني، ٻاهر تي صرف هڪ دفعو چڙهي. (پهاڪو)**

دنيا ۾ ڪن کي ڪمزور، ڪن کي طاقتور ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. ڏاڍي ۽ هيٺي جو ميل،

ڏکيو ئي ٿيندو آهي. باهه ساڙڻ جو ڪم ڪري ٿي. ڪپهه آڏو آٽبس ته ان کي ساڙي ڇڏيندي. هيٺي کي ڏاڍي جي آڏو وڃڻ ۾ نقصان آهي. ويندو ته بچي ڪين سگهندو.
مطلب:

- هيٺي کي، ڏاڍي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
- ڪمزور، ڏاڍي آڏو ٽڪي نه سگهندو .
- ڏاڍي نال شراڪت، چلدي ناهين.
- پيٽيو: ڏاڍي نال وَپار، ڏيندي گهِندي سائين.

**103.ڪارو نانءُ ڪانون جو، ملڪ ڦُري ويا ڳيرا. (پهاڪو)**

ڪارو ته الله کي پيارو هوندو آهي. البته ڪانون جي اوجهاڪڙ ۽ ڦُرلٽ واري طبيعت سبب، سندن رنگ ۽ حرڪت، ڪنهن کي به نه وڻندي آهي. ڳيرا، پنهنجي نرم طبيعت ۽ نماٽائي واري انداز سان، ڪانون جي پيٽ ۾، چڱو خاصو ڪائي ويندا آهن، ۽ مٿن ڪنهن کي به ڪاوڙ نه ايندي آهي.
مطلب:

- چڱي سياءُ وارو، غلط ڪم ڪري ته به مٿس چڙ نه ايندي.
- نالو بد ڪانون جو، ملڪ ڳيرا ڪائي ويا.
- نالي چڙهيو چور ڦاهيءُ چڙهي، نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي.
- سهٽيون سيڏائن، لنديون لاڏ ڪن. (ابتو)

**104.ڪاريهر جي ڄِرُ مٿان جيڪو لنگهائي لنگهه، جي نه ڳڙڪائي چنگهه، ڪاريهر ڪيئن ڪوئجي. (پهاڪو)**

ڪاريهر نانگ جي اَڏِ آهي ته جيڪو ساٽس ڪينس ڪندو، تنهن سان عڪس پئجي ويندو. اهڙو وير رڪندس جو آڪهه ئي اُم کان گم ڪري ڇڏيندس.
مطلب:

- ڪاريهر نانگ سان نه اُچائجي.
- ڪاريهر جي ٻر ۾ وجهبي ٻانهن، ته ڪرائيندو ڏانهن.
- ڪاريهر / ڪاريءُ جي هڏي تي پير اچڻ سان به موت واقع ٿي ويندو آهي.

**105.ڪر ڪار ته ڪانئر نه ٿئين، ڪارئون نه پانءِ ته ڪافر نه ٿئين. (چوڻي)**

دنيا ۾ لوچي ڪائڻ لاءِ انسان کي هٿ پير مليل آهن. اهي هلائي ڪمائيندو ته ڪنهن جي آڏو نه هٿ ڊگهيڙڻو پوندس ۽ نه ئي شرمساري ڪٽڻي پوندس.
ڏيڻ وارو فقط الله آهي. ڏيڻ لاءِ ڪنهن به ٻهاني جو محتاج ناهي. جيڪو ڪجهه ملي تو سو ڪانئس پانئجي. پنهنجي محنت ۽ پنهنجي جسم تي نه ناز ڪجي ۽ نه ان منجهان پانئجي ائين ڪرڻ به ڪفر ۾ ڌڪي ڇڏيندو آهي.
مطلب :

- محنت وارو ٻين جو محتاج نه ٿيندو .
- اسباب تي يقين رکڻ وارو، مسبب الاسباب کي وساري ويهندو آهي.

**106.ڪميٽي ڪاڏو ڪانءُ، چي: "پکي ڏند جو!" (پهاڪو)**

بدمعاش ۽ بدقماش، چوري ۽ زنا، ڦر ۽ ڌاڙي ، جوئا ۽ شراب جي ڪمائيءَ کي محنت ۽ مشقت

سان حاصل ٿيڻ سبب جائز سمجهي ڪائيندو آهي.
مطلب:

- بدمعاش، حرام کي حلال سمجهي ڪائيندو آهي.

**107.ڪنهن جو ڪلڻ ٻہ ڪيٺ، ڪنهن جا ويڻ ٻہ وروونهن. (چوڻي/ پهاڪو)**

جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي طبعيت جون ڪيفيتون ڦرنديون رهن ٿيون، تهڙيءَ طرح سندس پسند جا معيار ۽ زاويا بہ بدلبا رهن ٿا. ڪڏهن پيل نقصان تي پيو ڪلندو آهي تہ ڪڏهن خوشيءَ جي موقعي تي بہ ڳوڙها ڳڙي پوندا اٿس. ڪڏهن من ماڪوڙي هوندس تہ ڪڏهن ڪيهر شينهن.
ڪڏهن ڪنهن جي سونهن کان نفرت پئي ايندي، ڪڏهن ڪنهن جو ڪارو رنگ بہ پيو وڻندو.
ڪڏهن ڪنهن جو ڪلڻ بہ ٺٺول پئي محسوس ٿيندي. ڪڏهن ڪنهن جي طعنن تنڪن کي بہ نصيحت پيو سمجهندو ۽ ٿورائتو پيو رهندو. انساني طبعيت جا بہ ويرا آهن. پوءِ جهڙي گيڙ تي بيهي.
مطلب:

- ڪنهن کي ڪارو بہ پيارو لڳي، ڪنهن کي اڇو بہ ڪڪڙ جو پَڇو لڳي.
- ڪنهن جو عيب بہ وڻي تہ ڪنهن جي خوبي بہ خراب لڳي.
- ڪنهن جو ڪلڻ بہ خواري، ڪنهن جو روئڻ بہ راحت.

**108.ڪوري چا چاٽي، ڪباب مان. (پهاڪو)**

ڪباب، سوادي ۽ محنت سان تيار ٿيل کاڌو آهي. ذائقيدار هئڻ سان گڏ دير هضم پڻ آهي. ان کي هضم ڪرڻ لاءِ مضبوط آندو ۽ ڪسرتي بت گهرجي. ان جي برعڪس ڪوري ماڻهو سڄو ڏينهن آڏاڻي تي ويهي، ڌاڳي تي محنت ڪري چار ڏوڪڙ گڏ ڪن، تن ڪان نہ ڪباب جا خرچ برداشت ٿي سگهندا، نہ ئي مرچ مصالحا هضم ٿي سگهندا. هڪ هنڌ ويهڻ واري ڪوريءَ کي هضم ڪرڻ لاءِ زود هضم کاڌا گهرجن.
مطلب:

- گُڏهہ چا چاٽي، گلقند مان.
- ڪتو چا چاٽي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان.
- لچ چا چاٽي، چڱائيءَ مان.

**109.ڪاٺيل ٻلي، چلهہ جي ويجهو نہ اچي. (پهاڪو)**

جنهن کي جتان هڪ دفعو فائدو پيو، سو وري وري پيو ات ايندو. جنهن کي جتان هڪ دفعو نقصان پيو، سو اتان لنگهڻ وقت ڏاڍو محتاط پيو ٿيندو.
مطلب:

- ٽوٽِ واري ڏنڌي ڪان، هرڪو ونءُ پيو ويندو آهي.
- کير جو ڪانيل، ڇاڇ ڦوڪي پيئي.
- ڪتيءَ کي لڳي چنواتي، تارا ڏسي پئي رُوڙي.

**110.گدڙ کي هر ڪو سجاڻي، گدڙ ڪنهن کي نہ سجاڻي. (پهاڪو)**

گدڙ، بزدل پر چالاڪ جانور آهي. چالاڪيءَ سبب، مڙني اڳيان پاڻ ڪدائي پيجي تہ ويندو آهي، پر سندس حرڪتون ڪنهن جي نظر کان اوجهل نہ رهنديون آهن. جنهن تي مڙني جون نظرون هجن،

اهو پلي ٻين کي نہ ڏسي يا نہ سڃاڻي پر سمورا ڪيس سڃاڻن ٿا.
مطلب :

- ممشهورِ زمانہ ماڻهوءَ کي، ڪير نہ سڃاڻي؟
- ڪاڻءَ کي، هرڪو سڃاڻي.
- گدڙ جي گونهن ۾ ڪم پوي تہ انگاس تي چڙهي هنگي اچي.

**111.گڏهہ تي پورو پلو، مڙس تي ٿورو پلو. (چوڻي)**

گڏهہ کي خلقيو ئي وزن ڍوئڻ لاءِ ويو آهي. سندس نہ گوشت ڪم جو آهي ۽ نہ ئي کير وغيره. جيڪڏهن مٿس وزن نہ ڍوئڻ وارو ٿورو ڪبو، تہ بہ مجيندو ڪونہ. ان کان بهتر آهي تہ ٿورو ڪنهن مڙس ماڻهوءَ تي ڪجي ۽ گڏهہ تي نہ ڪجي.
مطلب:

- گڏهن سان سوٽي ذريعي ۽ مڙسن سان احسان ذريعي ورتاءُ ڪجي.
- جيڪو جنهن ورتاءَ لائق آهي، تنهن سان تهڙو ورتاءُ ڪجي.
- عزت واري جي عزت ڪجي ۽ لچ کي بہ نظر ۾ رکجي.

**112.گڏهہ گهوڙو نہ ٿئي، توڙي سونا وجهجنس سنج، پاٽيون وجهجنس پنج، تہ بہ ڊوڙيو وڃي گونهن تي. (پهاڪو)**

اُچا ڪپڙا پهرڻ سان، ماڻهوءَ جي طبيعت خراب مان پلي نہ ٿيندي. پئسن اچڻ سان عقل ۾ واڌارو نہ ايندو. سون پائڻ سان، نہ حسن ۾ واڌارو ايندو ۽ نہ ئي طبيعت ۾ سُياءُ / من ياءُ پيدا ٿيندو.
مطلب:

- لچ اشراف نہ ٿيندو، توڙي سؤ نصيحتون ڪجنس.
- اڪ، انب نہ ٿئي، توڙي جال پيارجيس جَلُ/ جَرُ.
- سوئر ٻڪري نہ ٿيندو، توڙي سَوَ تڪبيرون پڙهجنس.

**113.ڳل رکبو آهي ڳوڙهو، وهہ جو پربو آهي ڏڪ. (چوڻي/ پهاڪو)**

دنيا ۾ آيل تڪليفن سبب ڳوڙها فطرتًا ڳڙي پوندا آهن. جڏهن تہ نقصان جو تدارڪ ڳوڙهن وهائڻ سان نہ ٿي سگهندو آهي. نقصان برداشت ڪرڻ لاءِ زهر جو ڍڪ پرڻو پوندو يا ڪؤڙي گوري ڳيهڻي پوندي آهي. پيل نقصان سبب آيل اُٻڙڪن کي بہ، هَپُ ڪري پي وڃبو آهي. تڏهن ئي زندگيءَ جو گاڏو گڙندو. ٻي صورت ۾ وري بہ پنهنجي ئي جان جو نقصان آهي.
مطلب:

- تڪليف سهي وڃبي آهي پر اک مان ڳوڙهو وهڻ بہ فطري عمل آهي.

**114.ڳڻ ڪجي، ڳڻ پرکجي، ڳڻ ڪجي ڳٿهار سان، بدوءِ بيڪار سان، ڪيو ئي ڪلر ۾ وڃي. (چوڻي)**

احسان بہ ماڻهوءَ سان ڪبو آهي، جيڪو ان مان ڄاڻي. بي قدري سان احسان ڪبو تہ اهو ڳچيءَ پئجي ويندو. نارو سلوڪ سان بي قدري تہ ڪندو پر خلق خواري تنهن کان علاوه ٿيندي.
مطلب:

- چڱائي، قدردان سان ڪجي.

**115.گهرج ڏاران پولڻ، ابروءِ جو زيان. (چوڻي)**

ڳالهائڻ ۾ وقتائتو ٺهندو/ سونهندو آهي. بي وقتو ۽ فضول ڳالهائڻ، خوراريءَ جو سبب ٿيندو آهي. ڳالهائڻ وقت، ڪچهريءَ جو موضوع ۽ ويٺلن جي خيالن جو معيار ذهن ۾ رکي ڳالهائجي. بيءَ صورت ۾ خواري ۽ ڪڪائپ ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو.

مطلب:

- جهڙي ڪچهري، تهڙو گفتو ڪجي.
- ڳالهائڻ وقت ڳالهائجي، چُپ رهڻ وقت چُپ رهجي.

**116.گهٽي نہ ڊاپائي، ٿي ڊاپائي. (چوڻي)**

انسان جي پيٽ ڀرڻ لاءِ هڪڙي مانيءَ، اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ هڪڙي وڳي، آرام ۽ ننڊ ڪرڻ لاءِ هڪڙيءَ کٽ يا بستري، رهڻ لاءِ هڪڙي ڪمري واري گهر جي ضرورت هوندي آهي. اها بي ڳالهہ آهي تہ ڪيس حرص الائي ڪيترين آمدنين ۽ وڳن، بسترن ۽ بنگلن جو هوندو آهي. انهن جي هجڻ سان بہ ڍؤ نہ ٿيندو آهيس. جڏهن تہ شڪر گذران ڪي ٿوري شيءِ مان بہ ڍؤ ٿي ويندو آهي.

مطلب:

- گهٽي شيءِ مان اڪين ڪي بہ ڍؤ نہ ٿيندو آهي.
- گهٽي سان نہ پر هئڻ سان ڍؤ ٿيندو آهي.

**117.لاهن ڪان لاڙو، ڪيو ڪين جنهن، هَرُ ، ڪلي ۽ ناڙو، ٽيئي تنهن جا زيان ٿيا. (پهاڪو)**

زمين ۾ بيٺل جهنگلي وڻ، پاڙئون ڪيڻ پجاٽان ئي زمين ڪي فصل پوکڻ لائق بنائي سگهجي ٿو. وڻ پاڙ وٺان وڍڻ ڪان پوءِ سندن پاڙون يا لاهہ زمين ۾ رهجي ويندا آهن، جيڪي هَرَ ڏيڻ وقت گهوبي ڪي پيجندا آهن ۽ فصل /سلي ڪي ايرڻ ڪين ڏيندا آهن. ان ڪري ڪڙميءَ ڪي لازمي جڳائي تہ بنيءَ ڪي فصل لائق بنائڻ لاءِ، پهرين منجهانئس لاهہ ڪڍي، بيءَ صورت ۾ ڪيل محنت، چٽيل ٻِجُ ۽ ريج وارو پاڻي، سمورا ضايع ٿي ويندا.

مطلب:

- لچ ڪان تارو ڪجي، ور نہ نقصان ئي رسندو.

**118.لب لعنتير، طمع حرام. (چوڻي)**

لالچ ۾ ماڻهو ٻئي جو خيال نہ رکندو آهي. پنهنجي غرض حاصل ڪرڻ لاءِ بدتميزي بہ ڪندو آهي يا اخلاق ڪان بہ هيٺ ڪري پوندو آهي. جنهن سبب ڪانئس پري رهڻ لاءِ چيو ويو آهي. طمع / سڌ ڪرڻ يا دل ۾ تلڻ / خيال پچائڻ تہ: "فلاڻو جيڪر مون تي مهربان ٿي پوي ۽ فلاڻي شيءِ مرحمت ڪري وجهي وغيره" پڻ غلط آهي. اڳلي سان بہ ڪي اڻ تر مجبوريون لاحق ٿي سگهن ٿيون. انهن جي ڪري مذڪوره تمنائون پوريون نہ ڪري سگهندو هجي. اهڙي اميد رکڻ ڪان بہ منع ڪئي وئي آهي. تمنا نہ پوري ٿيڻ جي صورت ۾ ساري عمر لاءِ ڦِڪت ٿي پوندي آهي.

مطلب:

- لالچ ڪي لعنت ۽ طمع ڪي حرام چيو ويو آهي.

**119.لڪڻ لائو، ڏاند پرائو. (پهاڪو)**

ڏاند ڪي هَرَ يا نار، گهاڻي يا بيل گاڏيءَ ۾ وهائڻ، لڪڻ ڪان سواءِ آسان ناهي. اهي مڙيئي ڏڪيا ۽ اهنجا ڪم آهن، جيڪي ڏڪو ئي ڪري سگهي ٿو. پر شرط اهو آهي تہ ڪاڏي سان گڏ ڳاڏيءَ تي ويٺل ڪيس لڪڻ جي مهميز ڏيندو هلي. بيءَ صورت ۾ ڪٽر ٿي پوندو ۽ ڪم وقت پوڙن ۾

لڪندو وتندو.
مطلب:

- لڪڻ جو صرفو ڪبو تہ ٻار ڪري پوندو.
- سوٽي هجي ساڻ، گڏهہ گوهي نہ ڪري.

**120.ماتا، ماري يا ڪاري. (چوڻي)**

ماتا بيماريءَ جو نالو آهي، جيڪا اڪثر ننڍن ٻارن کي وچڙندي آهي. گهر گهر ۾ ڦهلجي ويندي آهي. جنهن سبب گهڻا ٻار مري ويندا آهن. جيڪي بچي ويندا آهن تن جا بہ چهرا چُگهن / نشانن سبب بگڙجي ويندا آهن.
مطلب:

- بيماري، بگاڙي يا ماري.

**121.ماڪوڙن جي گهر ۾، مڙيوئي ماتام. (پهاڪو)**

ماڪوڙا، ٻرُ ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ رهندا آهن. جنهن سبب ٻرُ سوڙهي ۽ پاڻ گهڻا تي پوندا آهن. ٿوري بہ مصيبت، پاڻيءَ يا ڪڙڪي جي صورت ۾، جڏهن متاثر ايندي آهي تہ پوءِ رستو هٿ نہ ايندو اٿن. هيڏي هوڏي پيچ پيچان هوندي اٿن. ماتم وارو منظر نظر پيو ايندو آهي.
مطلب:

- مظلوم ۽ غريب ، جهُڙيءَ ڦڙيءَ وقت، آزار ۾ هوندو آهي.
- واندن جي گهر ۾ مچي مارڪيٽ وارو ڏيک.

**122.ماڻهو آ، مهل جو. (چوڻي).**

انسان ڪامل يا ماڻهو اهو آهي جيڪو وقت / مهل تي ٻين جي ڪم اچي. ٻين جي ڪم نہ ايندڙ جو، ڪاٺ پيئڻ بہ ڇڻ حرام آهي. منجهائنس هرڪو بيزار هوندو آهي. نہ ڪيس ڪنهن جي دعا نصيب ٿيندي آهي ۽ نہ ئي ڪيس ڪو خير جي صلاح ڏيندو آهي.
مطلب:

- تڪليف ۾ ساٿ ڏيڻ وارا ئي، مانجهي مڙس هوندا آهن.
- جيڪو مهل تي ڪم نہ اچي، ان جي ياري بہ بيڪار آهي.
- هڏ ڏوکي اهو آهي، جيڪو وقت پوڻ تي ساٿ ڏئي.

**123.ماڻهو جنهن جو مال، تنهن کي ڪهڙي ڳالهہ جو ڪال. (چوڻي)**

جنهن ماڻهوءَ جي چئي آکئي ۾ ٻيا ماڻهو هجن ۽ تعزيم تڪريم ڪندڙ هجنس، تنهن سان اللهﷻ جي مدد پڻ شامل هوندي آهي. جنهن مان مخلوق / ماڻهو بيزار هجي سو مالڪ کي بہ پسند ڪينهي.
مطلب:

- گهڻا ماڻهو جنهن جي خدمت ڪن، ان کي مال ملڪيت ڪٺي ڪرڻ جي ڪهڙي ڳڻتي؟
- آوازِ خلق، نقاره خدا است. (فارسي)

**124.ماءُ جي گود، پهريون استاد. (چوڻي)**

ماڻهو، دنيا جي معاملات ۾ پوڻ کان اڳ ٻولي ۽ زبان هلائڻ ماءُ جي هنج ۾ سکي ٿو. ماڻهوءَ جي اصلي زبان بہ، مادري ٻوليءَ يا ماءُ واري ٻوليءَ کي چيو ويندو آهي. ماڻهو ڳالهائڻ وقت پهرين

مادري زبان ۾ سوچيندو آهي، پوءِ ئي ترجمو ڪندي ڪنهن ٻي زبان ۾ ڳالهائيندو آهي.
مطلب:

- سکڻ جي شروعات، ماءُ جي گود کان ٿئي ٿي.
- ماءُ ئي ٻار کي، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ / ٻولي سيکاريندي آهي.

**125.مٽيءَ مٽيءَ جو پنهنجو ميناج آهي. (چوڻي/ پهاڪو)**

هر ٻنيءَ ۾ ساڳيو فصل، ساڳئي ذائقي ۽ خوشبوءِ سان نہ ٿو ٿئي. انب، ميرپور خاص جو، زيتون ماهوٽڻ جو، سڳداسي چانور گهوگهاري جو، باسپتي (ڪرنل) چانور پنجاب جو، ڏاڙهون قنڌار جو تہ صوف چمن جو مشهور آهي. منجهن اها خوبي، اتان جي زمين سبب آهي.
مطلب:

- هر ماڻهوءَ جو پنهنجو سياءُ آهي.

**126.مرد جيترو اُلجهندا، اوترو پُڄهندا، عورتون جيترو اُلجهنديون، اوترو مُنجهنديون . (چوڻي)**

مرد ۽ عورت جي پنهنجي پنهنجي نفسيات آهي. عورت ۾ حياءُ ۽ شرم هئڻ سبب، مُنجهڻ وقت پڇڻ جو مادو گهٽ رهي ٿو. ان کان علاوه، عورتن ۾ ٻڌڻ جي پيٽ ۾ ڳالهائڻ جي عادت وڌيڪ هوندي آهي. جنهن سبب نہ پوريءَ طرح رهنمائي ٿيندي اٿن ۽ نہ سمورين ڳالهين جا لڪل پاسا متن ظاهر ٿيندا آهن. مرد جي پيٽ ۾ سدائين الجهيل هونديون آهن.
مطلب:

- مرد جنهن ڪم کي وچڙندو، تنهن کي سلجهائيندو. عورت جنهن ڪم ۾ اڙي، تنهن ۾ قاتي پئي هوندي.

**127.مڙسن لاءِ زالون ڪوڙ. (پهاڪو)**

مرد لاءِ زال ضروري آهي. عرت لاءِ بہ مڙس اشد ضروري آهي. ٻئي هڪٻئي لاءِ ڍَڪُ آهن. اجا بہ مرد ڇڙائپ واري زندگي گذاري ويندو پر عورت لاءِ ڇڙائپ عذاب آهي. ڪيس هر حال ۾ سگهرائپ واري ڍڪ جي ضرورت آهي. شرط اهو آهي تہ مڙس، ڪمائيندڙ ۽ غيرت وارو هجي.
مطلب:

- ڪمائيندڙ مرد کي هرڪو سڱ ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي.
- سائي جو سيڪو سالو، پينگئي جو ڪو پيٽيويو بہ نہ.
- مانيءَ کي مزور گهٽا، مزور کي ماني گهٽي.
- مڙسن جو، جتي ڪٽي قدر ٿئي ٿو.
- جهڳا هووي، جوءِ مل ويسي.

**128.مڙسن لاءِ پيلو، بہ ٻرانگهون. (چوڻي)**

پڪي ارادي ۽ همت وارا، مڙس ماڻهو آهن. اهي جڏهن ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندا آهن، تڏهن خدا تعالي طرفان بہ ڪين مدد پهچندي آهي. جنهن سبب سندن هر ڪم، جلد پورو ٿي ويندو آهي.
مطلب:

- همت وارن لاءِ، هر ڪم آسان آهي.
- همت مردان، مدد خدا.
- پڪو ارادو ڪرڻ وارن لاءِ ، هر مشڪل ڪم آسان ٿيو وڃي.

**129.مشغولي، ضابطي جي ڪنجي. (چوڻي)**

مشغول رهڻ وارو پنهنجيءَ ڌن ۾ مگن هوندو آهي. نہ ڪنهن جي ڪٿيءَ ڪي هٿ لائيندو آهي ۽ نہ ئي پنهنجو پٽ پُٽائيندو آهي. واندن وانگر شيطانگيريءَ جا ڪم نہ ڪندو آهي. بلڪ جنهن ڪم ۾ مشغول هوندو آهي، ان ۾ ئي گم ۽ ضابطي اندر زندگي گذاريندو آهي.

مطلب:

- واندو ماڻهو، شيطان جو گهر.
- پاڻ کي مشغول رکندڙ پاڻ کي آپي ۾ رکندڙ هوندو آهي.

**130.مڪو: پڪو. (چوڻي).**

مڪي وارا هر ڳالهہ ۾ پڪا آهن. ڪفر ۽ شرڪ تي هيا تہ بہ پڪا ۽ ڪٽا هيا، جڏهن ايمان آڻي مسلمان ٿيا تہ بہ پڪا ۽ سچا مسلمان ٿيا. منجهن منافقي ڪا نہ هئي. اڄ بہ مڪي وارا ڳالهائڻ ۾ کهرا ۽ سڌا آهن. منجهن جوش ۽ جلال آهي. منافقي ناهي.

مڪي ۾ الله ﷻ جو گهر آهي. فقط جلال ئي جلال آهي. مديني ۾ رحمة للعالمين آهي، اتي فقط نرمي ئي نرمي آهي.

مطلب:

- مڪي ۾ جلال آهي.
- مڪي جا رهندڙ پنهنجي عقيدي ۾ پڪا آهن.

**131.موت مند ناهي، تائب ٿجي تڪڙو. (چوڻي)**

حياتي، ڪنهن بہ وقت پوري ٿي سگهي ٿي. نہ ڊگهي حياتيءَ جي خوشفهميءَ ۾ رهجي ۽ نہ ئي گناهن جي دلدل ۾ پاڻ کي ان آسري تي ڌڪي ڇڏجي تہ زندگيءَ جي آخري حصي ۾ توبہ تائب ٿيندس. زندگي ۽ موت جو ڪو بہ ڀروسو ڪونهي. ڪنهن بہ وقت موت اچي وارد ٿي سگهي ٿو ۽ زندگي ختم ٿي سگهي ٿي. اصل ابدي زندگي، آخرت واري زندگي آهي. ان جي هر وقت تياري ڪرڻ گهرجي.

مطلب:

- موت، ڪنهن وقت بہ اچي سگهي ٿو.
- مرڻ لاءِ، عمر جو ڪوبہ حصو مقرر ٿيل ناهي.

**132.مينهان ۽ نينهان، ٻئي اڪر هڪڙو. (چوڻي)**

مينهن جي وسڻ سان، زمينون آباد ٿين ٿيون ۽ موسمي لحاظ کان گرميءَ / گهُٽ ۾ گهٽتائي اچي ٿي. نينهن / عشق سان بہ ماڻهوءَ جي ڪيفيت / طبيعت ۾ ڦيرو اچيو وڃي. ڪيس دنيا جي هر شيءِ مان عجيب قسم جو لطف ۽ سرور پيو محسوس ٿيندو آهي. نينهن پڄاڻان، شاديءَ سان خانہ آبادي ۽ نسل جو وڌڻ ويجهڻ پڻ ٿئي ٿو.

مطلب:

- مينهن ملڪ ۾ ۽ عشق اندر ۾ بهاري آڻين ٿا.

**133.مينهن ڪنڌي ڀلي، ڏال ننڍي ڀلي. (چوڻي )**

مينهن ڀلي اها آهي جيڪا کير جالارو / ججهو ڏئي. ڪنڌي مينهن ٻين جي ڀيٽ ۾ کير جالارو ڏيندو آهي ۽ مِهر سان ڏهائيندي آهي. مينهن جي مڙني نسلن مان، اها مينهن چڱي آهي.

زال اها پلي آهي، جيڪا مڙس جي خدمت ڪرڻ سان گڏ، اولاد ڄڻڻ جي صلاحيت رکي. اها خوبي نوجوان / ننڍي نيٽي زال ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. وڏيءَ عمر واري پاڻ ڪٽڻ ۾ ئي پوري هوندي مڙس جي ڪهڙي خدمت ڪندي؟ ڄڻڻ جي خوبي پڻ گهٽ هوندي اٿس.

مطلب:

- مينهن ڏڻ مان، زال ڄڻ مان آڻجي.
- مينهن يا زال، سٺي نسل مان ۽ ننڍيءَ عمر واري آڻڻ گهرجي.
- اَنڍِ ونجي، مَنڍِ ونجي ، ٿُنڍِ ونجي، پر ٺَنڍِ ونجي.

**134.ناداني، وڏي مفلسي. (چوڻي)**

مفلس اهو ناهي، جيڪو سڄو / نادار آهي. حقيقت ۾ مفلس اهو آهي، جيڪو پئسي کي صحيح طرح سنڀالي / استعمال نه ٿو ڪري سگهي. بيوقوف ۽ نادان، آيل پئسو رکي نه ڪائيندو آهي. ائين ئي زيان / ڌُڦ ڪري ڇڏيندو آهي. متان وري ڪمائڻ جي صلاحيت به نه هوندي اٿس، جنهنڪري جلد مفلس ٿي ويندو آهي. ناداني / ذهني ناداريءَ سبب، ٻين جون همدرديون به وڃائي ويهندوآهي.

مطلب:

- عقل کان سواءِ دولت هوندي به سڃ آهي.
- سڃي ۾ سڄو ماڻهو اهو آهي، جنهن وٽ عقل ناهي.

**135.نانگ کي مَنڊُ لڳي، ڳوهه کي نه لڳي. (پهاڪو)**

نانگ، زهر سان ڀريل هئڻ جي باوجود به منڊجي سگهي ٿو. جڏهن ته ڳوهه بنا زهر هئڻ جي ايتري ضدي ۽ هنيلي آهي جو مٿس ڪو به منڊ نه چڙهندو آهي. نانگ مُرليءَ جي آواز تي ڦڻ ڪڍي نچي، جڏهن ته ڳوهه موراڳو چپ هٽي ويهي رهي ۽ نه نڪري.

مطلب:

- مرليءَ جي آواز تي نانگ ٻِرُ مان نڪري اچي، ڳوهه نه نڪري.
- نانگ ريجهائڻ سولو، ڪرو ڪو ڳوهه ريجهائي.
- نانگ ريجهائڻ سولو، انسان ريجهائڻ ڏکيو.
- اشراف مان ڪم ڪڍڻ سولو، بدمعاش مان ڪڍڻ ڏکيو.

**136.نانوائيءَ جي اڳياڙي، ڪاسائيءَ جي پڇاڙي. (چوڻي)**

نانوائي يا هوٽل واري جو ٻوڙ جنهن وقت رجهي ٿو، ان وقت تازو ۽ سوادي هئڻ سبب، ڪائڻ ۾ لذيذ هوندو آهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن ٻوڙ ٺرندو ويندو ۽ ڀهريَن گراهڪن واسطي، متان سٽي نڪرڻ سبب، ديگڙي جي تري ۾ فقط بيسوادي پاڃي يا ڪاڪڙ ڪوڪڙ وڃي بچندي آهي. ڪائيندي پيٽ ۾ هٿ هوندا آهن.

ڪاسائيءَ جي ڪوشش هوندي آهي ته پهرينءَ ست اهو گوشت هلائي ڇڏي، جيڪو سجائي رکڻ جهڙو نه هجي. چڱو گوشت، گراهڪن جي ڏيان ڇڪائڻ لاءِ ٽنگي يا لڪائي رکندو آهي. جيڪو آخر ۾ ميدان / اڏيءَ تي آڻيندو آهي.

مطلب :

- هر معاملي مان موقعي / مهل آهر فائدو ونجي.

**137.نظر، ماري يا ڪاري. (چوڻي)**

نظر: نگهه چڱيءَ شيءِ تي ٿيندي آهي. سهڻي ٻار جي چهري تي، مائرون ڪارو ٽڪ ان ڪري ڏاهي ڇڏينديون آهن ته جيئن ڪين بدنظر نه لڳي. عيبدار شيءِ کي، عيب سبب، نظر نه لڳندي آهي. نعمتن کان محروم ماڻهوءَ جي نگهه لڳندي آهي. انهيءَ کان بچجي. ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ڏجي، يا ڪانئس پاسو ڪري وڃجي. ڪتن ٻلن جي به نظر لڳندي آهي. ڪائڻ وقت، ڪين گرهه اڱوات ڪڍي وجهجي ته ڪاتي پيٽ ۾ ويلو نه پوي.

مطلب:

- بدنظر سان يا ماڻهوبيمار ٿئي ۽ عضوا ڪرنس، يا حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ويهي.
- بدنظر، پٽر کي به ڦوڙي.
- چشم بد، دور.
- ڪتي واري نگهه، خراب.

**138.نه مَٽجڻ وارو، مِٽجي ويندو. (چوڻي)**

دنيا جون حالتون، مسلسل تغير پذير آهن. حالتن سارو، ماڻهوءَ کي به تبديل ٿيڻ گهرجي ته جيئن ماحول ۾ پاڻ کي ماپائي سگهي. جيڪو حالتن سارو، پاڻ کي تبديل نه ٿو ڪري، سو پنهنجي ضد ۽ هٽ ڌرميءَ سبب، جتان ڪتان ٿُڏجي نڪري ٿو ۽ آخر فنا ٿيو وڃي.

مطلب:

- حالتن سارو، پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي.

**139.وڻ جي ڇانءَ ۾ هر ڪو ويهي، دل جي ڇانءَ ۾ ڪو ڪو ويهي. (چوڻي)**

وڻ جي ڇانءَ هر هڪ لاءِ کليل آهي. انسان به ويهي ته جانور به ويهي. فرشته- صفت به آساس وٺي ته شيطان-صفت به استفادو ڪري. جڏهن ته دل جي ڇانءَ يا قربُ ان کي ملندو، جيڪو پاڻ قرب وندبندو. مطلبي ۽ فريبي، خود غرض ۽ لالچي، ڪڏهن به دل ۾ جائگير نه ٿو ٿي سگهي. جتي ڪٿي رسوا ٿئي ٿو.

مطلب :

- ٻئي جي دل ۾ جاءِ ناهڻ، ڏکيو ڪم آهي.
- پيٽيو : لک جي ڇانءَ تي، ڪتو به ويهي.

**140.وڻ مان پَنُ ڇڻي وري ڳنڍجي، سو ڳُوڙي ڳالهه. (پهاڪو)**

وڻ ۾ پَنُ، قدرتي طرح ڦٽي ٿو، جيڪو هڪ دفعو ڇڻ ڪانپوءِ موٽي منجهس ڪين ٿو لڳي. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا ڪم آهن، جن جي ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي قدرتي طرح هڪ دفعو موقعو ملي ٿو. جڏهن سستيءَ سبب، ماڻهو پنهنجي هٿان اهي موقعا وڃائي ويهي ٿو ته پوءِ ساري عمر ڪيس پڇتائڻ ۽ هٿ مهٽڻ کان سواءِ ڪي ڪين ٿو ملي.

مطلب:

- آيل موقعو، هٿان نه وڃائجي.
- ڏڌو کير، ٿڻين ڪين پوندو.
- ڇٽل / نڪتل تير، موٽي ڪمان ۾ نه ايندو.

**141.ويئي وٿ جو قدر ٿيندو آهي. (چوڻي)**

جڏهن ڪوبہ موقعو هٿان ويندو آهي تہ موتي اچڻ جي اميد نہ رهندي آهي تہ پوءِ ماڻهوءَ جي اندر ۾ آنڌ مانڌ ۽ لوچ پوچ پيدا ٿيندي آهي. ان وقت ويل شيءِ جي وڃڻ جو ڪيس شديد احساس ٿيندو آحي.

مطلب:

- وِيل وَيل، وري هٿ نہ ايندي آهي.
- صحت جو قدر، بيمار ٿيڻ کان پوءِ ٿيندو آهي.
- جوانيءَ جو قدر، ڪراڙو ٿيڻ کان پوءِ ٿيندو آهي.

**142.هَٿُ ڏِئي ، هَٿَ ڪي. (پهاڪو)**

دنيا جي تختي تي، معاملا هر ڪنهن سان پون ٿا. جيڪو چڱائي ڪندو، تنهن سان چڱائي ڪرڻ لاءِ دل بہ گهرندي آهي ۽ هٿ بہ چيو ڪندو آهي. جيڪو برائي ڪندو آهي، تنهن سان برائي ڪرڻ لاءِ بہ دل ۾ آنڌ مانڌ هوندي آهي ۽ سندس ڪم ڪرڻ لاءِ هٿ پير بہ چيو نہ ڪندا آهن.

مطلب:

- جنهن جي هٿ مان وني ڪائبو آهي، تنهن لاءِ شناس ضرور هوندي آهي.
- هَٿُ سچاٽي، هَٿَ ڪي.

**143.هرڪو، پنهنجي دل جو بادشاهہ آهي. (چوڻي)**

جنهنجو حڪم هلي يا جيڪو حاڪم هجي، تنهن کي بادشاهہ چئبو آهي. هر ماڻهو، بئي جو چيو موتائي سگهي ٿو پر پنهنجي دل جو چيو موٽائڻ ڪيس ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم بہ، دل جي منشا تي ڪري ويهي رهندو آهي. ڪن حالتن ۾ دل جي ڳالهہ کي بہ ٽاري / دٻائي ڇڏيندو آهي. جنهن سبب ڪيس پنهنجيءَ دل جو بہ بادشاهہ سڏيو ويندو آهي.

مطلب:

- دل جي ڳالهہ ٽارڻ ڏکي ڳالهہ آهي.
- هر ڪوپنهنجي مرضيءَ جومالڪ آهي.
- دل ۽ بادشاهہ جي ڳالهہ، ڪير بہ نہ ٽاريندو آهي.

**144.هر هڪ ڏينهنُ، هڪ ننيڙي زندگي آ. (چوڻي)**

ڏينهنُ، جاڳڻ ۽ ڌنڌو وغيره ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. حياتي، ڏينهن جي حساب سان ڪَٽِي ويندي آهي. جڏهن تہ رات، آرم خاطر خلقيل آهي. ماڻهو ان ۾ سمهي پوي ٿو ۽ ننڊ کي موت جي ڀيڻ سڏيو ويو آهي. يعني رات بعد ماڻهو ننڊ ۾ مستغرق ٿيڻ سبب، مئل جي مثل آهي.

جڏهن ڏينهن ٿيڻ سان ماڻهو جاڳي ٿو تڏهن ڄڻ ٻيهر حياتي وني اچي ٿو. انهيءَ حساب سان هر هڪ ڏينهن، هڪ ننيڙي زندگيءَ برابر هوندو آهي.

مطلب:

- هر ڏينهن کي، نئين سج نئون سمجهڻ گهرجي.

**145.هَرُ هلائڻ سولو، گهَرُ هلائڻ اولو. (زرعي، چوڻي)**

هَرُ هلائڻ وقت گهوبي ۽ اوڙ جو خيال ڪندي، هَرَ جو مُنيو مضبوط جهلڻ سان ڳَڏ ڏاندن کي سنيالي هلائڻ لاءِ متن نگاهہ رکڻي آهي. جيڪا آزمودي سان آسان ٿي ويندي آهي. جڏهن تہ گهرو معاملات کي هلائڻ لاءِ ٻاهرين مسئلن تي الڳ نگاهہ رکڻي آهي تہ اندرين تي الڳ. ٻاهريان

مسئلا، ويندي ڪمائڻ ڪرڻ تائين، مرد ڪي خود نپائٽا آهن. جڏهن ته اندرين مسئلن جهڙوڪ: سُئي سڳو، رڌ پچاءُ وغيره ڪي سلجهائڻ عورت جو ڪم آهي. عورت به اها جيڪا، گهرو معاملات ۾ دل جي سچائيءَ سان هٿ ونڊائي ۽ جنهن کي يا خوف خدا هجي يا مڙس جي شرافت تي اعتبار هجي. ٻيءَ صورت ۾ گهر جو جنازو ئي نڪري ويندو.

مطلب:

- محنت ڪرڻ سولو ڪم، ڪمائي گهر جو انتظام هلائڻ ڏکيو ڪم.

**146.هڙَ جي ماني، مٽي جو سُور. (پهاڪو/ چوڻي)**

سفر جي دوران، ڪٿي ماني ملڻ جو امڪان هوندو آهي ته ڪٿي نه. ڪڏهن ڪڏهن ماني ته ملندي آهي پر پاڻءِ پوڻ پوڻ يا نه پوڻ جو انديشو پڻ رهندو آهي. انهيءَ لاءِ ڪي مسافر، سفر جي دوران، ماني هڙ ۾ ٻڌي هلندا آهن. ٻڌل ماني، چوڙي ڪائڻ آسان آهي. جنهن وقت دل گهريو، ان وقت کولي ڪائي چڏي. ڪن حالتن ۾ وري ٻڌل ماني، رکي سَڙي نه ٽيندي آهي. هر هر پيو ڏانهنس خيال ويندو. ٻيو ڪم وسري ويندو، رڳو ماني کائڻ وار ڪم، مغز تي سوار تي ٻيهي رهندو يا موراڳو مٽي ۾ سور ڪٽي وجهندو. ان حالت ۾ هڙَ واري ماني، مٽي جي سور برابر آهي.

مطلب:

- هَڙ دي ماني، مٽي دا سور.

**147.هستيءَ کي مستي. (چوڻي)**

پنهنجي طاقت / ٻل تي هر ڪنهن کي ناز هوندو آهي. پيو دڙيون ٽپندو ۽ مستي ڏيکاريندو آهي. هستي / وجود وارو ئي، مستي ۽ موج، ڏيک ۽ ويک، شور ۽ شغل ڏيکاريندو آهي.

مطلب:

- وجود کي حيثيت آهي.
- دستيءَ کي مستي.
- ٽيڪ کي ٻيڪ.

**148.يا ٽجي جوان، يا هججي جوانن جي ڪُلهي تي. (چوڻي)**

بزدل ۽ ڪانئر تي رهڻ سان زندگي ته گذري ويندي آهي پر ڪا به عزت ڪين رهندي، ڏيهاڙي لٽي پئي هندي. عزت کان بغير، زندگي گذارڻ پڻ عذاب آهي. ان لاءِ بهتر آهي ته مڙس ماڻهو تي ڪري، پنهنجي زندگي عزت / شرافت سان گذارجي. پنهنجي پاڻ ۾ڪلالڻ نه هجي ته پوءِ عزت وارن / اشرافن جي سايي ۾ رهجي. نه اهي پاڻ عزت ۾ هٿ وجهندا نه ٻئي کي وجهڻ ئي ڏيندا / سهندا.

مطلب:

- ڪوشش ڪري، عزت واري زندگي گذارجي.
- يا ته مڙس ماڻهو تي ٻين جي ڪم اچجي يا مڙسن سان ياري رکي پنهنجي عزت محفوظ رکجي.

# جيڪب آباد جا پهاڪا ۽ چوڻيون

(نياز سرڪي عودائيءَ جي ڊائريءَ تان کنيل)

فتاح عابد لاشاريءَ سان، جيڪب آباد ۾ مقرريءَ کان اڳ ئي مننارسولنگيءَ جي معرفت واقفيت هئي. جيڪب آباد ۾ پهريون پيرو 1993ع ۾ مقرري ٿي ته پاڻ ڊاڪٽر غلام نبي صابر سدايو سميت اچي مليو هو. ڏاڍو لائق ماڻهو هو. پاڻ هلي اچڻ ۾ عار محسوس نه ڪندو هو، نه ئي وري عام صحافي هو، بلڪ بااصول ۽ ادبي چاڻ رکڻ ۽ مدد ڪرڻ وارو مڙس هو. سندس والد محترم عبدالڪريم گدائيءَ جي به ڏاڍي هاڪ هئي. مون اهو ڪونه ڏٺو پر فتاح ڪي ته اڪئين ڏٺم.
بين اديبن سان به زور ڪري واقفيت ڪرائيندو هو. جيڪڏهن متن خاڪا لکي ها ته تمام پلا لکي ها. نياز سرڪي عودائيءَ سان به مرحيات پاڻ واقفيت ڪرائي هئي. پهرين سندس ڪتاب، ماموئين جا بيت ڪٺي آيو هو، بعد ۾ ڪيس ساڻ وٺي آيو هو.
نياز صاحب کي به لوڪ ادب سان لڳاءُ آهي. خاص طور تي پهاڪن ۽ چوڻين، ورجيسن ۽ اصطلاحن گڏ ڪرڻ ۽ سهيڙڻ سان. سندس ٻيو ڪتاب "قرآن ۽ سنڌي ورجيسون" جي نالي سان سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان ڇپيو آهي. جڏهن ته پاڻ ڊاڪٽريٽ جي مقالي طور، شاهه لطيف جي ڪلام ۾پهاڪا ۽ محاورا جو موضوع چونڊيو اٿائين.
پاڻ مرادو ڪچهري ڪرڻ ۽ کهي قرب ونڊڻ ايندو آهي. پهاڪن ۽ چوڻين واري، پنهنجي زندگيءَ جي ميڙا چوندي، سوڌڻ ۽ سنوارڻ، ترتيب ۽ تدوين لاءِ راقم حوالي ڪيائين.
ازين علاوه ڪي پهاڪا ۽ چوڻيون، ڪن دوستن کان ڪنين پڌم. جهڙوڪ: ڊاڪٽر غلام نبي سدايو، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، پروفيسر محمد اسحاق شيخ ۽ غلام رسول ڪلهوڙو صاحب وغيره. اهي به پڙهندڙن جي چاڻ ۽ دلچسپيءَ لاءِ هت پيش ڪجن ٿا.

149.اعتبار نه ڪجي، اوير جي واءَ تي.
ماتيلي ماءُ تي، سرڪي سڳي ياءَ تي. (چوڻي)

اوير جي واءَ ۾ مٽي هوندي آهي. اڪين ۾ پوڻ سان اکين اٽڻ جو انديشو هوندو آهي. جڏهن ته مڙني ڏِسائن کان اتيل واءَ جي ييٽ ۾، اوير واري واءَ ۾ سنهي دز هئڻ سبب، روزي رزق جام لهندي آهي. ائين به چوندا آهن.

اوير وائي ته ان اپائي، اتر وائي ته سيءُ آئي،
ڏکڻ وائي ته هير آئي، اولهه وائي ته ڏوڙ اپائي.

ماتيلي ماءُ جو سلوڪ به ضرب المثل آهي. پيءُ جي ٻي زال، ويهندي ته ماءُ جي گاديءَ تي آهي پر منجهائنس ڪا به اميد پوري نه ٿيندي آهي. سدائين اميدن مٿان خاڪ ڦيري ڇڏيندي آهي.
سرڪي، سمات قوم جي ذات، راڻيپور ۽ نل ۾ رهن ٿا. بين سان ته پلا هلن ٿا پر الائي ڇو پاڻ ۾ سرچاءُ ڪونه اٿن. اها شڪايت بين ذاتين وارن کي به پنهنجي ذات وارن منجهان هوندي آهي. ائين به چوندا آهن ته: پاڻ ۾ به نڪر نهڪندا ئي آهن.
مطلب:

- انڌي جي ٿُڪ، ماتيلي ماءُ جي مُڪ،
  جهڙ جي ڏُپ، جتي لڳي تاتي سُڪ.

**150.اعتبار نہ ڪجي، مڙس پانديءَ تي، ڏاند ڍانديءَ تي. (چوڻي)**

پانديءَ : پنڌيوالي ڪندڙ، هر حڪم مڃيندڙ، مجو مڙس.

ڍانديءَ : ڪراڙو، پوڙهو.

پوڙهو ڏاند: نہ ڏهڻ جو نہ ڪهڻ جو. نہ هر ۾ وهي نہ بار ڪاهي / ڍوئي. مجو مڙس مان بہ مڙساڻا نقطا نڪتا وڃن. اهو بہ ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي.

مطلب:

- ياڙين تي ياڙڻ ڪان ڪا بہ راهہ ونڻ گهرجي تہ پلو.

**151.اَل اڏريا، ڪانهن نسريا، سانوڻ مند پوري. (چوڻي)**

ڪانءُ سياري ۾ آنن تي آرو ڪري، آخر ڏاري يا بهار ۾ بچا ڦوڙين. گرميءَ سبب سارو سانوڻ بچن کي آکيري مان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏين، چو جو ڪانءُ گرميءَ جو ياڙيو آهي. جڏهن سانوڻ پورو ٿيندو آهي تہ ڪانءُ، اَل کي آکيري مان ٻاهر ڇڏيندو آهي.

سانوڻ جو مهينو يا سانوڻي، ٻڌي جي پاويهين يا آگسٽ جي ويهين تاريخ تي پورو ٿئي. ان پوءِ ڇڻ هلندي آهي. ڏينهن جو پگهر، رات جو ٿڌ. جنهن لاءِ چون: ڏينهون پگهارا، راتون پارا. ان ۾ بہ ڪانءَ جو وات ڦاٽل هوندو آهي. سنڌس اها حالت بہ ضرب المثل آهي. جيئن چئبو آهي: "فلاڻي جو اَل ڪانءَ وانگر وات ڦاٽي ويو آهي".

اهڙيءَ طرح سچي سر/ ڪانهن جو نسرڻ بہ سانوڻ جي مند پوري ٿيڻ جي نشاني آهي.

مطلب:

- ڪئلينڊر وغيره جي وجود کان اڳي مندن بابت، پاڻمرادو ڦنندڙ / خود- رو ٻوٽن ۽ پکين جي عادتن / واڌ ويجهہ سارو اندازو لڳائبو هيو.
- اَل اڏاڻا، سانوڻ ڏينهن پڄاڻا.
- ڪَتِي ڏُني، سانوڻ حد پُني.

**152.ٻاندر / بيوقف جي پلائي بہ، سِرُ وڃائي. (چوڻي)**

هڪڙي بازيگر، سمهڻ کان اڳ، سيڪاريل ٻاندر کي چيو: "متان منهنجي منهن تي مکيون مڙن ۽ ننڊ ڦٽائين، تنهنڪري تون سجاڳ بہ رهہ ۽ ڪين تڙ بہ." انهيءَ تاڪيد پڄاڻا ن، ٻاندر مکين تڙڻ کي لڳي ويو. تڙي ٿڪو تہ هڪ اٽڪل سجهي آيس.

پنهنجي گگ ڪڍي مالڪ جي اگهاڙي پيٽ تي لاتائين. مکيون گگ تي مُچو ڪري اچي مڙيون. جڏهن تسلي ٿيس تہ مڙئي مکيون مُڪ جي هڪ وار هيٺ آهن تہ متن مُڪ سان مارو ڪيائين. مُڪ هينان آيل مکيون تہ ميون، پر زوردار ڌڪ سان بازيگر جو بہ ساهہ هليو ويو.

مطلب:

- بيوقوف جي سنگت مان، گهڻا نقصان ٿيا آهن.
- بيوقوف بازار ۾، سنگتي ڪجي نہ ساڻ،
  اول ڪنائي پاڻ، پوءِ لهرائي هاڃ همراهن جي.
- بيوقوف هجئي يار، بيو دشمن ئي نہ ڌار.

**153.ٻاهہ ۽ بلا تي، ڪنهن جو آ پروسو؟ (چوڻي/ پهاڪو)**

قانون فطرت تحت ٻاهہ جي خاصيت آهي ساڙڻ ۽ بلا جي خاصيت آهي: ڪڪڻ، سنگهڻ، ڏنگڻ،

زهر هارڻ. پلي ٻنهي جي سامهون ڪير به هجي، متي ڄاڻايل امر تحت عمل ضرور ڪن. ائين جيئن ڪاتيءَ جي آڏو ڪير به اچي وڃ ٻو. پاڻيءَ ۾ ڪير به گهڙي ته ٻڏندو ۽ پر جي پيئي ته اڃ لهندس.

تاريخ انساني ۾، ڪن واقعن / مرحلن تي قادر مطلق جي حڪم سان منجهائن معجزي طور اهي امر ڪڍيا ويا آهن. جيئن ابراهيم عليه السلام کي باهه نه ساڙيو. اسماعيل عليه السلام کي ڪاتيءَ نه وڍيو. موسيٰ عليه السلام کي پاڻيءَ نه ٻوڙيو. طالوت جي قوم، جالوت سان جنگ ڪرڻ وقت درياهه پار ڪندي، پاڻي پيتو ته اڃ نه مٽي.

اهي چند ۽ خاص مثال آهن، جيڪي قانون فطرت کان هٽيل آهن. هاڻي ائين نه ٿيندو.

مطلب:

- پاڻي ۽ باهه کان، تارو ڪرڻ گهرجي.
- پاڻي ۽ باهه، گهٽ ڪين ڄاڻجن.
- جهيڙي، باهه بلا جو ٻر ڏي منهن.

**154.ٻارُ، جمڻ سان ابو نه ڪندو آهي. (پهاڪو)**

انسان فطرتي طور تي ڪمزور ۽ تخليقي طور تي هڪ نطفي مان پيدا ڪيو ويو آهي. جتان بتدريج ارتقائي منزلون طئي ڪري، سهڻي صورت وٺي ٿو. هن دنيا جي ماحول ۾ پلجڻ / رهڻ ۽ ماحولياتي قير گهير کي سهڻ جي سگهه / صلاحيت رکڻ جي باوجود ڪيترين ڳالهن ۾ ڪمزور ۽ ٻين جو محتاج رهي ٿو.

ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ، غون غان سان ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو. سمجهه اچڻ کان پوءِ پيءُ کي سڃاڻي ٿو ۽ ڳالهائڻ سکڻ پڄاڻان، پوءِ ڪيس ابو ڪوٺي ٿو.

مطلب:

- انسان دنيا ۾ ڪنهن به معاملي کي پهرينءَ ست سمجهڻ جي صلاحيت نه ٿو رکي. البته درجي بدرجي سکڻ کان پوءِ، ان کي سمجهڻ جي قابل ٿئي ٿو.

**155.ٻڌِ ٻوڙي، سمجهه ڪنڍي. (چوڻي)**

جيڪو پرائي ٻُڌِ / مت تي هلندو، سو ضرور تڪليف ڏسندو. ان جي برعڪس جيڪو پنهنجي سمجهه کان ڪم وٺندو، سو غلطان جي سمنڊ ۾ غوطا نه کائيندو. البته سندس ٻيڙا، سدائين پار هوندا.

مطلب:

- پرائي مت : پرڻ ۾ پاڻي.
- پرائو عقل : کُڏَ جي ڊوڙ.

**156.پيٽَ جو اڳ : لٽ جي پُٺِ. (چوڻي)**

دعوت / خيرات ۾ پهرين پهچڻ واري کي گرم، تازو، سٺيو، ٻوٽين وارو ۽ گهڻو پت ملندو. دير سان پهتل کي آروتو پارتو، ٻوٽين چونديل، تتو ۽ اٽيو پت ملندو. اوباريل ۽ تورو پت نه قبوليندو ته چڙبون، ڇهڙون ۽ اپيون لنيون ملندس.

جهيڙي ۾ به پهرين باهه وڌي هوندي آهي. جيڪو پهرين ايندو آهي سو سٽجي ويندو آهي. چو جو وڙهڻ وارن کي گرمي، تاءُ ۽ تازگي هوندي آهي. جوش سان وڙهندا آهن. پڄاڙيءَ ۾ مڙني جا ڍڙ

ڊِرا هوندا آهن. ان وقت فقط پاڻهن ۾ هٽ وجهڻ جي دير هوندي آهي.
مطلب:

- پچندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾.
- آفيسر جي اڳياڙي خراب، گهوڙي جي پڇاڙي خراب.
- اڳين پاڻي، پوين چِڪَ.
- پيٽيو: نانوائيءَ جي اڳياڙي، قاصائيءَ / ڪاسائيءَ جي پڇاڙي.

**157.تنگواني ، تنگ ماني. (چوڻي)**

تنگواڻيءَ جي وستي (واهڻ / شهر ) ضلعي ڪشمور ائٽ ڪنڌڪوٽ ۾ آهي، جنهن کي هن وقت تعلقي هيڊ ڪوارٽر جو درجو مليل آهي. اهو شهر گهٽي واهه متان اڏيل آهي. گهٽو، شاهي واهه مان نڪري ٿو. گڊو بئراج مان نڪرندڙ اهو واهه، سنڌ - بلوچستان جي سرحد تي وهي ٿو. ان جي نهڻ ڪان اڳ، تنگواڻيءَ جي پسگردائيءَ واريون زمينون، پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب، ايتريون آباد نه هيون. هُرلن ذريعي زمين تي پاڻي چاڙهبو هيو. فصل گهٽ ٿيندا هئا. ماڻهن ۾ تنگدستي ڏاڍي هوندي هئي. جنهن تان ائين مشهور ٿيو.

بي تاويل هيءَ ڪئي ٿي وڃي ته گڊوءَ ڪان جيڪب آباد ويندڙ ريل ۾ ڪنڌڪوٽ ۽ ٺل جي وچ ۾ ڏاڍي رش ٿيندي هئي. خاص ڪري تنگواڻيءَ ڪان ٺل تائين. جنهن تان ريل ۾ تنگجي سفر ڪندڙن ائين مشهور ڪيو: ”تنگواڻي، تنگ ماني.“

مطلب:

- تنگواڻيءَ ڪان پوءِ ريل ۾ ماني رکڻ جي جاءِ به نه ملندي، اها به تنگي ڪٽي هلڻي پوندي.

**158.توڙي سچ ڪاپار، ته به انڌيءَ اونداهي نه لهي. (پهاڪو)**

مادرزاد انڌي کي ڏسڻ لاءِ اکين ۾ بينائي نه هئڻ سبب، سدائين اکين آڏو اوندهه هوندي آهي. جاهل / ڪم-عقل لاءِ به چؤقير جهالت هوندي آهي، ڇو جو سندس دل ۾ دنيا جي معاملن ۽ ديني علوم کي سمجهڻ جي سگهه موجود نه هوندي آهي.

مطلب:

- سانوڻ جي انڌي لاءِ سدائين ساواڻ ئي ساواڻ.

**159.ٺل : آهي گل. (چوڻي)**

ٺل شهر جا رهواسي، پنهنجي شهر جي انهن لفظن سان تعريف ڪندا آهن. جڏهن ته ٺل جي اصل رهواسين، ٻاهران لڏي آيلن جي پيٽ ۾، ڪا خاص ترقي نه ڪئي آهي. جنهن سبب، ٺل جا اصل رهواسي، ٺل بابت شڪايتي انداز ۾ چوندا آهن: ”ٺل آئي جو، ڄائي جو نه.“

جيڪب آباد شهر جا اصل باشندا به ائين چوندا آهن: ”جيڪب آباد آئي جو، ڄائي جو نه.“ ٻين شهرن وارا به پنهنجن شهرن بابت ائين چئي سگهن ٿا. هونئن به ٻاهران لڏي آيل، فطرتي اصول تحت، هميشه اصل باسين جي پيٽ ۾ گهڻي ترقي ڪندو آهي.

ٻاهران لڏي آيلن جو، ٺل بابت مختلف رايو آهي. اهي اهو ته مڃين ٿا ته ”ٺل، گل آهي“ پر شڪايت به ڪن ٿا: ”ٺل، دل ڏيئي وينو رل“ يا ”ٺل، رل“ يا ”ٺل ڏنو نڪاءُ، عودي اڌواڌ“ وغيره وغيره.

اهي سپ تڪبند چوڻيون، چٽر يا ٽوڪ طوربه نهيل آهن. انهن جو حقيقت سان گهٽ تعلق آهي. ائين جيئن هڪڙو لطيفو مشهور آهي.

“ڪهڙي شهر ۾ رهندو آهين؟” هڪڙي ٺلاهيءَ کان ڪنهن پڇيو.
“مان ان شهر ۾ رهندو آهيان.” ٺلاهيءَ کيس ڳجهارت جي انداز ۾ جواب ڏيندي ٻڌايو: “جنهن جي نالي کي ابتو ڪجي ته لٺ ٿي پوي”.

مطلب:

- انهيءَ نموني ، ٻين ڳوٺن / شهرن بابت به چوڻيون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.
- گهوڙي جي ڦٽي وهي ٽانگي ۾،
  ڏاند جي ڦٽي وهي گهاڻي ۾،
  آفيسر جي ڦٽي، نوڪري ڪري لاڙڪاڻي ۾.
- ڏنڊ دوداپور، ڦهر ڪوٽڙي، ظلم زورڳڙهه.
  هنيل حيدرآباد ، شير شيرانپور، دائو پچن ڪائو.
- پيٽيو: جيڪب آبادي، نر نه مادي.

**160.پاپيءَ جو پير، ٻارنهن هٿ ٻنيءَ ۾ . (چوڻي /پهاڪو)**

پاپي/ زاني / غاصب/ جواري، ڪڏهن به ساڳيئندو ناهي. جو جو هو پرائي حق / ملڪيت تي ڌاڙو ٿو هڻي. محنت سان جيڪو ملڪيت ميڙيندو آهي، ڦُرجڻ وقت سندس دل مان نڪرندڙ آهَ، عرش ڏڪائي وجهندي آهي. زمين به چوندي آهي ته مون کي حڪم ٿئي ته پاپيءَ کي ستر گز، هيٺ تائين ڳهي وڃان.

مطلب:

- پاپيءَ کي ڪو به سڪون ميسر نه هوندو آهي.
- پاپي عذاب جي دلدل ۾ غرق هوندو آهي.
- پاپ جو گهڙو، پرجي پرجي نيٺ ڦاٽي.
- پاپ کي مايا، پراڇت ڪايا.

**161.پاڻ گواه هججي ته گوال نه ڳِهلجي. (پهاڪو)**

گوال: گنوار، ڳنوار، ڳئون چاريندڙ. عقل جو سادو، ڀالو ڀولو ماڻهو ، شاهديءَ طور وٺي وڃبو ته ڪيس ڪٽڻ بدران هارائي اڇبو. يا سادگيءَ سبب معاملو بگيڙيندو يا ٻين جي دٻاءَ هيٺ اچي شاهدي ڦيري ويندو. ان جي پيٽ ۾ ماڻهو پاڻ گواه هجي ته بهتر آهي.

مطلب:

- سادي ماڻهوءَ جي حوالي، ذاتي معاملا ڪين ڪجن.

**162.پرائي ٻارِ مان، ٻُڪ پرڻ سولا. (پهاڪو)**

پرائي ٻار/ فصل / اَنَّ جي ڍيري مان، چوري ڪرڻ سنهنجي آهي. پنهنجي محنت ڪري ڪمائڻ ڏکيو آهي. پرائو نقصان ڪرڻ سولو آهي.

مطلب:

- ڪاٽ پرائي پيٽ ۾، ڪيهه کان به ڪنئرو.

**163.پرائي مت، اڌاري اک، وهائيءَ جي توڙ، ڪنهن ڪم نه اچي. (چوڻي)**

(1) پرائي متِ / پرائو عقل / اڌارو ڏس: وقتائتو/ مهلائتو نه هئڻ سبب، منجهس مصلحت ۽ منهن ڏيڻ واري صلاحيت نه هوندي آهي. جنهن سبب گهڻا ڪم ڪرندا آهن. ٻيو ته پرائي مت، پرڻ ۾

پيل پاٽيءَ وانگر مغز مان جلد نڪري ويندي آهي.
(2) اڏاري اک: ٻين جي ٽيڪ / سهاري تي نه پاڙجي. پنهنجي شيءِ جي پنهنجي اک سان سنڀال ڪجي. نوڪرن جي اک سان سنڀال نه ٿي سگهندي. ٻني، دوڪان ۽ ڌڻُ سنڀالڻ لاءِ نوڪر رکيا ته اُڪي ميڙي ناس ٿي ويندي. انهن لاءِ پنهنجي اک هئڻ گهرجي. اک پٽبي ته انب نظر ايندو.
(3) وهائيءَ جي توڻ: هر ويلو اوڏر تي پٽي ڪائڻ به چڱو ڪم ناهي. محنت ڪري، سال نه ته مهيني جو، سيڌو وٽي گهر ۾ رکجي ته جيئن سکون سان وقت گذري سگهي.
مطلب:

- آڪئي جو عقل، وهائيءَ جي توڻ، پوري نه ٿئي.
- ڪيتي، سير سيتي.
- پرائي مت، پرڻ ۾ پاٽي.

**164.پرٽي ڪان پوءِ، لڄ ڪونهي. (پهاڪو)**

لڄ، حياءُ، شرم به ماڻهوءَ جي جبلت ۾ رکيل آهي ته جيئن ماءُ پيڻ جهڙن رشتن جو احترام ڪري سگهي. پرٽي ڪانپوءِ فطرتي تقاضائن جي حل خاطر، خلوت ۾ پنهنجي ساٿيءَ (Espouse) سان بي حجاب ڳالهائي سگهبو آهي. اتي ڊپ نڪري وڃڻ سبب ائين ڪبو آهي، بي صورت ۾ انساني واڌ ويجهه رڪجي ويندي. جڏهن ته ڪلئي عام، گهر واريءَ سان به فحش نه ڳالهائبو آهي. ان سان به معاملا گنجرندا آهن.
مطلب:

- آهاري، وهنواري، گهوٽ مهاري، لڄا ڪري ته هاري.
- مرڻ / هنگڻ ناهي مهٺو، پرٽو ناهي گار.
- **پير سگوري بيشڪ پلي، خاص خليفي نڪر نلهي. (پهاڪو)**

حاڪم ڪي رعايا، آفيسر ڪي پٽيوالا، وڏيري ڪي نوڪر چاڪر، مير ڪي خاصخيلي ۽ پير ڪي خليفا ڪٽندا آهن. تنهن هوندي به پير پير رهندو. سندس مانُ خليفي جي پيٽ ۾ وڏيڪ هوندو آهي.
مطلب:

- ظاهرداريءَ ۾ پير پلو، خليفا گهٽ آهن.

**165.پير ويهارڻ گهر ۾ ، هٿ وجهڻ سَرَ ۾،**
**نانگ وجهڻ وَرَ ۾، ٽيئي جڏا ڪم. (چوڻي)**

(1) پير گهر ۾ ويهاري، هٿ تان سودو وٺڻ لاءِ وڃڻ آهي، ڪيس بدديانتي ڪرڻ لاءِ موقعو فراهم ڪرڻ. پير به انسان آهي. هر انسان سان شيطان ساڻ آهي. اهو متس غالب ٿي سگهي ٿو.
(2) سَرَ ۾ هٿ وجهبو ته آڳريون ۽ هٿ چيربا.
(3) ڪانئچ جي ابداٽي ۾ اگٺ بجاءِ نانگ وجهبو ته حياتيءَ تان هٿ ڪٽبو.
مطلب:

- زيان خور شين کان پاسو ڪجي ته بهتر.
- هٿ نه وجهجي سَرَ ۾، نانگ نه وجهجهي ور ۾.

گهوڙو نه ٻڌجي در ۾، ڌاريو نه آڻجي گهر ۾. چئني مان چڱائي نه ٿيندي.

**166.جَٺُ، ٻي پَٽِ، مار گهٽ يا اڱوڻ لاٽي وَت. (چوڻي)**

جتَ قوم وارن لاءِ سسئيءَ سان جاڙ ڪرڻ پڇاڻان، اهڙيون چوڻيون منسوب آهن. عورت، ڪمزوريءَ جي علامت آهي. ان سان به جت ڪري، ڏير سندس ورُ ڪٽي ويا. جنهن پڇاڻان، جتن بابت ائين چيو وڃي ٿو.

مطلب:

- جت ۽ لاڏائو قومن تي اعتبار گهٽ ڪجي. ساڻن سگ سياڪا نه رکجن ته بهتر.

**167.جتي گپ گهٽي، اتي هاٿي به ترڪن. (پهاڪو)**

جتي فحاشي/ بي حيائي عام هوندي، اتي وڏا وڏا ڏُبنگ بزرگ به مشڪل ۾ اچي ويندا آهن.

مطلب:

- بڇڙي ماحول کان پاسو ڪرڻ به، دلير مڙس جو ڪم آهي.
- جاتي پئسو جام، اتي رشوت / بي حيائي به ليئا پئي پائيندي.

**168.جنهن وٽ عهدو، تنهن جو رتبو. (پهاڪو)**

بظاهر رتبو ۽ عزت، عهدي ماڻڻ سان ملندا نظر ايندا آهن. حقيقت ۾ ائين ناهي. وڏن عهدن تي وينلن مان ڪن جو حال هيٺو، ماڻُ مسڪينن کان به پري هوندو آهي. ڪي ته عزت ۽ غيرت وڪڻي عهدي کي برقرار رکندا آهن.

مطلب :

- دنيا جا عهدا، دنياداريءَ واري رتبي جا سرچشما آهن.

**169.جو ڪاڪ چڙهيو، سو مالڪ. (پهاڪو)**

مومل، فريب ۽ دوکي لاءِ، من موهندڙ مانداڻ واري ماڙي نهرائي هئي، جنهن کي ڪاڪ يا ڪاڪ محل سڏبو هو. ماڙيءَ/ محل جي منجهيل، رستن واري جار (Labyrinths) ۾ ڪيئي ڪونٽر ڪند ڪپائي، ڪسجي ويا. پلنگ تي پهچڻ وارو فقط راڻو هيو، جيڪو مومل ماڻي، ماڙيءَ جو مالڪ ٿيو.

مطلب:

- مومل ماڻڻ ۽ مالڪ ٿيڻ لاءِ، ڪاڪ تي چڙهڻ وارا ڪشالا ڪڍڻ ضروري آهن.
- ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ، محنت، جذبي ۽ دليريءَ سان اڳتي وڌڻ، اشد ضروري آهي.

**170.جَوَن جي ماني، جواب جي نشاني. (پهاڪو)**

اڳي نه رسم الخط هيو ۽ نه ئي خط (چٺي) لکي سگهبو هيو. نياپا سنيها اشارن سان ڏبا / پهچائبا هئا. جَوَن جي ماني موڪلڻ مان مراد، ڪم نه ڪرڻ هوندو هيو.

مطلب :

- ڪنهن ڪم کان اڻ ستو انڪار ڪرڻ واري لاءِ تو ڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

**171.جهڙو وڻ، تهڙو ڦر. (پهاڪو)**

جَوَ پوکڻ سان جَوَ لڀبا ۽ ڪڻڪ پوکڻ سان ڪڻڪ، جوئر ڪانه لڀبي. هونئن به جنهن وڻ / ول جا پن ۽ ڏانديون ڪؤڙيون هجن تنهنجو ڦل به ڪؤڙوهوندو. جيڪڏهن مٺا هوندا ته ڦل به مٺو هوندو آهي. جيئن توهه جي ول پاڙ سميت ڪؤڙي زهر آهي ته منجهانئس ڦٽندڙ توهه تهائين زهر هوندا آهن. اهڙيءَ طرح نم جو به مثال آهي.

مطلب:

- اولاد، عادات و اطوار ۾، پيءُ تي ڇڪَ ڪندو آهي.
- ڪانءَ جو ٻچو، ڪانءُ ٿيندو.
- ٻگهڙ جو وياءُ ٻگهڙ ٿيندو، ٻڪري نه ٿيندو.
- فطرت، وس ويندي ڪا نه متبي آهي.

### 172.جيترو ناٽو، اوترو فطراٽو. (پهاڪو)

فطراٽو/فطرو، رمضان شريف جي روزن رکڻ پڄاڻان، في ماڻهوءَ جي حساب سان پوٽا ٻه سير ڪڻڪ يا ان جي قيمت جيترو، عيدالفطر کان اڳ ادا ڪبو آهي.

هتي فطراٽي مان مراد، زڪوات ۽ خيرات آهن. جيترو دولت وڌيڪ هوندي آهي. اوترو ئي زڪوات، ادائي سيڪڙو جي حساب سان ادا ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو زڪوات واري حساب ڪتاب کان بچڻ گهري ٿو ته ان لاءِ آسان رستو آهي ته سموري دولت الله ﷻ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏي. سمورن جنجهٽن کان جان آجي ٿي ويندس.

مطلب:

- جيترومال، اوترو خيال.
- جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.
- جيترو اتو چاڙبو، اوترو ٻُهر ٻاهر نڪرندو.

### 173.جيسين سوٽا سڪن، تيسين ٻڪر ٻڪ مري. (پهاڪو)

سوٽن (چيٽن) ڪي سڪي، ٻاهه ۾ ٻرڻ لائق ٿيڻ لاءِ وقت ۽ ويساند، اس ۽ هوا درڪار آهن. جڏهن ته ٻُڪر / ٻڪئي ڪي مهل تي ماني ڪپي. چيٽن سڪڻ جو ٻهانو، ماني نه ڏيڻ جي مترادف آهي، جنهن سان ٻکيي جو ساهه هليو ويندو.

مطلب:

- جاسين سڪيو ڪٽي ساهه، تاسين ٻکي جو وڃي ارواح.
- جيسين عرق مان ترياق اچي، تيسين نانگ ڏنگيل مريو وڃي.
- نه نو مڻ تيل اچي، نه راڌا نچي.
- نه ٻرڻ ۾ پاٽي پوندو، نه ئي ڏوڙ مان ڏاٽيون وٽبيون.

### 174.جيسين لونگ لڪڻ پچي، تيسين ڪرهو ڪيچ نڪري وڃي. (پهاڪو)

لونگ، سست ۽ توتي، ڪنجهٽي ۽ ڪُرڪٽي ماڻهوءَ جو نالو، جيڪو هر عمل ۾ پوئتي رهي. اهڙي آرسيءَ جي آسري، سمورا ڪم ڪريل ئي هوندا آهن.

مطلب:

- جاسين لُلو ڪٽي لٺ، تاسين ڪرهه اجهاٽي.
- لونگ چڙهي لاريءَ نه لاري ليٺ، چڙهي ٻيڙيءَ ۾ نه ٻيڙي ٻوڙڻ وڃي.

### 175.جيڪب آبادي، نر نه مادي. (چوٽي)

جيڪب آباد جي ماڻهن ڏانهن سادڙو هيڻ وارو اشارو آهي. گهٽ پڙهيل ۽ معاملي فهمي جي گهٽ ڄاڻ رکڻ سبب، نه بحث پلو ڪري سگهندا آهن ۽ نه ئي وري سٺائتي نموني سان ڪنهن کان ڪم وٺي سگهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو مٿن، اهڙيون چٽرون ٻه نهيل آهن. جڏهن ته ان تڪبند چوٽيءَ جو حقيقت سان تعلق گهٽ آهي. جيئن شڪارپور بابت هن چوٽيءَ جو ٻه گهٽ آهي:

”شڪارپور شهزادي، اڇي نر وڃي مادي“.

مطلب :

- جيڪب آباد جا ماڻهو نه ماين وانگر زبان سان جهيڙو ڳائي ڄاڻن، نه ئي نشانبر تي مردن وانگر لٺ يا ڏکي سان وڙهي ڄاڻن.
- انهيءَ ٽوڪ جي موٽ ۾ جيڪب آباد وارن به جواب ڏاهيو آهي: ”جيڪب آبادي، نه ڇڏن نر نه مادي“.

**176.جي ڪڙمي ڪٽي پار، ته به ڪٽا رهن ڪيترا. (پهاڪو)**

ڪيڏي به احتياط سان پارِ/ ديري مان ٻنئي / فصل ڪٽبو ته به پڪي پڪڻ جي نصيب سانگي، منجهانئس ڪي داڻا ٻنيءَ ۾ ضرور ڪرندا.

مطلب:

- سموري ملڪيت، ڪنهن ڪي به راس نه ايندي آهي. حقدار حصو ضرور ڪٽندا آهن.
- احتياط سان سودو تورڻ جي باوجود چاليهين پتي ضرور هاربي آهي.

**177.جيڪو اڇن ۾ ڪري، سو ڪنهن تان به نه ٽري. (چوڻي/ پهاڪو)**

اڇا وار، پيريءَ / بزرگيءَ جي نشاني آهن. انهن جي اڇڻ پڄاڻان، ماڻهوءَ جي رفتار ۽ گفتار ۾ مانار ايندي آهي. تيزيءَ جي جاءِ تي ڳنڀيرتا ۽ معاملي فهمي اچي ويندي آهي.

اهڙي عمر ۾ ڪرڻ، بي حيائيءَ / بڇڙائيءَ جا ڪم ڪرڻ ڪيس نه ٿا سونهن. ڇو جو منجهائس هر ڪو، ڪيس بزرگ سمجهڻ ڪري، اخلاقيات سان پيش اچڻ جي تقاضا رکندو آهي.

مطلب:

- پوڙهپ ۾ ڪرندڙ، ڪنهن جي به عزت نه ڪندو آهي.
- ڪريل ڪراڙي، رستي تي بيهي، ضرور پيشاب ڪري.

**178.ڄٽ جي ياري، گلم جو زيان. (پهاڪو)**

ڄٽ / جاهل، وقت جي مصلحتن کي نه سمجهندو آهي ۽ هرويرو پيو هجائتو / هلڪو / ٽرڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. موقعو ۽ مهل، وقت ۽ هنڌ نه ڏسندو آهي ۽ سنگتين کي به مردم- بيزار ڪري وجهندو آهي.

مطلب:

- ڄٽ ملوڪ ، گلم جو زيان.
- ڄٽ پڙهيو، لوڪ اڙيو.

**179.ڇپر لڳندي ته ڇوڙ بندي ٿيندي. (پهاڪو)**

ڪاٺ جي ڪٽ ۾، چار پاوا، به ايسون ۽ به سيرون هوندا آهن. ڇئني پاون ۾ سَلَ ڪڍي، سيرون ۽ ايسون ڇوڙ ذريعي بيهاريا ويندا آهن. اهو اَٽَ- ڪانيو ڪم ڏاڍو اٽائو آهي. اڪثر ڪري يا سل ويڪرو / کهرکهلو ٿي ويندو آهي يا ڇوڙ سنهي ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ ڇپر (Wedge) هڻي ڪٽ کي لڏڻ، ڇيڇڻ نڪرڻ کان محفوظ ڪيو ويندو آهي.

مطلب:

- دنيا جي کهرکهلن معاملن کي، سفارش / رشوت جي ڇپر هڻبي آهي.

**180.چنڊي جي ماني، دانگيءَ تي سڙي .(پهاڪو).**

چندبو ماڻهو پنهنجي پرڪارن جي ڪري، آيل روزي به موٽائي ڇڏيندو آهي. نتيجي ۾ بخت به ڪيس ڇڏي هليو ويندو آهي.

مطلب: ڪروڌ، نڪرن / نارن جو پاڻي به سڪائي ڇڏي.

**181.ڇڻاٽي ، ڳاٽي لڙيو. (چوڻي)**

ڇڻاٽي، ڪوسا قوم جو پاڙو. ان جا اڪثر ماڻهو حياداريءَ سبب، هڪ پاسي ڪنڌ جهڪائي هلندا آهن. جنهن تان سندن لاءِ اها چوڻي رواج ۾ آئي آهي.

**182.ڇڏيليءَ ڪان ٽڪيلي ڀلي. (چوڻي/پهاڪو)**

ڇڏيلي / مطلقه / طلاق ڏنل جو، نه مڙه نه مقام. عورت جو اصل گهر، مڙس وارو گهر آهي. اتان تڙجي نڪتي ته پوءِ نه مائٽن وٽ عزت ملندس، نه ئي معاشري ۾ مانُ ملندس. ان جي ڀيٽ ۾ ٽڪيلي / رکيل (keep) وري چڱي آهي. اها ڪنهن مرد جي سايي ۾ ته ساهه کڻي ٿي. ڏانهنس ڪو ميري اک کڻي ڪونه ڏسندو. هر ڳالهه ڪي مان ملندس ۽ داد رسي ٿيندس.

مطلب:

- ڏهاڳڻ ڪان، ويهاريل سدا-سهاڳڻ چڱي.

**183.چندچاڻ سان اگر سچا يا لهر سچا. (پهاڪو)**

هر معاملو محنت ڪرڻ ۽ هٿ ڳنڍڻ سان حل ٿيندو آهي. هٿُ هٿَ تي رکي ويهبو ته معاملو گنجرجي ويندو ۽ اچا ڪارا پڌرا نه ٿيندا. اصل معاملي جي تڏهن خبر پوندي آهي، جڏهن سندرو ٻڌي هٿ ڳنڍيبس.

مطلب:

- معاملي جي تهه ۾ وڃڻ ڪان پوءِ خبر پوندي آهي ته وَٽ ڪوتا آهن يا ڦودني ۾ ڦير آهي.

**184.حاڪم ته گرم، ڪچڙي ته نرم. (چوڻي)**

(1). حاڪم / آفيسر، جيستائين اک نه ڏيکاريندو تيستائين نه ڪم وٺي سگهندو ۽ نه ئي ڪمائي سگهندو. حاڪم لاءِ ضروري آهي ته هر وقت گرم هجي.

(2). ڪچڙي بيمارن جو کاڌو آهي. بيمار کي زود هضم کاڌو کپي. ڪچڙي زود هضم تڏهن ٿيندي، جڏهن نرم هوندي. ڪچڙيءَ جو فائديمند هئڻ لاءِ نرم هجڻ ضروري آهي.

مطلب:

- استري ته شرم، حاڪم ته گرم، طبيب ته نرم، وئيشا ته بيشرم.
- حاڪم ٺنگتا کائي، فقير منگتا کائي.

**185.حسد جون اکيون، انڌيون. (چوڻي)**

حاسدي، حسد جي باهه ۾ سڙي ڀسم ٿي ويندو آهي. جنهن سبب پنهنجن کي به نه سڃاڻندو آهي. حياءُ / شرم / شناس نڪري ويندي اٿس. هر هڪ کي ساڙولي اک سان ڏسندو آهي.

مطلب:

- لالچيءَ جي اکين تي، غرض جي عينڪ چڙهيل هوندي آهي.
- حاسد، اندر جو انڌو ٿي ويندو آهي.

**186.حياتي وڏي چاڙهو ڪونه . (چوڻي)**

ڏکهي حياتيءَ واري جي، آخر ۾ سڪهه ختم ٿي ويندي آهي ۽ ٻين جي سهاري جو محتاج هوندو

آهي. ايستائين جو آخر پيا ٻه بيزار ۽ خدمت کان لاچار ٿي ويندا اٿس. جوانيءَ واري سگهه نه هئڻ ڪري، ڪراڙو / ٻي همت ماڻهو، زندگيءَ جا ڏينهن وينو ڳڻيندو آهي. ائين ٻه چوندو آهي: ”رب سائين ، هلنديءَ هلاءِ“.

مطلب:

- حياتي ڏکي ٿيڻ سان، جوانيءَ وارو ٻل نه ٿو رهي.

**187.دال ، غربت جي ڍال. (چوڻي/ پهاڪو)**

دال جو ٻوڙ کائڻ ، سادگيءَ جي نشاني آهي. سادگي اختيار ڪرڻ وارو گهڻين بيمارين کان بچي ٿو. سادگيءَ کي، ڍال طور استعمال ڪرڻ گهرجي.

مطلب:

- ٿلهو کائجي، ٿلهو پائجي، ٿلهو ڳالهائجي، ٿلهو هنڍائجي.
- دال ،ٻچڙن پال.

**188.دشمن نه هجئي ته گهر ۾ ٻير پوک. (پهاڪو)**

ٻيرِ جي وڻ ۾ ڪنڊا جام ٿيندا آهن. ڇٽي ڪرڻ جي صورت ۾ سڄو گهر ڪنڊا ٿي ويندو آهي. سڄو ڏينهن ٻهاري ڏيڻ وارو خفو نه ڪبو ته ڪنڊا پيا پيرن ۾ لڳندا.

وڻ ۾ ٻير ٿيندا ته متانئس پکي ٻه ويهندا. ونيون لاهيندا. ٻير ٽُڪي هيٺ ڪِرُ ڪنڊا ۽ ڪَنَ وينا ڪائيندا. پاڙي جا ٻار، ٻيرن جي لُونجهه تي پيا منجهس پيندبون هٽندا. ٻير هيٺان ويهي آرام نٿو ڪري سگهجي. پراون ٻارن کي جهل ته جهيڙا ڳچيءَ ۾.

مطلب:

- گرِ ماڻهو، وڻ ٻاہرو، شل نه هوون اوڙي پاڙي.
- مال ملڪيت ڪني ڪرڻ سان مسئلا پيدا ٿيندا آهن. ستت نڪاٽي لڳائجيس.
- نياٽي گهر ۾گهڻو وقت نه ويهارجي.

**189.دل جو انڌو، دين کان محروم. (چوڻي)**

دل جو انڌو، شڪي مزج ماڻهو، گمان سبب گناهن جي دلدل ۾ ڦاسي، گمراهه ٿيندو آهي ۽ دين جي واٽ کان محروم ٿي ويندو آهي. گمان کان پاسو ڪجي، ڇو جو اڪثر گمان گناهه هوندا آهن. انهيءَ جي ڪري جاچوسي / چوڪسي ڪرڻي پوي ٿي. ٻين جو احترام دل مان نڪريو وڃي.

مطلب:

- هميشه حسنِ ظن رکڻ گهرجي.
- انڌو دوزخي، ٻوڙو بهشتي.

**190.ڏاچي، ٻچو نه سڃاڻندي آهي. (چوڻي/پهاڪو)**

هر حلال جانور جي مادي، پنهنجي تازي جاول ڦرَ کي سڃاڻندي آهي. ان کي ڏسي، کير لاهيندي آهي. ڦر مري وڃڻ جي صورت ۾ کير نه لاهيندي. ٻيءَ جو ڦرُ آڏو آڻبس ته ان کي ٻه ٿونا هڻي ماريندي. اهڙيءَ صورت ۾ ڏوهو سندس مئل ڦرَ ٻه سندس آڏو رکندو آهي ته جيئن کيس چٽڻ بعد کير لاهي.

ان جي برعڪس، ڏاچي پنهنجي ۽ پرائي جاول ڦرَ ۾ فرق ڪين ڄاڻندي آهي. جيڪو ٻه ڦر آڏو رکبس، کير لاهي ٻيهي رهندي.

مطلب:

- اٺ / بيوقوف / سادي ماڻهوءَ سان، نڳي ڪرڻ وارو ڪامياب ٿي ويندو.

191.ڏُڪ، ڏٻرو آچار. (چوٽي)

ڏکن / ڏوجهرن جو ڏڏيل، ٻين آڏو سوال ڪرڻ کان ٻه پيو ڪيٻائيندو آهي. ڇو جو وٺس، موٽ ۾ ڏيڻ لاءِ ڪي ڪين هوندو آهي. جنهنڪري سوال ڪرڻ / هٿ ٽنگڻ وقت ڏوبر لاهي ويهندو آهي. ان تي ٻه ڪنهن کي کهل اچيس يا نه.

مطلب :

- سوال ويچارو آهي.

192.ڊاڪٽر سچا تين تہ ٻوڙا ٻہ پٽڻ لڳن. (پهاڪو)

ڊاڪٽر ٻہ عام انسانن وانگر غرض / ضرورتن سان وڪوڙيل ماڻهو آهن. جنهن سبب چاهيندا آهن تہ ڪمائي ججهي ۽ برڪت واري هجي. مرضن جي، در تي قطار لڳي پئي هجي. ويساند ئي نہ هجي. هٿ شفا ٻہ هجي، ڪاتي ٻہ تکي هجي، جنهن کي زنگ ڪڏهن نہ لڳي.

مريض کي ضرورت هوندي هڪ دوا جي تہ ٻڌائيندس ٽي، ميڊيڪل اسٽور ٻہ پنهنجو هوندو يا ڪنهن سان پرسنٽيج مقرر هوندن. ٽوئر ڪرائيندين ۽ Amples جا samples ڏيندين، تن جون دوائون پيا Prescribe ڪندا پوءِ پلي اها دوا مريض جي مرض تي پوي يا نہ.

مطلب:

- جت سچائي تي چڙهي تہ ڪڙهہ تي ڪير پياري.

193.راهيندڙ؛ لٽندڙ. (پهاڪو)

راهيندڙ: راهي، فصل پوکڻ کان اڳ ٻيجارو تيار ڪندڙ، پوکي ڪندڙ، محنت مزدوري ڪري ڪيتي ٻاڙي ڪندڙ، ئي فصل جي ٻنئي ڪٽڻ جو حقدار هوندو آهي. ان جي برعڪس جيڪو محنت نٿو ڪري، تنهن کي ڦل نہ ملندو.

مطلب :

- جو پوکيندو، سو لٽندو.

194.رڍ ٻگهڙ ڏسي، ڏنار ڏانهن ڀڄي. (پهاڪو)

ڪمزور ماڻهو، بجاءِ مقابلو ڪرڻ جي، حملي جو رخ پنهنجي محسن ڏانهن ڪرائيندو آهي. بزدل / گيدي سان ياري نہ رکڻ گهرجي. پاڻ تہ مارائيندو. سنگت کي ٻہ ٽوٽي ۾ وجهندو.

مطلب:

- ٻگهڙ ڏسڻ کان پوءِ، قاضي ڇيلي کي ڇڏي، ڇيلو قاضيءَ کي نہ ڇڏي.
- پناڻ ڪمبل کي ڇڏي، ڪمبل پناڻ کي نہ ڇڏي.
- جِنُ تہ جَنِيءَ کي ڇڏي وڃي پر جَنِي جِنَ کي نہ ٿي ڇڏي.
- صنم هم تو ڊوبي هين، مگر تمهين ڀي ليڪر.

195.رن ٻڌندي وڃي، نينهنگ نپوڙيندي وڃي. (پهاڪو/چوٽي)

ٻڌندڙ ماڻهو، ٻڏڻ وقت سَرُ بچائڻ لاءِ سَرَن ۾ هٿ وجهندو آهي. ڪک جو سهارو ٻہ هٿان وڃڻ نہ ڏيندو آهي. اهڙي موقعي تي ٻہ عورت پنهنجي اُلٽي مت / ضد کان نہ مڙندي آهي. سلوار جو نينهنگ / اُبداٽو ٻہ سڪائڻ لاءِ پاڻيءَ اندر نپوڙيندي ويندي آهي. جڏهن تہ پُسي گرا ٿيل ڪپڙا،

پاڻيءَ اندر نپوڙڻ سان نہ سُڪندا آهن ۽ نہ ئي هلڪا ٿيندا آهن.
عورتن جي ضدي نفسيات بابت چوڻي / پهاڪو نهيل آهي.
مطلب :

- رن تي ٻڌءِ، پلئہ تي نپوڙءِ. (ٽري)
- ٻڌڻ لاءِ وجڻ ۽ پاڻ کي گپ کان بچائڻ. (ورجيس)
- پاڻيءَ ۾ گهڙجي تہ ڦهنگن پيئہ نہ ڊڄجي.
- ٻڌُڻا تہ گهيڙ ڪهڙا پڇڻا؟
- مينهن کان پڇجي، نيساري هينان نہ لڪجي.
- ٻڌڻ وڃجي تہ گپ لڳڻ کان پاڻ نہ بچائجي.

**196.روپو جنهن رد ڪيو، ڪوڙ تنهين کي ڪک. (پهاڪو).**

جنهن کي روپو/ چاندي يا سون بہ هرڪائي نہ سگهيا، سو ڪوڙين ۾ بي قيمت شين تي لوڀجي / ريبجي نہ سگهندو.
مطلب :

- ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ ڪنهن مال،
  چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا. (شاهہ)

**197.زوريءَ ياري رکڻ، بنا صلاح پيٽ چڪڻ.**
**ٽڪ هٽي ڏاڙهي مکڻ، ڳئي اگهاڙي مٿو ڍڪڻ. چارئي خراب لڇڻ. (چوڻي)**

(1) نہ زوريءَ جي ميندي لڳندي آهي. نہ وري زوريءَ جي ياري جٽادار هوندي آهي.
(2) ريءَ صلاحيو / اڻ ڪوئيو، ڪنهن وٽ وڃڻ ۽ بي دعوتيو ماني کائڻ ۾ اڳلي کي ڪراهت ڏيارڻي آهي ۽ پنهنجو مان گهٽائڻو آهي.
(3) ڏاڙهي مرد جو شان، نشان ۽ سونهن وڌائڻ جو ذريعو آهي. تيلُ، وارن جو مَرَڪُ آهي. اٽيي ڏاڙهي نہ تي سونهين، ان کي سنوارڻ لاءِ شاندار طريقا اخذ (Adopt) ڪرڻ گهرجن.
(4) پڳ پائبي آهي، عزت وڌائڻ لاءِ. ان کان وڌيڪ ضرورت اوگهڙ ڍڪڻ جي آهي.
پهرين پنهنجي ننگ کي محفوظ ڪجي، پوءِ پٽڪا ٻڌي بازارون گهمجن. پوشاڪ اها پائجي، جنهن سان اوگهڙ ڍڪجي وڃي ۽ موسمي اثرات کان بچاءُ ٿي سگهي.
مطلب:

- خراب لڇڻن کان بچڻ گهرجي.

**198.سيان پوندو سيءُ، ڏکنديون ڏهاڳڻيون،**
**پاسي جنين پِيءُ، وِلُهہ نہ ويجهي تن کي. (چوڻي/پهاڪو)**

جڏهن تڪليف / مصيبت ايندي آهي تہ پوءِ نڌڻڪن/ ڏهاڳڻين / بنا اجهي/ بنا مڙس وارين تي سرس ڪڙڪندي آهي. جڏهن تہ مالڪيءَ وارين ڏڻڪن / پي وارين / پتيءَ وارين / مڙس وارين تي ايترو اثر نہ ڇڏيندي آهي.
مطلب:

- ڏبريءَ تي مچر گهڻا.
- ڏبري مال ۾ بي اجهي مارن تي سيءُ ججهو ڪڙڪندو آهي.

- مضبوط گهر ۽ مالڪيءَ وارا، مڙيئي ٻچيل هوندا آهن.

**199.سِڳَ سوگها، ساڪئون سچا. (چوٽي/ پهاڪو)**

ورجيس طور تي ڪن ساهدارن جا نالا عضون سان ٻه نعم البدل طور سڏيا ويندا آهن. رڍ، ٻڪريءَ لاءِ ڪَنُ، عورت لاءِ ٻانهن، ڊڳيءَ ۽ مينهن لاءِ سِڱُ.

جنهن چور، چوريءَ جو ڏور کهي ڪائي، هڏا گڏا زمين ۾ پوري سوگها ڪري ڇڏيا، تنهن تي ساک ڪٽگ فيصلو گهرندڙ ٻه ڏوهه ثابت نه ڪري سگهندو.

مطلب:

- سچو ثبوت، ڪيس مضبوط.

**200.سون ڪٽندي، کهڙو بار؟ (پهاڪو)**

سون، هر هند سڪ رائج الوقت جي حيثيت رکي ٿو، هڪ ملڪ جو سڪو ٻئي هند هلڻ ڏکيو هوندو آهي. جڏهن ته سون، هر ملڪ جو، هر صراف (Money Exchanger) مٿي ڏيندو آهي. هاڻي اهڙي ڪارائتي شيءِ ڪنهن کي بار تي لڳندي؟

مطلب:

- کير ڏيندڙ ڳانءِ جون لتون، هر ڪو سهندو آهي.

**201.شراب جو نشو آڏي رات تائين، عشق جو نشو تاحيات تائين. (چوٽي)**

عشق ڪندڙ ۽ شراب پيئندڙ جا حواس باختہ تي ويندا آهن. ڪين دنيا جهان جي خبر نه پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته لتا لاهي ٻه پيا گهمندا آهن ۽ ڪلي خوش پيا ٿيندا آهن.

تنهن هندي ٻي شراب جو اثر، وقتي وائيسر قيرائي ڇڏيندو آهي. جڏهن ته عشق جي جهڙپ ساري عمر لاءِ پاڳل ڪري ڇڏيندي آهي.

مطلب:

- عشق نه ٿيوي ٻيا، توڙي چٽي هووي ڏاڙهي.

**202.شينهن جي ڪٽيي ۾، گدڙ ٻه پائيوار. (پهاڪو)**

شينهن شڪار ڪرڻ پڄاڻان، شڪار کي ڪِنو ڪرڻ خاطر، ڪنهن محفوظ هند تي ٿمائي هليو ويندو آهي. ڪِني / ڪمزور ٿيڻ بعد ، شڪار جانورن جي کائڻ لائق ٿيندو آهي. انهيءَ اپرانڌ، گدڙن جهڙا ڪمزورجانور، شڪار جا ڪمزور عضوا پٽي ڪائي ويندا آهن. يا شينهن جي ڪائي بچائڻ ڪان پوءِ اوبر تي ٻه گدڙ پيٽ پلي ويندا آهن.

مطلب:

- مڙسن جي ڪمائي تي، گهٽيئي ڪمزور پيا پلبا آهن.

**203.صفر جو چائو، سفر ۾ ئي رهندو. (چوٽي)**

ڪن ماڻهن جو گمان آهي ته اسلامي سال جي ٻئي مهيني يعني صفر ۾ جيڪو ڄمندو آهي، سو سدائين سفر ۾ رهندو آهي.

مطلب:

- صفري، سدا مسافر.
- صفري، سفري.

**204.ضد واري جاءِ تي ڏڪَ پي ڏسندو ڪير؟ (چوٽي)**

ضد / ڪروڌ، جهيڙي واري جاءِ ۽ معاملي مان هرڪو جان خُلاصي ڪرائي پڇڻ جي ڪندو آهي. جهيڙي مان ڪا شيءِ راس نه آئي آهي.

مطلب:

- دشمنيءَ وارن معاملن ۾، ڪير به هٿ نه وجهندو آهي.

**205.علم نه ڄاڻي ذات، هنر نه ڄاڻي پات. (چوڻي)**

ذاتيون ۽ قومون، ڪڙم ۽ قبيلا، رنگ ۽ نسل وغيره زماني ۾ هڪٻئي کي سڃاڻڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن. بي صورت ۾ سمورا انسان، هڪ ئي آدم جا ڄايا آهن. ڪنهن کي به ڪنهن تي رنگ ۽ نسل جي لحاظ کان ڪا به فوقيت حاصل ناهي.

البته علم ۽ هنر جو قدر ضرور آهي. انهن ٻنهي جو انحصار ذات پات تي ناهي. ليڪن ڏاتار جي ڏنل ذات تي آهي.

مطلب:

- عشق نه پڇي ذات ڪُذات.
- عشق نه پڇي ذات، بوک نه پوڇي باسي پات،
  پياس نه پوڇي ڌوبي گهاٽ، نيند نه پوڇي ٽوٽي کاٽ.

**206.فلاسافر مري ويندا، فلسفو نه مرندو. (پهاڪو).**

فلسفو، هنر، علم، ظلم ۽ سخا وغيره سمورا فعل آهن. فعل، ازل کان ابد تائين، دنيا ۾ قائم رهيا آهن ۽ رهندا. جڏهن ته فاعل هر دور ۾ متبا رهيا آهن. اها بي ڳالهه آهي ته ڪي ماڻهو ڪن فعلن ۾ ضرب المثل تي ويا آهن ۽ سندن نالا ورجيس طور ڪتب اچن ٿا. مثال طور: فلسفي ۾ سقراط، حڪمت ۾ حڪيم لقمان يا اجمل، سخا ۾ حاتم طائي ۽ ظلم ۾ فرعون وغيره. جڏهن ته اهي سمورا فعل، اڄ به موجود آهن. ناپيد نه ٿيا آهن. جڏهن ته متي ڄاڻايل فاعل موجود ناهن.

مطلب:

- ظلم قائم آهي، ظالم قائم ناهي.

**207.ڪا تي احمد ميان سومرو، ڪا تي گوشو ڊرائيور. (چوڻي / پهاڪو)**

احمد ميان سومرو، جيڪب آباد جو وڏو بااثر ۽ با اصول زميندار تي گذريو آهي. سندس نوڪر به عياشين / نٺ ۾ رهندا هئا. سندس خانگي ڊرائيور گوشو خاصخيلي به پاڻ کي لٽي ڪپري پهرڻ ۾ چڱو رکندو هيو. جڏهن منشيءَ سان ٻنين تي حساب ڪتاب / ٻنئي ٻڙي ڪرڻ ويندو هيو ته هاري ناري کيس احمد ميان سومرو سمجهي پيرين پوندا ۽ تعظيم ڪندا هئا. اهو پاندو تڏهن ڦاٽو، جڏهن هڪ ڏينهن احمد ميان سومرو جند زمينن تي گوشي ڊرائيور سان ويو. اتي هارين، بجاءِ احمد ميان جي، گوشي سان پيرين پَئي پِئي هٿ ملايو. جنهن تي منشيءَ، احمد ميان جو ساڻن نئين سر تعارف ڪريو.

مطلب:

- اصل ۽ نقل ۾، وڏو فرق آهي.
- ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيار.
- ڪاٿي راجا ڀوڄ، ڪاٿي گنگو تيلي.
- ڪاٿي دستگير، ڪاٿي جمعو فقير.

- ڪاتي محمد خان مختيارڪار، ڪاتي مترن جي دال.

**208.ڪاز ۽ باز ڪي پَرَ ٿين، پر هر هڪ جي پرواز پنهنجي. (پهاڪو)**

هر مخلوق، پنهنجي ماحول ۾ پلجي نپجي / وڌي ويجهي ٿي. ظاهري مماثلت هوندي بہ، هر هڪ جنس جون پنهنجيون خوبيون / خاصيتون هوندون آهن. ٻئي ڪنهن سان نہ ملنديون آهن، نہ ئي وري ٻيٽي سگهجن ٿيون.

مطلب:

- پيٽرول جيپ ۾ بہ پوي ٿو ۽ جهاز ۾ بہ پوي ٿو، پر هر هڪ جي اڏام پنهنجي پنهنجي آهي.

**209.ڪپڙو ڌوئڻو بہ هجي نہ پُسائجي نہ. (پهاڪو)**

ڪپڙو پاڻيءَ ۾ پوڻ ڪانسواءِ ڌوئڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي. نپوڙي نہ ڪيبو تہ يا سينوار جي آ ڪو ٿيندو يا اوسنو هئڻ سبب وقتي ڪم جو نہ رهندو. پُسائڻ بعد ڌوئي، نپوڙي نہ سڪائبو تہ چوڙو ٿي ويندو.

مطلب:

- جنهن ڪم ڪرڻ جي نيت نہ هجي، اهو شروع نہ ڪجي.
- سخاوت ڪجي تہ پوري ڪجي، نہ تہ نہ ڪجي.
- وهنجڻو نہ هجي تہ ڪپڙا نہ لاهجن.
- ڪنهن ڪي ٻيڙيءَ تي چاڙهجي تہ درياهہ پار پهچائجيس، وچ سير ۾ نہ ٻوڙجيس.

**210.ڪُمي ڪنئري هجي ها تہ پهرين گدڙ ڪائينس ها. (پهاڪو)**

ڪُميءَ جو جسم ڪنئرو ٿئي ٿو، پر جنهن ڪوپي ۾ رهي ٿي، سو ڏاڍو سخت هوندو آهي. وقتي ترڪ جي تائر هينان بہ بچي وينديون آهن. اهڙي سخت ڪوپي ڪي گدڙ ڪيڏانهن ڪائي سگهندو. اهڙيءَ طرح هر ماڻهو، ڪمزور ناهي. ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان، پاڻ ڪي ماحولياتي گدلاڻ / آپدائن ڪان حفاظت ۾ رکڻ جا جتن ڪري ٿو.

مطلب:

- ڪنهن ڪي بہ ننڍڙڪو / غير محفوظ نہ ڄاڻجي.
- مُنهن جي ڪونئري، ڳتا پتائي.
- پتر ڪونئرا هيا تہ هوند گدڙن ڪائي ڇڏيا.
- تيل سستا هيا تہ هوند گدڙن بہ ڳل مکيا.
- هيٺي نہ ٻولجي، ڪمزور بہ فائدو وٺي ويندا.
- پيٽيو: هر پتر پنهنجي جاءِ تي ڳؤرو آهي.

**211.ڪنڏڪوٽ، ول نہ موت. (چوڻي)**

ڪنڏ ڪوٽ شهر ڪي، وڏي ڀهراڙي آهي، جنهن سبب واپاري لحاظ ڪان وڏي چلتي وارو شهر آهي. جيڪو بہ واپار/ روزگارسانگي آيو، اڏجي ويو. شهر ۾ اڪثر آبادي ٻاهران لڏي آيلن جي آهي.

مطلب:

- شهداد ڪوٽ، وري نہ موت ، موت تہ مري موت.

- شڪارپور شهزادي، ڏيهان ڏيهہ مشهور.
- شهر ڪراچي، چورن جو نيپاڄ.

**212.ڪُٽي ۾ نڪتل ڪنوار، پرائي پچار، آهن ذائقا زبان جا. (پهاڪو)**

لال ڪنوار، ڪُٽي ۾ يا جهنگ مان هٿ نہ ايندي آهي. البتہ ان لاءِ مڙسي درڪار آهي. تنهن هوندي بہ بنا ووڙڻ جي، منزل جي مومل ماڻي نہ سگهبي آهي. جيڪڏهن ڪير اهڙي دعويٰ ڪري تہ ڪوڙ ٿو هڻي. ائين ئي پرائي پچار ڪرڻ بہ زبان ڪي لسٽ ونرائڻ جي مترادف آهي.

مطلب:

- ڪمزرو ماڻهو فقط زبان جا چشڪا وٺندو آهي ۽ اڪ جو عاشق يا نظروت ئي هوندو آهي.

**213.ڪو ڏني ڪري ستاري، ڪو اڻ ڏني ڪري خواري. (چوڻي)**

دنيا ۾ هر قسم جا ماڻهو موجود آهن. هڪڙا دشمن هئڻ جي باوجود اصولن جي پاسداري ڪندا ۽ لٽو پيا وجهندا ۽ هڪڙا وري دوست هوندي بہ، بي اصول طبيعت سبب، پيا عيب اگهاڙيندا ۽ لٽو لاهيندا.

مطلب:

- بردبار ماڻهو، خبر هئڻ جي باوجود، بدلو نہ وٺندو آهي. بزدل اڻ ڄاڻ هوندي بہ جُلهون پيو ڪندوآهي.
- ڪانيءَ ڪانيءَ لچڻ، ڪلي ڪلي ياڪ.
- هر ڪانيءَ / وڻ ڪي پنهنجو لچڻ آهي.

**214.گيد گيدليءَ جا پار، گوهي اٿو، ڪوهي وار. (چوڻي)**

چڱي ڪم ڪرڻ پڄان، بہ چار نقصان ڪرڻ بہ چنداپ جي نشاني آهي. هونئن بہ نياڳ/بدبختي تہ ڪنهن ڪنهن سان ساڻ هوندا آهن.

مطلب:

- چڱائي ڪندي، چندن جا هٿ سڙندا آهن.
- تيل / گيهہ پئي، نياڳن جي سينڊ سڙندي آهي.

**215.ڳوٺ ۾ هجن ئي ست گهر تہ ڏائڻ ڪهڙو تاري؟ (پهاڪو)**

ڏائڻ جو ڪم آهي، مڙدا ڪوٺڻ، تنهن هوندي بہ ست گهر تاريندي آهي. سمورا ڪين لتاڙيندي آهي. جڏهن اورانگهڻ لاءِ هجن ئي ست گهر تہ پوءِ ڏيٽپي ڪي ڇڏي اصول جي پاسداري نہ ڪندي. مجبورًا ستين گهر ڪي وَلُو چاڙهيندي.

مطلب:

- ظالم ماڻهو محدود دائري ۾ پنهنجي ظلم ڪي روا رکڻ لاءِ اهڙا دليل گهڙيندو آهي.
- ڏائڻ ستون گهر تاري، ظالم اهو بہ نہ تاري.

**216.گهنيي راڏي، گهنيي ڪاڏي، اجا ئي گهنيو فريادي. (چوڻي)**

گهنيا، پجاب جي علائقن: رحيم يار خان، صادق آباد، خان پور ڪتوره وغيره ۾ آباد ذات آهي. سنڌ ۾ بہ اتان لڏي اچي گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو، ڏهرڪي، مريد شاخ ۽ جيڪب آباد ۾ ٽيا آهن. جيڪب آباد جي ڳوٺ ترڙيءَ ۾ گهنيا، عنايت الله اوستي جي رَهڪي ڪندا هئا. هڪ دفعي اتان رسي، ڪيرٿر جي پڪ ۾ شيران پور وٽ، محمد صديق پناڻ جا اچي راهڪا ٿيا ۽ بني راڏائون.

فصل جي تيار ٿيڻ تائين، فصل جا ٽي حصا ائين ئي ڪٽي ڪائي ويا. ٻنئيءَ وقت چوٿون حصو قباڻ لاءِ به ڪمدار سان ڦڏو ڪيائون. چوڻ لڳا : "اسان راهڪ ماڻهو، ڏاڍا غريب آهيون. تمام ٿورو فصل ٿيو آهي. اهو اسان کان نه وٺو."

نتيجي ۾ ڪمدار مٿن دڙڪا داٻ ڪيا. گهنين الٽو مٿس فرياد ڪيو. ڪمدار وڃي پوليس ۾ پيش پيو. پناڻ زميندار، ڪمدار کي ڇڏايو، جنهن تي ڪمدار چيو: "گهنين راڏي، گهنين ڪاڏي، اجا ئي گهنيا فريادي."

ان کان علاوه ٻي تاويل اها آهي ته گهنين ڪنهن جو چيلو کهي ڪائي ڇڏيو.

پڇا ڳاڇا تي الٽو مٿس ڪاوڙيا ۽ فيصلي ۾ ڇڪاياڻونس، جنهن تان ائين مشهور ٿيو.

مطلب:

- جڏهن ڪو ھَڙ هنيون وڃي ۽ لانگ به رکيون وڃي ته ائين چئبو آهي.

**217.لک پتي ڳُٽي، پَتِ پتي نه ڳُٽي. (چوڻي )**

لک پتي:لکن ڪروڙن جو مالڪ، ڪائيندي لک ڪروڙ ڳُٽائي ويندو. ڇو جو زر ڪپا ئڻ سان ڳُٽندي آهي. جڏهن ته ڪارِپَتِ وارو ماڻهو، پئسو نه هئڻ جي باوجود به بک نه مرندو آهي. پنهنجي اعتبار / ساک سبب، ٻين مان ڪم ڪار / ڏوڪڙ پنجڙ ڪڍي ويندو آهي ۽ سندس ائين ڪائڻ تي ڪير ڪُرڪندو به ناهي.

مطلب:

- ڪاڏي خرار ڪٽيو وڃن.
- جيڪڏهن چاهين ته اولاد کي ٻي انداز ملڪيت ڏيا ن ته ڪيس هٿ جو هنر سيکار.
- سائٽ وارو ڪائي وڃي، لهٽي وارو لنگهڻ وڃي.

**218.ماڇڪو ڪتو، سوئر جو ساٿي. (پهاڪو )**

ماڇين جو ڪتو: مفت جي مڇين / مانين تي پلجڻ سبب، شڪار نه ڪري سگهندو آهي. مُهاڙيءَ ۾ لاهڻ پڇاٽان، سوئر تي حملو ڪرڻ بد ران، پڇ پائي پوئتي مو ٽندو آهي ته مالڪ کي به ڇڪي رکندو آهي.

مطلب:

- ڪمزور/ پيڻگيئي کي، گهر جو رکوال / چوڪيدار نه ڪجي. چورن سان ساٿاري ٿي ڪات هٽائيندو.
- جَوَ ڍيري رکي، ڳڏھ کي رکپال.

**219.مانجهاٽي : منجهند تائين. (چوڻي)**

مانجهي خان ڪوسي جي نالي پويان اڏيل شهر: مانجهي پور جا ڪوسا مانجهاٽي سڏائيندا آهن. طبعًا ڏاڍا سادا ۽ ويسارا آهن. صبح جو سنگت رکي، منجهند تائين وساري ڇڏيندا آهن.

مطلب:

- مانجهٽين جي سنگت بابت گمان آهي ته ٿوري عرصي لاءِ هلندي آهي.

**220.ماءُ جي پِٽ، ڳُسي پيءُ جي نه. (چوڻي)**

ماءُ جي مامتا، سندس پِٽ مٿان غالب هوندي آهي. جنهن سبب سندس پِٽ اڪثر نه لڳندي آهي. ان جي برعڪس پيءُ جو پِٽيو ڪڏهن به سائو نه ٿيو آهي.

ماءُ جو ادب، پيءُ جي پيٽ ۾، تي دفعا وڌيڪ ڪرڻو آهي. تنهن هوندي به جيڪڏهن ساڻس ماٺا ڪبا ته سهي ويندي. جڏهن ته پيءُ نه سهي سگهندو. بي ادبي ته، ڪنهن به صورت ۾، ٻنهي جي ناهي ڪرڻي.

مطلب:

- پيءُ جو پٽيل، سنئين لڳين نه هوندو.

**221.مِٺُ نه ماءُ، پِنُ ۽ ڪاءُ. (چوڻي / پهاڪا )**

جنهن کي ننڍي لاڪون ،پيءُ ماءُ يا چاچي مامي جهڙو رشتو نصيب ٿيو، سو ڇورو ٻار / ننڍڙو ٿي پلبو آهي. ٻين جو محتاج رهڻ سبب، احساس محروميءَ جو شڪار هوندو. پوءِ ٻلي ٻيا مٺس جهُٻو به ڪائيندا هجن، جنهن لاءِ انهن جي مهرباني، پر يتيم کي اندر ۾ هڪڙو اڻ لکو احساس ضرور هوندو آهي، جيڪو ڪيس ڪائيندو ۽ اندر ۾ وَڍَ وجهندو رهندو آهي. ٻلي مائٽ ڪيڏي به ملڪيت ڇڏي ڇو نه مئا هجن، پوءِ به يتيم ٻار ڪان اهو مسڪين جو ٻار وڌيڪ سکيو آهي، جنهن جا پيءُ ماءُ جيئرا آهن.

مطلب:

- مائٽ جو ڏُڍُ، دولت جي ڏڍَ ڪان تمام گهڻو آهي.
- جنهن کي نه آهي ماءُ نه ماءُ جو جايو،
  سو گهٽن پيءُ ماءُ وارن ڪان سائو. (ابتو)

**222.محبتي: محنتي. (چوڻي)**

محنت ڪرن لاءِ محبت جو جذ بو هئڻ ضروري آهي. محبت / رغبت / شوق / عشق ڪانسواءِ ڪو به ڪم ڪري نه سگهبو آهي. جنهن محنت ۾ محبت شامل ناهي، اها محنت رنگ نه لائيندي آهي. فائدي بجاءِ، منجهانئس نقصان پوندو آهي.

محبت ڪرڻ لاءِ به محنت جي ضرورت آهي. محبوب کي ماڻڻ لاءِ، جيڪو محنت نٿو ڪري ۽ گهر ويٺي پرين تان جندڙو قربان ٿو ڪري، سو به سچو عاشق ناهي. محنت ڪانسواءِ محبت نه ٿيندي، محبت ڪانسواءِ محنت بيڪار آهي.

مطلب:

- محبت ۽ محنت لازم ملزوم آهن.

**223.مرد جي دشمن ڪٽائي، عورت جي دشمن منائي. (چوڻي)**

عورتن کي ڪٽيون، چٽپٽيون / چهريون شيون وٽنديون / ياڻءِ پونديون آهن. خاص طور تي ٻن جيئن واريءَ جي چاهت اجا وڌيڪ هوندي آهي. عورت کي مناڻ ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. اهو سندس لاءِ زهر برابرآهي. ان جي بر عڪس، مرد ڪٽاڻ جو تاثير براشت نه ڪري سگهندو. سندس هاڻي (physec) مناڻ کي برداشت ڪرڻ واري تهيل آهي. منان ڪائڻ سان محنت جو جذبو پروان چڙهندس. ان جي پيٽ ۾ ڪٽاڻ ڪيس ڪاري ويهاري ڇڏيندي.

مطلب :

- مرد کي ڪٽين شين ۽ عورت کي منين شين ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

**224.معاملا اسرندا به، نبرندا به. (چوڻي)**

هيءَ دنيا معاملن / مسئلن جو گهر آهي. معاملن / مسئلن ڪانسواءِ دنيا بي چسي، بد مزي ۽ بيڪار

آهي. وندر انهيءَ ۾ آهي ته هڪڙا مسئلا حل ٿين ته ٻيا ڪَرُ ڪڍن. بغير مسئلن / معاملن جي ڪابه زندگي ناهي. هڪ- ڪَري زندگي ڪنهن کي به نه راس آئي آهي ۽ نه ئي ورِي پسند آئي آهي. زماني جون گردشون هر هڪ کي وڙن ٿيون. انهن سان منهن ڏيڻ لاءِ هر هڪ کي تيار به رهڻ گهرجي. ڇو جو هر ماڻهوءَ کي، مختلف ماحولن ۾ آزمايو ويندو.

ڪنهن به معاملي کان مايوس نه ٿجي. مايوسي گناهه آهي. اڄ جيڪو مسئلو پيش آيو آهي، سو سڀاڻي ياد ڪرڻ سان به ياد نه ايندو.

مطلب:

- ايندڙ زندگيءَ / حالات کان خائف نه ٿجي.

**225.ملتان، پيرن جو استان. (چوڻي)**

گورستان ۽ گرمي، گرد ۽ گداگرن واري شهر ملتان ۾، پيرن فقيرن جي پڻ ججهائي آهي. غوث بهاؤالدين زڪريا، شاهه رڪن عالم ۽ شمس تبريز جهڙن بزرگن / اوليائن جو مدفن هئڻ سبب اتي گهڻن ئي درويشن جا ڦيرا / مدفن رهيا آهن. سنڌ جا تنيا فقير ۽ سندن ٻيا عقيدتمند ته گهڻا وني، پيرين پنڌ پڄائي، اچي بخشرائيندا هئا.

مطلب:

- ملتان، پيرن سان ڀريل.
- چار چيز ست تحفات ملتان: گرد، گدا، گرم و گورستان.

**226.ميرپوري منڊي، چانڊاڻ چنڊي، عودي سنجن سوڏي،**
**نل ڏنو نڪاءُ، هلي ڏسو ڳڙهيءَ جو لقاءُ. (چوڻي)**

اڳي سماع هٽنڊڙ فقير، غريبن سان ظلم ڪندڙن کي سمجهائڻ ويندا هيا. سندن ڳالهه نه مڃڻ تي ڪين پاراتا يا پٽون، سماع ۾ ڏيندا هيا.

ميرپور برڙو، چانڊاڻ، عودي ۽ ڙهي حسن، تعلقي نل جا وڏا ڳوٺ (قصبا) آهن. گمان آهي ته ڪنهن فقير ٿيل ظلم پڄاڻان ڪين سمجهايو هجي ۽ اتان جا رهواسي سندس چوڻ تي نه مڙيا هجن، جنهن تان فقير سماع ۾ ائين چيو هجي.

محترم نظام الدين ڪوسو، ڪامريڊ محمد امين ڪوسو جو پاءُ پنهنجي مقالي: "نئين نل جا پراڻا گل" جي ٻيءَ قسط ۾، ٽِه- ماهي مهراڻ جي پرچي 1995/4 جي ص 92 تي اها چوڻي هيئن لکي آهي: "ميرپور منڊي، چانڊاڻ چنڊي، نل ڏنو نڪاءُ ته عودي ويئي سنجن سوڏي".

تاويل ۾ لکيو اٿائين ته ڪنهن زماني ۾ ڪنهن درويش جي زبان مان نڪتل هي گفتا، ڏاڍي چؤبول ۾ هوندا هئا.

اڳتي الڪيو اٿائين: "خبر ناهي ته درويش ائين ڇو چيو. انهن گفتن جو اثر ڪنهن وقت تائين انهن ڳوٺن تي ڏاڍو رهيو. هينئر مس مس وڃي انهن ڳوٺن ساهي پٽي آهي ۽ اڳتي قدم وڌائڻ شروع ڪيو آهي."

مطلب:

اهڙيون ڪوڙ پٽون يا پاراتا ساريءَ سنڌ ۾ ٻين ڳوٺن لاءِ پڻ مشهور آهن. منجهانئن ڪجهه هتي ڏجن ٿا.

- ٿهل ويئي مَهل، مهتي موٽي آئي، نل ڏنو نڪاءُ، ڏُبي ٻين دٻائي. (سماع)

- قاضي ويندا قلات، وِڪيا ڪين وسندا. (پاراتو)
- محبت سندا ٻار، پيالي منجهه پنندا.
- ٻُتيءَ دکيءَ ڪاڻ، مُنن مٺ پيچايا.
- نَتِ ڏنو نڪاءُ، ڳوراها سپ ڳري ويا.
- ترڙي تي ڊرڙي، لٽو لاڏ لغارين جو.
- ڪو جو وايو واءُ، ڳچل سپ ڳري ويا.
- ڳچل پنهنجي ڳوٺ، پيالي منجهه پنندا.
- ڏُبيءَ لڳي باهه، چٽنگون چمن ۾.
- پيٽيو: ”نل آهي گل“.

**227.مينهان چاري سنجر فقير، ڪير ڪا وجن ڪوهلي. (پهاڪو)**

تعلقي نل جي ڳوٺ ڪريم آباد ۾، سنجر فقير نالي غريب دراڙ رهندو هيو، جيڪو چاراٽيءَ تي ڳوٺ جون مينهون چاريندو هيو.

هڪ دفعي عيد آئي پر ڪيس چاراٽي نه ملي. عيد رات ڏنارن جي در تان ڪير لپ پنڻ ويو ته ڪنهن ٻه نه ڏنس. عيد ڏينهن ته ڪير هر ڪنهن کي پاڻ کپي، سو هن کي ڪيئن ڏين. ڪير نه ملڻ سبب، ٻئي ڏينهن مينهون نه چوڙيائين ۽ مينهون کلن تي ٻڌيون، رنڀنديون رهيون.

مينهُن نه چورڻ جو سبب جڏهن ڪانئس پڇيو ويو، تڏهن موٽ ۾ چيائين: ”مينهان چاري سنجر فقير، ڪير ڪا وجن ڪوهلي!“

مطلب:

- ڪوهي ڪنگهار جي، نالو نارائڻ جو.
- ڪير ملوڪ جي مينهن جو، پيئندو پير شاهه.

**228.نر شينهن، رڍن جي لشڪر کان نه ڊڄندو آهي. (پهاڪو)**

شينهن جي فطرت ۾ هيبت سمايل آهي، جنهن سبب رڍون ٻڪريون ڪانئس ڊڄنديون آهن. هيسجڻ سبب، شينهن جي دل اجا وڌيو وڃي. نه ڊڄڻ جانور کان، شينهن ٻه پاسو ڪري لنگهندو آهي.

جنهن کان ڊڄبو آهي، سو آڪرو ٿيندو ويندو آهي. جنهن سان اڪِ اڪ ۾ وجهي، ڳالهائبو آهي سو پڻ محتاط رهندو آهي ۽ تارو ڪري لنگهندو آهي.

مطلب:

- ڀؤ / خوف / ڊپ، دل ۾ وينل هوندا آهن. اڳلي جي حشمت پوءِ اثر ڪندي آهي.

**229.نظر ڳِجهه جي، ڏاٿ اُڏوهيءَ جي، نڪ ڪِول جو. (چوڻي)**

(1) ڳِجهه جي نظر، تيز هئڻ ۾ ضرب المثل آهي. ميلن تي مٿان ٻه ڊوڙيد تي نظر پئجيو وجيس ۽ مٿس پهچيو وڃي. مبالغ آرائي ڪندي (Exaggeration) کي ته ائين ٻه چوندا آهن: ”ڳجهه جي نظر، ستين آسمان تان ٻه پوندي آهي“.

(2) اُڏوهيءَ جي ڏاٿ ڏاڍي ڪاٽ کي ٻه ڏڌيو رکي. مضبوط ۽ مقدس شين مان ٻه ڪين مڙي. حضرت سليمان عليه السلام واري لٺ کي ٻه اڏوهيءَ ئي ڪائي ڇٽ ڪيو جو، جنهن جي جنن کي ٻه آخر تائين خبر نه پئي هئي. جنّ ويچارا ته تن سالن تائين محنت ڪندا رهيا. اڏوهيءَ جي انهيءَ ڪارنامي پڄاڻان ڪين خبر پئي ته حضرت سليمان عليه السلام ته دنيا مان ڪڏهوڪو برقعو مٽائي

چڪو هيو.

(3) ڪول ڪي اک نہ ٽيندي آهي. نڪ جي حواس سان سنگهي اڳتي هلندي آهي.

مطلب:

- هر هڪ ۾ ڪانہ ڪا خوب ضرور هوندي آهي.

**230.نڪ هوندو ناهر ڪي، وري نہ ايندو واڙ تي. (چوڻي)**

ناهر/ بگهڙ سان، ڌنار جي ڪتي جيڪڏهن چڱي جٽ ڪئي آهي تہ هاڻي ڪيس ٻڪرين جي واڙ تي نہ اچڻ گهرجي. شرط اهو آهي تہ بگهڙ کي نڪ هوندو تہ نہ ايندو. ٻي نڪو تہ هر هر پيو پچ لوڏيندو.

مطلب:

غيرت وارو، بيعزتيءَ واري هنڌ وري وري نہ ايندو آهي.

**231.واسطو آهي، رابطو آهي. سفارش آهي، نوازش آهي. (چوڻي)**

واسطي ڪان سواءِ، رابطو ٽيڻ يا رکڻ ڏکيو آهي. واسطي رکڻ لاءِ رابطو ڪرڻ ضروري آهي.
واسطو هوندو تہ سُفارش / سُپارت / پارت بہ ڪري سگهبي.
سفارش سان بہ نوازش حاصل ڪري سگهبي آهي. هٿُ هٿَ تي رکي ويهبو تہ ڪم نہ هلندو.

مطلب:

- هيءُ جهان، ڏي وٺ (give & take) جو جهان آهي.
- جستجو ڪندڙن جو جهان آهي، سستن جو ناهي.

**232.واڻيو ڳڙ نہ ڏئي تہ ڳڙ جهڙي ڳالهہ ڪري. (پهاڪو)**

واڻيي/ دڪاندار ڪي، ڳُڙ جهڙو وکر ڪپائڻ سان گڏ، منڙو تي بہ ڳالهائڻو هوندو آهي. چو جو گراهڪ ڪي دڪان تي چڪي آڻڻ ۾ واڻيي جي وهنوار جو بہ هٿ هوندو آهي. جيڪڏهن هٿ- واڻيو ڪلي ڳالهائيندو تہ هر ڪو وٽس وکر وٺڻ لاءِ پيو واجهائيندو. ان جي برعڪس، چڙٻن سان ڳالهائيندڙ، اُڇلن سان توري ڏيندڙ ۽ سَٽُن سان پئسا وٺندڙ دڪاندار جي دڪان تي، ڪير بہ پير نہ پائيندو آهي.

مطلب:

- واڻيي وٽ وکر نہ وڪامي پر وڙ وڪامي.
- ڳڙ نہ ڏجي تہ ڳڙ جهڙي ڳالهہ ضرور ڪجي.

**233.واڻيي جو دستور، ڏک بہ هٽي ڏاڙ ڏاڙ بہ ڪري. (پهاڪو)**

هڪڙو واڻيو، هڪڙي مسلمان ڪي دسيون، سيني تي چڙهي مکون بہ وهائي رهيو هئس ۽ رڙيون بہ ڪري رهيو هو: "اڙي مون کي بچايو!اڙي بچايو! مون کي مُشلو ماري ڇڏيندو!"
ماڻهو متس مڙيا. الٽي ماجرا ڏسي پڇيائونس: "سيني تي بہ تون چڙهيو وينو آهين، مارينس بہ تون تو، رڙيون بہ تون تو ڪرين؟"
"اري ڏٽي! توهان کي خبر ناهي هن جي!" واڻيي، مسلمان کي مسلسل ڪٽيندي ۽ سهڪندي چيو: "مان سندس سيني تان لهندس تہ مون کي ڪُتي ناڙُ ڪري ڇڏيندو. ڏسو نہ تا تہ ڪاوڙ ۾ اکيون لال ٿي ويون اٿس."

مطلب :

- واٽيو ڦري ٻہ، ڦرجڻ جون رڙيون ٻہ ڪري.

**234.هر هڏي ۾، مِکُ هوندي آهي. (پهاڪو)**

رت جا اڇا جزا (White Blood Corpsles) جيڪي رت ۾ دفاعي (Defensive) ڪم ڪندا آهن، سي نهندا ئي مِکُ (Bone marrow) منجهان آهن. مِکُ نهڻ بند ٿيندي تہ اڇا جزا (WBC) بہ نهڻ بند ٿي ويندا. نتيجتًا دفاعي نظام درهم برهم ٿي ويندو. قوت مدافعت ختم ٿيڻ سبب، موت واقع ٿي ويندو آهي.

هڏو، بغير مِکُ جي نہ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪو بہ ماڻهو خوبين کان خالي ناهي.

مطلب:

- هر لباس ۾، ماڻهو هوندو آهي.
- هر ماڻهوءَ ۾ ڪانہ ڪا خوبي / خصلت ضرور آهي.

**235.هڪ ٽپي سان کوهہ ۾ ڪربو آهي.**

**سَوَ 100 ٽپي سان نڪري نہ سگهبو آهي. (پهاڪو)**

ترقي ڪرڻ لاءِ وڏي محنت، وڏا جتن/ جُهد ڪرڻا پوندا آهن. جڏهن تہ تباهي ڪرڻ لاءِ يا ڊاهڻ لاءِ هڪ ڌڪ جي ضرورت هوندي آهي. هرشيءِ کي قائم (maintain) رکڻ لاءِ بہ محنت ۽ خرچ ڪرڻو پوندو آهي.

مطلب:

- کوهہ ۾ ڪرڻ کان اڳي، قدم احتياط سان کڻجي.
- ترَ جي ڳتي، سؤ چوٽون کائيندي آهي.

**236.هيڪوٽي هندو مري، ٻيٽي مري مسلمان.**

**ٽيٽي سو مري، جنهن جي ڪنڌ تي قرآن. (چوڻي)**

هندو، هڪ- جهاني هئڻ سبب، فقط هن جهان هٿ ڪرڻ لاءِ محنت ڪندا آهن. مسلمان، آخرت ۾ بہ يقين رکڻ سبب، دنيا ۽ آخرت يعني ٻنهي جي موچاري ٿيڻ لاءِ محنت ڪندا آهن. جڏهن تہ قرآن وارا ۽ اهل الله، دنيا ۽ آخرت موچاري ٿيڻ کان علاوه، مالڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ بہ محنت ڪندا آهن.

مطلب:

- الله وارو ٿيڻ جي لاءِ مخلوق تي رحم ڪجي. جهنم جي عذاب کان پناهہ گهرڻ پڄاڻان، عذاب قبر کان بہ پناهہ گهرجي. رب جو راضپو ۽ جنت الفردوس جي تقاضا بہ ڪجي تہ ٻئي جهان موچارا ٿيڻ لاءِ بہ دعا گهرجي.

**237.هيٺو حريف، گلا ڪندو آهي. (چوڻي/پهاڪو)**

دشمني ڪرڻي هجي تہ مڙس ماڻهوءَ يا اصول- پرست سان ڪجي. بي اصول ۽ ڪانياري، ڊڄڻي ۽ گيديءَ سان دشمني نہ رکجي. خواه مخواه گلا ڪندو ۽ جتي ڪٿي ڍِنوڙو ڪندو.

مطلب :

- مارجن تہ مير مارجن، چاڪر نہ چڪائجن.

# شڪارپور جا چند پهاڪا ۽ چوڻيون

(نقش ناياب منگي صاحب وٽان هٿ آيل)

سال 1989ع ۾ راقم جو پهريون ڪهاڻين جو ڪتاب "هراس" ڇپيو، جيڪو چند دوستن کي پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. شڪارپور ۾ جميل احمد ابڙو جي معرفت، محترم حق نواز نقش ناياب منگي ۽ محترم محمد انور فگار هَڪڙو صاحب جن ڏانهن به موڪليو ويو.

سال 1990ع ۾، شڪارپور وڃڻ ٿيو ۽ ٻنهي سان روبرو ملاقات ٿي. سائين غلام رسول ميمڻ صاحب، ماڊرن پريس واري به ملاقات جو شرف بخشيو. ائين ملاقاتن جو سلسلو جاري ٿي ويو.

اپريل 1998ع ڌاري، راقم جي ساڍن ڇئن مهينن لاءِ شڪارپور ۾ مقرري ٿي. جنهن دوران مٿي ذڪر ڪيل سنگتين کان علاوه، ارشاد احمد ڪاغذي، محترم خليل احمد مورياٽي، پائو اصغر سومري صاحب ۽ مرحوم نثار علي هَڪڙو صاحب جن سان روزاني ڪچهري ٿيندي هئي.

ڪڏهن دوسو نانوائيءَ واري صندل تي، ڪڏهن اقبال سوئيٽس هائوس هاٽي در تي، ڪڏهن فرسٽ وومين بئنڪ جي پرسان ته ڪڏهن ڪنهن ٻيءَ هوٽل يا پان بيڙيءَ جي ماندڻيءَ تي، رات جو ڪچهري مچندي هئي. سمورا دوست جڏهن گڏبا هياسين ته ٻيا ماڻهو، اهو چئي پاسو ڪري ويندا هيا ته: "خشڪن کان پاسو چڱو آهي".

شڪارپور ۾ محترم حق نواز نقش ناياب منگي صاحب مختلف اديبن کي اُتساهي ڪن موضوعن تي لکڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. ڪتابن جي معاملي ۾ رهنمائي به ڪري ٿو ۽ اڻ هوند ۾ مهيا ڪري ڏيڻ ۾ به مدد ڪري ٿو.

ملاقاتن دوران ڪانئس شڪارپور جا چند پهاڪا / چوڻيون مليا جيڪي هتي پيش ڪجن ٿا.

**238.آ ڏکڻ ڏيهي، وچ هانو ۾ پيهي. (چوڻي)**

شڪار پور ۾ بجليءَ جي اچڻ کان اڳ، ماڻهو اڪثر ڪليل جاين ۾ رهندا هيا. رات جي وقت گرمي ٿيندي هين ته وڃڻي سان پکهر به سُڪائيندا هيا ۽ ڏکڻ جي هير کي به پيا سارينداهيا.

سنڌ علائقي جي ڏکڻ ۾ وڏو هندي سمنڊ آهي. اُتان ايندڙ موسمي هوائون، رات جي وقت ٿڌيون هونديون آهن، جن سان روح کي راحت ۽ جسم کي فرحت اچي ويندي آهي.

پراڻي شڪارپور جا ماڻهو منگهن سان ماڙا نهرئندا هيا. گرمين جي وقت ململ جا ڪپڙا اوڍيندا هيا ۽ رات جو ڪوٺن تي، پاٽيءَ جو ڇٽڪار ڪري سمهندا هيا. جيستائين رات جون ٿڌيون هوائون گهُلن، تيستائين پيا ڏکڻ کي ساريندا هيا.

جڏهن ٿڏيون هوائون شروع ٿينديون هيون ۽ اکين ۾ گهر شروع ٿيندي هئي ته هو وراڻي طور چوندا هئا: "وَلِ بهار، وَلِ بهار".

مطلب:

- آ ڏکڻ ڏيهي، پيچ مجر جي پيهي.
- ڏکڻ آيو دير سان، مينهن آيو ڇير سان.

**239.الف شاهه غازي، پيچ ڪتي جي بازي. (چوڻي)**

شڪارپور شهر، سنڌ جي قديم وستين وانگر، هڪ دڙي يا ٽِبي تي اڏيل آهي. پراڻا شهر، خاص طور تي درياهِ سنڌ جي ڪنڌيءَ وارا، جهڙوڪ: موهن جو دڙو، ڪنديارو، نوشهرو فيروز، هالاڻي،

ڀلاڙي، ڪوٽڙي ڪبير، هگورجا وغيره ڏڏن تي اڏيل آهن. جنهن سبب ڪري اهي درياهي ٻوڏن، گرميءَ جي اثرن ۽ مڇرن جي حملن کان بچيل رهندا هيا. برسات توڙي عام استعمال وارو پاڻي ازخود وهي وڃي ڪڏن ۾ پوندو هيو ۽ گهرن پرسان گندگيءَ جو آزار نه ٿيندو هيو. گهر نِوائيءَ تي هئڻ سبب، فرحت بخش هوندا هيا.

دڙي تي اڏيل شهر شڪار پور جي چوڌاري ، ڏهن دروازن تي مشتمل هڪ قلعو هيو. دروازن جا نالا هيا: لکي در، هزاري در، هاٿي در، خانپور در، سِوي يا سِبي در، واگِٽو در، ڪرن در، نوشهرو در، شيخ افضل در ۽ ڪوٽ در. نوشهري در جي اُيرندي پاسي، الف شاهه شهيد جي مزار آهي. بزرگ بابت ڪا به تفصيلي معلومات ملي نه سگهي آهي. جڏهن ته سندس ڪرامتن بابت ماڻهن منجهه خاص عقيدو ويٺل آهي.

جڏهن به ڪو ڪتو، رستي روڪ ڪندو آهي ته هتان جا ماڻهو ڪيس رستي کان هٽائڻ لاءِ چوندا آهن: "الف شاهه غازي! پچ ڪتي جي بازي!"

ان کان پوءِ ڪتي تي مَنڊ پڙهڻ لاءِ، ڪتي سان مخاطب ٿي چوندا آهن: "چار جنگهون، پنجون پُڇ، ڪُتا تون نه ڪُڇ!"

مطلب:

- جيڪو تنگ ڪري، ان کي ٽوڪڻ لاءِ پڻ ائين چيو ويندو آهي.

**240.اهو ڪيس ڪهڙو، جو ضامن پوي چور،**
**جيڪو موڙي مُنهن تي، سو سين کان زور. (پهاڪو)**

ڪڏهن ڪڏهن چور به ايڏي اک جي پڪائي ڏيکاريندا آهن، جو پاڳيو ويچارو شڪي شڪي پيو ٿيندو آهي. ڪن حالتن ۾ ته پاڳيا، ايڏو ڪمزوريءَ جو مظاهرو ڪندا آهن جو چور جي سَڌ وڏي ويندي آهي. مال موٽائڻ ته موٽائڻ جي ماڳ، مورڳو پُنگ سميت هڙپ ڪري ويندا آهن. مٿان عزتِ نفس جو ڪيس الڳ ڪندا آهن ۽ ان جي آڙ ۾ الڳ مال ڦريندا آهن.

پاڳيي کي گهرجي ته چور جي مٿان ڪيس ڪرڻ کان اڳ، شاهد اوگاهه مضبوط ٻڌي! ائين نه ٿئي جو عين وقت تي، چورن طرفان هٿ آيل مال جي لالچ ڏسي، شاهد شاهدي ڏيڻ کان ڦري وڃن ۽ چورن سان پائيوار ٿي، پاڳيي کي پريءَ بازار ۾ ٻجڙو ڪرائين. پاڳيي جو واريل شاهد، شاهديءَ کان ڦري وڃي ته اهڙي ڪيس کان وڌيڪ ڪمزور ڪيس، ڪهڙو ٿيندو؟

مطلب:

- درياهه پار کان ٻيهي گاريون ڏيندڙ زرو ٿيند آهي.
- منهن تي ڦري ويندڙ زور ٿيندو آهي.

**241.بدو بد بلا، تنهن کان سانوڻ پلا. (چوڻي)**

بدو: هندي مهيني جو نالو آهي. منجهس ڪاڙها ۽ گرميون ٿين. گاهه سڪي وڃن، مال متاع بک مري ۽ کير سُڪائي وڃي. جنهن سبب مارو ماڻهو، تڪليف واري زندگي ڪاٽيندا آهن. "بدي جي بک" پڻ ضرب المثل آهي ۽ ورجيس طور ڪتب ايندي آهي.

بدي جي مهيني دوران هڪ ته مال ۾ سوڪهڙو، ٻيو ٻانيڻ ڪانون لاءِ سيراڻ ڪيرائين، جنهن سبب عام ماڻهن کي تڪليف پهچندي آهي.

انهيءَ جي پيٽ ۾ سانوڻ جو مهينو پلو آهي. گرميون ته هونديون آهن پر بدي وارا ڪاڙها ۽ گاهه

جو قحط نہ هوندو آهي. ڪانون لاءِ سيراڏن نہ ڪيڏا پوندا آهن.
مطلب:

- بدو، بکن ڪيو.
- بدو، ڏيٺين ڏيو.
- بدو پنو، ڪانوَن رُنو.
- بدو پنو، پانيڻ چاڙهيو ڪُنو.

**242.بيوقوف بازار ۾، ساٿي نہ ڪٽجي ساڻ،**

**اول ڪٺائي پاڻ، پوءِ ثمر ڏئي ساٿيءَ کي. (چوڻي)**

بيوقوف سنگتي، وڏي دشمن کان وڌيڪ خراب ٿيندو آهي. ڇو جو دشمن جي دشمني ظاهر هئڻ سبب ڪانئس هر وقت پاسو ڪرڻ لاءِ پيو سوچبو آهي. جڏهن تہ بيوقوف دوست کي دوست ۽ هڏ-ڏوکي ڄاڻي وچ ۾ پيو ويهاربو آهي. اهو وري حال محرم هئڻ سبب، هر راز جو ڄاڻو هوندو آهي. پنهنجي بيوقوفيءَ سبب، هر معاملي ۾ ڄنگهہ پيو اڙائيندو آهي. سندس بيوقوفين جي ڪري، نهيل معاملا تہ گنجرندا آهن پر بگڙيل معاملا ايترا بگڙجي ويندا آهن جو سِرُ ڇَٽُ، مال نيلام تي ويندو آهي.

انهيءَ ڪري بهتر آهي تہ بيوقوف جي سنگت کان پاسو ڪجي. جيڪڏهن فائدو نہ ڏيندو تہ رنج پهچائڻ کان بہ نہ رهندو. دوستيءَ سبب، سندس نيت تي تہ شڪ نہ ڪري سگهبو ۽ اوجهڙ ۾ پئجي وڏو ڏکُ ڪائبو.
مطلب:

- نادان دوست کان، داناءُ دشن ڀلي.
- ياڙيءَ جي ياڪر کان، دلير جو ڌِڪو بہ ڀلو.

**243.نڪ نوٺا! جليبي ڪاءُ!**

**جرمن مئو، اسان جو ڇا؟ (پهاڪو)**

هن پهاڪي جو تعلق ٻي مهاياري لڙائيءَ سان آهي. انهيءَ جنگ ۾ جرمنيءَ جو هٽلر پنهنجو لشڪر وٺي، روس ۾ ڪاهي پيو. آخر سندس اتحادي ڪمزور ٿي پيا ۽ روس جي سرد علائقي ۾، پنهنجي جرمن لشڪر سميت تباهہ ٿي ويو.
مطلب:

- جڏهن بہ ڄٽا پاڻ ۾ وڙهيل هجن تہ ڪين ڇڏي ڏجي تہ ڀلي پٽِ سان منهن وجي لڳين. ٻنهي جي وچ ۾ پئبو تہ تڪليف بہ ايندي ۽ ڏُڪارو بہ ٿي پئبو.
- نڪ نو ناڻ جيلبيون ڪاءُ، جرمن مئو اسان جو ڇا؟
  چار ڪٽوريون پنجين ٿالهي، جرمن ويو هٿين خالي.
- اِي ڄاڻي تہ اُو ڄاڻي! تون ٻيني اٽا تور.

**244.پنهنجي گهِٽيءَ ۾، ڪتو بہ شينهن. (پهاڪو)**

هر ساهوارو جنهن جاءِ تي ڄائو آهي، تنهن جاءِ سان ڪيس خاص اُنسيت هوندي آهي. ان سان اهڙو تہ مانوس ٿئي ٿو جو ان کي پنهنجي جان جو حصو سمجهي ٿو. اها جاءِ ڪيس پنهنجي مددگار / ساٿي معلوم ٿئي ٿي، جنهن ڪري ان جاءِ تي پهچڻ کان  پوءِ سندس دل وڏي ٿيو وڃي. مانوس

ماڳ جي عجيب احساس سبب، دلير ٿيو وڃي.
ڪمزور ڪان ڪمزور جيو، پنهنجي گهر توڙي گهٽيءَ ۾ مالڪيءَ واري احساس سبب دلير رهي ٿو. جڏهن ته ٻئي هنڌ وڃڻ ڪان پوءِ دلير ماڻهو به، دلي طرح دلگير رهي ٿو. اهو هڪ فطري عمل آهي.
مطلب:

- پنهنجي ڏر تي ٻلي به شينهن.
- پنهنجو گهر، هنگي ڪٽي پر، پرائو گهر، ٿُڪ اُڇلي وينو ڏر.
- اپني گلي مين ، ڪُتا ڀي شير. (اردو)

**245.جاڏي ويا شير، تاڏي ويا ڍير. (پهاڪو)**

شير: شينهن، بهادريءَ جي علامت آهي. جيڪي ماڻهو، بهادريءَ سان دنيا ۾ رهن ٿا، تن جو مثال شينهن جهڙو آهي. گيديءَ جو مثال گدڙ وانگر آهي.
شينهن ڪڏهن به پرائيءَ ماريءَ ۾ نگاهه نه وجهندو آهي. هميشه پنهنجن چنبن سان شڪار ڪندو آهي. سندس اوبر تي ڪيترائي گدڙ / لومڙيون پلبيون آهن. پاڻ ڪنهن جي اوبر ڪائي پيٽ نه پاليندو آهي. شينهن بک مري، ڊپ نه چري.
ٻئي جي محنت تي ياڙڻ، پنڻ برابر آهي. شينهن مڙس جو وڙ ناهي ته ٻين جي هٿن ڏانهن ڏسي. پنهنجي جان کي جوکي ۾ وجهي، رزق جي تلاش ڪندو اهي.
محنت-ڪش سان، خدا جي مدد شامل هوندي آهي. محنت ڪش ٻلي چور هجي پر سندس پورهيو، مالڪ کين وڃائيندو آهي. کيس روزي حاصل ڪرڻ جو ڀرپور موقعو فراهم ڪندو آهي. جڏهن ته جائز محنت ڪرڻ واري لاءِ رزق جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي.
مطلب:

- محنت وارو جتي به ويندو، ماڻُ ملندس.

**246.چور چوران دي ڀائي، چوران سُڙِ نه ڪائي. (سرائڪي پهاڪو)**

مالڪ جي غير موجودگيءَ ۾، سندس مال ڦٻائڻ کي چوري ۽ سندس سامان ڪٽڻ کي چور چئبو آهي.
چور جي خواهش اها هوندي آهي ته پرائو سامان اهڙيءَ طرح ڪٽي جو مالڪ کي کڙڪ /سڙس به نه پوي. جنهن ڪري سوڙها گهٽ، گهگهه انڌيرا، گڙٻڙ واري ماحول جي تاڙ ۾ رهندو آهي ۽ منجهانئن پورو پورو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سندس نيت اها هوندي آهي ته اهو ڪٽو ڪم ڪندي، ڪابه اک کيس نه ڏسي. اها ٻي ڳالهه آهي ته: چور ڪيڏي به چالاڪيءَ سان چوري ڪري، پر نشانات ڇڏي ويندو آهي.
چوري ڪرڻ بعد به کيس اطمينان نه هوندو آهي. چوري پئي ڪُڪندي اٿس. ان ڪري ڏوهه آخر تائين لڪائيندو آهي. سنگتين سان به نه سليندو آهي. پائڻ جهڙي سنگت هئڻ باوجود، چور هڪٻئي جي سچ کان اڻ واقف هوندا آهن.
مطلب:

- چور جي من ۾ چڙي.
- چور جي دل ۾ گدڙ.

**247.رنان، مکر منان، تر تر تال ڪرن. (چوڻي)**

عورت جو مڪر، عظيم مڪر آهي. پنهنجو ڏوهه ٻئي جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ جو ڪيس وڏو ڏانءُ آهي. منجهي پوي ته روئڻ وار هٿيار به هلائيندي دير نه ري.

دنيا جي تختي تي جيڪي به جنگيون لڳيون آهن، تن منجهان گهڻيون ته عورت جي فريب ڪاريءَ سبب لڳيون آهن.

عورت جا چار رشتا آهن: ماءُ، ڌيءُ، ڀيڻ ۽ زال. اُن ڪان علاوه، ان محبوبه وارو رشتو به آهي، جيڪا پنهنجيءَ تي چڙهندي آهي ته پيءُ ماءُ جي چانئٺ لتاڙي، وڻن جي ڏاڙهي ڪوڙي، آشنا سان هلي ويندي آهي. مڙسَ مارائيندي به دير نه ڪندي آهي. وڻن تي گلا جو گهانگهو ته ايندو آهي پر پاڻ کي اڇو ثابت ڪرڻ لاءِ متن ٻيا به ڪيترائي الزام تريندي آهي.

مطلب:

- زر، زمين ۽ زن، جهيڙي جوين.
- عورت ڪين چاڻي، ته به اُن مڪرن جو چاڻي.
- رنان، مڪر تنان، تر تر تال ڪن.
- رنون، مڪر جنون، تتر تال ڪرن،
  رڌيون پڪيون ڪونجڙيون، اُڏايو وڃن.

**248.رن نه رلي، ته ماريو چو پلي. (چوڻي)**

عورت جو مرد ڏانهن ڇڪجي اچڻ ۽ مرد جو عورت ڏانهن ڇڪجي وڃڻ، هڪ فطري تقاضا تحت آهي. قدرت واري، ٻنهي جو امتحان وٺڻ لاءِ منجهن اها ڪشش رکي آهي. جيڪڏهن اها ڪشش ڪنهن هڪ ڌر ۾ نه هجي ها ته جهان نه هلي ها. انهيءَ ڇڪ ۾ اڳرائي ڪرڻ واري ڪي، آزمائش ۾ وڌو ويو آهي. عورت جو اصل مَسڪن، گهر جي چوديواري آهي. مرد جو تعلق ٻاهر واريءَ دنيا سان آهي. هڪ عورت پنهنجي دنيا مان نڪري مرد جي دائري / جهان ۾ ايندي ته خلل پيدا ٿيندو. مرد کي ڪڏهن به جرئت نه ٿيندي آهي ته اڳرائي ڪري ۽ عورت جي زندگيءَ ۾ ٽپي پوي. اها عورت ئي آهي جنهن وٽان گرين سگنل ملڻ ڪان پوءِ، مرد ميدان ۾ ڪُڏي پوندو آهي. جڏهن ته مرد جي هزار جتن ڪرڻ جي باوجود عورت پنهنجي ضد تان ترَ جيترو به ٽڙي نه سگهندي آهي.

مطلب:

- مرد چڙهي جي چوٽ، عورت لاهيس ساڻ اشاري،
  آهر ڪيڏو به آتاري، عورت نه لهي ڊِڪيءَ تان.
- رن رُلي ته پُلي، مرد رُلي ته کُلي.

**249.روهڙائي روهه تي، ننديا وڏا ڊوهه تي. (چوڻي)**

روهڙيءَ جو علائقو، اروڙ جي ويجهو آهي. ڪنهن لڳا، اروڙ ۾ راجا ڏاهر جي حڪومت هوندي هئي. حڪومت جي واڳ حاصل ڪرڻ لاءِ، اُن علائقي ۾ ڏاڍي رساڪشي ٿيندي هئي. روهڙيءَ جي روهه (جبل) تي رهندڙ، حڪومت جي واڳ هٿ ڪرڻ لاءِ، ڊوهه به ڪندا هيا. سندن ڊوهن / سازشن سبب، اروڙ تباهه ٿيو. جنهن بعد اها چوڻي مشهور ٿي وئي.

روهڙيءَ وارن لاءِ ٻي روايت به مشهور آهي.

آڳاٽي دؤر ۾ روهڙيءَ جا رهاڪو روهه تي رهڻ سبب، پٿر پنهنجي پڪڙن ڏانهن ڊوئيندي ڏسڻ ۾

ايندا هيا. جنهن سببان مشهور ٿي ويو: "روهڙائي روهه تي، ننڍا وڏا ڊوءَ تي."
روهڙاين لاءِ هي به مشهور آهي:
روهڙيءَ جا مومن، روئڻ جا به ٽڪا، روئارڻ جا به ٽڪا.

**250.شڪارپور شهزادي، اڇي نر ٿئي مادي. (چوڻي)**

شڪارپور شهر، واپار جي ڪري مشهور هيو. جنهن ڪري جيڪو به هتي، نر وانگر خالي پيٽ / ڪُکِ سان آيو، ماديءَ وانگر ڀريل پيٽ / سائي ڪُکِ سان موٽي ويو.
مطلب:
شڪارپور شهزادي، وڃي نر ٿئي مادي.

**251.شڪارپور شهزادي، ڏيهان ڏيهه مشهور. (چوڻي)**

شڪارپور، سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي موجود، شڪارگاهه واري هنڌ تي دائود پوٽن جو اڏايل شهر، سکر شهر جي متان بولان لڪ واري رستي تي واقع آهي. سڄي سنڌ هند توڙي ست سمنڊ پار، واپار جي لحاظ کان مشهور هئو. هتان جا واپاري سڪيا ستابا ۽ جڳ مشهور هئا. سندن ڪاروبار، ڏيهان ڏيهه ڦهليل هيو. جنهن سببان سندن، سڄي جڳ ۾ هُنڊيون هلنديون هيون. انهيءَ ڪري شڪارپور شهر کي گهڻي مقبوليت حاصل هئي.

**252.شڪارپوري نيت بري، ڏيکارين پاڄهر ڏين ٻري. (چوڻي)**

شڪارپور جي واڻين جو واپار، ڏيساور سان هلندڙ هيو. واپار جي لحاظ کان وڏا چالاڪ هيا. منڙو منڙو ڳالهائي، سادي شيءِ به اوچيءَ واري اگهه ۾ هٽي ويندا هئا. جنس اُچي مال جي ڏيکاري، سارو مال ڪٽائي ڇڏيندا هيا. آخر تائين ماني تہ چا چانهه به نہ پيارينداهيا. اُتڻ مهل فقط صلاحيندا هيا تہ: "چانهن پي وڃو!" جيڪڏهن ڪو ضد ڪري ويهي رهيو تہ چوٿاڙ ڪوپ چانهه جو ڪَهُرائي ڪيس پياريندا هيا. چوٿي ۾ اڌڙ چانهه جي ڪوپ جو رواج، اڄا به هوٽلن تي آهي.
اُن کان علاوه، غلط العوام ۾ هينيون به چوڻيون به شڪارپورين لاءِ مشهور آهن.

- شڪار پوري، نيت بُري، ڏيکارين گجر، ڏين موري.
- شڪارپوري، نيت بُري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇُري.

**253.صبح مردان سان، الله نبيءَ جو نالو ڳنهجي. (چوڻي)**

شڪارپور، واپارين جو شهر هيو. هتان جا واپاري، صبح جي وقت وڏو ڌيان رکندا هيا. سندن عقيدو هيو: صبح چڱو ٿيو تہ ڏينهن چڱو گذرندو. صبح بُرو تہ سڄو ڏينهن ڪِرڪِرو ٿيندو ۽ پئي برائي هلندي.
اهو ئي سبب آهي جو صبح جو بيا ڪم ڇڏي، الله نبيءَ جو نالو ڳنهڻ کي ترجيح ڏيندا هيا. ڪنهن سان به ٻاڙو نہ ڳالهائيندا هيا. صبح سان يڪدم واپار وارو ڪم نہ ڪندا هيا. متان گراهڪ جي غلط رويي سبب، اُتان ڪا ڪچي ڦڪي وائي نڪري وڃي ۽ پوءِ سارو ڏينهن ٻاڙا ٻول ٻُڌڻا پون.
هر ڪنهن کي چڱن ٻولن ٻولڻ جي نصيحت بہ ڪندا رهندا هيا!
مطلب:

- جنهن اُيرندي تاءُ نہ ڪيو، سو لهندي ڇا ڪندو؟

**254.صبح مردان سان، واتان ڪيڄي چڱي وائي. (چوڻي)**

واپاري قسم جا ماڻهو صبح مردان جو چڱي وائيءَ ڪي، ڏنڏي جي سلسلي ۾ چڱو سئوڻ سمجهندا آهن. هونئن به چڱو ڳالهائڻ هر ڪنهن کي پيو موهيندو آهي. ايستائين جو دشمن به چڱو ڳالهائڻ ڪان پوءِ دوست ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ڪِنو ڳالهائڻ ڪنهن کي به ڪين وڻندو آهي. دوست به ڪني ڳالهائڻ يا ويڻ ڏيڻ سان دوستي ڇني ويندو آهي.

مطلب: صبح مردان سان، چڱي واتان وائي بول.

## 255.علم، انسان جي ٽين اک. (چوڻي)

انسان کي دنيا ۾ ڏسڻ لاءِ خدا تعالي به اکيون عطا ڪيون آهن. ڏسڻ، ڇهن (6) حِسن مان هڪ حِس آهي. انهيءَ حِس ذريعي به ماڻهوءَ کي معلومات ملي ٿي. خاص طور تي اکري علوم جي. جڏهن اکري علم، ماڻهو حاصل ڪري ٿو، تڏهن سندس ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي سگهه وڌي ٿي وڃي.

جنهن کي علم ناهي، تنهن کي ظاهري اکيون به ايترو فائدو نه ٿيون ڏين. بنا اکين واري کي به علم سبب، تمام گهڻا فائدا پون ٿا. علم انسان کي فرش تان کڻي، عرش تائين رسائي ٿو.

مطلب:

- علم واري جو علم، بي علم جي چمار.
- علم وارو، ڪٿي به بُک نه ٿو مري.
- بي علم ماڻهو، سُڪل وڻ جي برابر آهي، منجهانئس ٻين کي ته نهيو پر پاڻ کي به فائدو نه ٿو پوي.

## 256.قِقڙ نه گوشت، ڪافر نه دوست. (پهاڪو/ چوڻي)

جيئن قِقڙ، جسم جو اهم حصو هوندي به، اوجهريءَ وانگر ڪائڻ ۾، ٻئي گوشت جهڙو سواد نه رکندو آهي. تيئن ڪافر يا انڪاري قسم جو ماڻهو، دوست هوندي به دوستن جهڙو ورتاءُ نه ڪري سگهندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو قِقڙ يا اوجهريءَ جي قيمت موجوده دور ۾ به پندرهن روپيا ڪن آهي. جڏهن ته منجهانئن رڌل ٻوڙ مان آڪهه به ڍؤ ڪري سگهي ٿي. اُن جي برعڪس مغز منجهان هڪ اڌ ماڻهوءَ لاءِ ٻوڙ نهي سگهي ٿو، پر سندس قيمت اوجهريءَ يا قِقڙ جي قيمت ڪان ٻيڻي آهي.

اهڙيءَ طرح ڪافر يا انڪاري ماڻهو، مائٽ هوندي به دوست نه ٿي سگهندو آهي. ساڻس ڪير به واسطو رکڻ پسند نه ڪندو آهي. اهڙي قسم جي ياريءَ ڪان هرڪو ونءُ ويند آهي.

مطلب:

- قِقڙ نه گوشت، واڻيو / واپاري / دڪاندار نه دوست.
- اوجهري نه گوشت، سپاهي نه دوست.
- قِقڙ نه گوشت، سپاهي نه دوست.

## 257.ڦيري رک فقير، هٿ پنهنجي هانو تي. (پهاڪو)

ٻئي کي تڪليف، وسئون ويندي نه ڏجي. چڱي ماڻهوءَ جو ڪم آهي ته ٻئي تي وزن وجهڻ ڪان اڳ، پنهنجي دل تي هٿ رکي ڏسي ته پاڻ اها اتڪليف برداشت ڪري سگهندو يا نه؟

جيڪو ماڻهو پاڻ ڪنهن تڪليف مان نه گذريو آهي، ان کي ٻئي جي تڪليف جو احساس نه ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو مڙئي مذهب تپسيا ڪرڻ واري تڪليف جو ڏسُ ڏيندا آهن. انهيءَ سان سني سلوڪ جو سليقو سکي ونجي ٿو.

مطلب:
ٻئي جي حال تي نظرثاني ڪرڻ کان پنهنجي هيانءَ تي هٿ رکي ڏسڻ ضروري آهي.

**258.ڪاٽي سڏي سڄيءَ کي: "اڙي او انڌي!"**
**ليس هريڙ نہ هٿيرِ، ڪنيو وٺي ڪنڌي. (پهاڪو)**

ٻئي جو عيب، هميشہ عيبدار کي نظر ايندو آهي. جنهن ۾ عيب ناهي اهو ٻين جا عيب، نہ جاچيندو آهي ۽ نہ ليندو آهي. ڏوهي ماڻهو ئي گلا خور هوندو آهي. اُهو پنهنجي عيب کي، ٻين جي عيب جوئيءَ سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اها خبر ڪيس تڏهن پوندي آهي، جڏهن اُهي گلا ۽ عيب جوئيءَ وارا عيب، منجهس گهر ڪري ويندا آهن.
چڱو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين جي خوبين تي نظر رکي ۽ پنهنجي عيبن تي. انهيءَ سان پاڻ کي عيبن کان آجو ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندو ۽ ٻين جي چڱن اخلاقن مان متاثر ٿي، متن عمل بہ ڪندو.

مطلب:

- مينهن تي چوي ڳئونءَ کي: "هل ڙي هل! پُڇ ڪاري".
- مينهن سڄي ڪاري، رڍ کي چوي: "ٻوت- ڪاري".

**259.ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ هٿ ڪاري جا ڪارا. (پهاڪو)**

ڪوئلن جي دلالي، بماشبہ ڪُڏي فعل جي آهي. منجهس ماڻهو ڪيترو بہ پاڻ بچائي پر هٿ ۽ منهن ڪارا ضرور ٿيندا. غليظ فعل کان پاسو ڪرڻ ئي بهتر آهي.
ماڻهوءَ جي حيثيت، پنهنجي ماحول سان هوندي آهي. ڪمي / ڪاسبي ماڻهن سان، سندن ڪسب سبب ڪير گڏ ويهڻ بہ پسند نہ ڪندو آهي. عطر فروش سان ويهڻ وارو، جيڪڏهن عطر خريد نہ ڪندو تہ خوشبوءِ ضرور حاصل ٿيندس. لوهر وٽ ويهڻ وارو لوهہ خريد نہ ڪندو تہ بہ چڻنگون/ دونهون ضرور ڪپڙن تي ڪرندس.

مطلب:

- صالح جي صحبت، توکي صالح ڪندي،
  طالح جي صحبت، توکي طالح ڪندي.
- چڱن سان چاهہ پئي، جي من ميڙُ ڪيئي،
  رڱجي تہ لال ٿيندو، نہ تہ ڪڪوربو تہ سهي.
- چورن سان چاهہ پئي، جي من ميڙُ ڪيئہ،
  پوندو تہ ڪاٺِ، نہ تہ ڪونائبو تہ سهي.
- لوهارن کي لڳيون، چڏن ۾ چڻنگون.

**260.لال نہ لوءِ، هڪڙا اڳي هڪڙا پوءِ. (پهاڪو/ چوڻي)**

هندو ڌرم وارن وٽ، پڳڙين، پرچاڻي وقت، رسمي طور ائين چيو ويندو آهي. جيئن مسلمان، فوتي تي عذر ڏيندي چوندا آهن: "ادا! جيئن ڌڻيءَ جي مرضي / رضا!" يا "جيڪو ڌڻيءَ جو حڪم!"
اهڙيءَ طرح، پرچاڻي وقت هندو ڌرم وارا، مري ويل جي وارثن سان عذر ڪندي، هٿ جي اشاري سان چوندا آهن: "لال نہ لوءِ، هڪڙا اڳي بيا پوءِ".

موت لاءِ گهڻا ئي پهاڪا ۽ چوڻيون مستعمل آهن، جيئن:

- موت جو ذائقو، هر ساهواري کي چکڻو آهي.
- اجل، اٽل آهي.
- موت، هر حال ۾ اچڻو آهي.
- دنيا فاني آهي، هڪ ڏينهن ڇڏڻي آهي.
- موت سِي ڪسي ڪو رستگاري هي،
  آج تُم، ڪل هماري باري هي.

**261.“ماما ولو! مينهن ڏي!” چي: “حاضر بابا! عيد تي.” (پهاڪو)**

ولي محمد نالي، ڪارڙي رنگ جو همراهه، شهر جي مينهن جو کيرِ چاريندو هيو. گهر گهر جي مينهن چارڻ سبب، سمورو شهر کيس سڃاڻيندو هيو. جنهن سبب سيڪو ساڻس خوش- مذاقي ڪندي چوندو هيو: “ماما ولو! مينهن ڏي!” پاڻ بہ موٽ ۾ چوندو هيو: “حاضر بابا! عيد تي.”

ڪن ماڻهن تہ عيد ڏينهن بہ چيس: “ماما ولو! اڄ عيد آهي، اڄ تہ مينهن ڏي!”

“عيد وئي! عيد ڪتي آهي!؟” ولي محمد، ساڳيءَ اک جي پڪائيءَ سان چوندو هيس: “نماز پڙهيسين. عيد گذري وئي. وري بہ عيد تي!”

مطلب:

- انڪار جو انڪار ڪرڻ ۽ جند بہ ڇڏائڻ.
- پڇندو بہ وڃجي، رهائيندو بہ وڃجي.
- گُڙ نہ ڏجي تہ گُڙ جهڙي ڳالهہ ضرور ڪجي.

1. **مڏي وڍي تکيءَ کي، تکيءَ کهڙو تاءُ. (پهاڪو)**

مُڏي ڪاتي ڪنهن بہ شيءِ کي وڍڻ جي ڪم نہ ايندي آهي. جڏهن تہ تکو اوزار وڍڻ جي ڪم ايندو آهي. ماڻهو تہ تکو چڱو، مُڏو بيڪار آهي. گهوڙو يا وهٽ بہ تکو چڱو، ڍلو بيڪار آهي.

اُن جي ابتڙ، مُڏي تکيءَ کي وڍي وجي تہ پوءِ تکيءَ رکڻ مان ڇا فائدو. تنون، تازيءَ کي وک ماري وجي تہ پوءِ تازي ڏارڻ مان ڇا فائدو؟

مطلب:

- تکڙ چڱي ناهي، تکائي چڱي آهي.
- پيٽيو:

**262.نر ننگو، ناري لڄ. (چوڻي)**

هڪڙو شهزادو هڪ گهٽيءَ مان لنگهيو تہ هڪ در تي سهڻي عورت ڏٺائين. ڏسڻ شرط مٿس عاشق ٿي پيو. عورت حياءَ کان يڪدم اندر هلي وئي. مرد پاڻ نہ پلي سگهيو، ريءِسڏيو، سندس پويان گهر ۾ گهڙي پيو.

عورت گهر ۾ هڪڙي ننيڙي بار سان ترسيل هئي. مرد ماڻهو گهر ۾ ڪين هيس. غير مرد کي گهر ۾ آيل ڏسي، چيائينس: “مون توکي اندر اچڻ جو اشارو بہ نہ ڏنو آهي. پوءِ ڪيئن اڻ پڇيو گهر ۾ گهڙي آئين؟”

“مان ڏسڻ شرط توتي عاشق ٿي پيو آهيان.” مرد دليل ڏيندي چيس: “تو لاءِ پاڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.”

“عورت ڪي، مرد کان چاليهه پيرا گهُرج وڌيڪ آهي”. عورت دليل ڏيندي چيس: “تنهن هوندي به مان صبر سان گهر ويني آهيان ۽ تون لوڙها لتاڙيندو ٿو وتين!”

“مان پاڻ نٿو پلي سگهان!” مرد وراڻي ڏنيس.

“عورت کي لڄ آهي، مرد اُبهرو آهي”. عورت رهڻ ڏيندي چيس: “اُن کان اڳي جو منهنجو مڙس پهچي، هتان هليو وڃ! نه ته ڏاڍو خوار ٿيندين”.

مطلب :

- مرد جي سونهن، مردانگيءَ ۾، عورت جي سونهن حياءَ ۾ آهي.
- **پيٽيو:** رن نه رلي، ته ماريو چو پلي.

**263.نما شام جو، ڪين ڪجي ڪو ڪروڌ. (چوڻي)**

شام کان پوءِ رات جو وقت آهي. رات کي آرام لاءِ خلقيو ويو آهي. آرام تڏهن ڪري سگهبو، جڏهن بنا ڪنهن ڳڻتيءَ جي، سڪون سان، بستري تي وڃي ليٽبو. ڳڻتيءَ کان اهو بچيل رهندو، جيڪو ڪروڌ کان پري هوندو.

اُن مهل ڪروڌ ڪرڻ، ان ڪري به غير ضروري آهي جو هر ڪو الڪو پلي وڃي سمهي ٿو. ويڌن وارو پاسا بدلائيندو رهي ٿو. سيني جي سمهڻ سبب، سندس انهيءَ ڪيفيت جو ازالو به اوڪو ٿي وڃي ٿو. دل ۾ طرحين طرحين جا خيال اچنس ٿا، جن منجهان نتيجا خراب نڪرن ٿا.

مطلب:

- الله ﷻ ۽ رسول ﷺ به، خير ۾ راضي آهن.
- ڪروڌ مان ڪير به راضي ناهي.

**264.وِٿِ پئي، پِٽِ پئي. (چوڻي/ پهاڪو)**

پهرين ملڪيت تي تڪرار ٿيندو آهي، پوءِ دلين ۾ ڇتنگ جاڳندي آهي. دور ٿي دل کي ساڙيندي آهي. دل ۾ لڳل باهه دنيا جي پاڻيءَ سان ڪين وسامي سگهندي آهي. ان جو ازالو پري رهڻ سان ٿيندو آهي. پري ٿيڻ لاءِ وچ ۾ مفاصلو هئڻ ضروري هوندو آهي. ان سان ئي سک ملندو آهي.

دل ۾ پيل وٿيءَ سبب، جاين ۾ ويريون پئجي ويندون آهن. هڪ آدم جو اولاد هوندي، پاڻ ۾ پيائر ئي نه لڳندا آهيون.

مطلب:

- جو چُلهه تي سو دل تي، جو چُلهه کان دور، سو دل کان دُور.

**265.وڏيرا ڇني پئي اٿئي، ڦيري رک ڦلپوٽن تي. (پهاڪو)**

اڪثر راجن منجهه رواج هوندو آهي ته وڏيري مٿان پيل ڇٽي، راڄ پريندو آهي. ڦلپوٽن جي وڏيري تي ڇٽي پئي، منجهن ساڳيو رواج هيو، جنهن سبب وڏيرو پريشان ئي نه ٿيو. سندس پُر سڪون رهڻ تي هڪڙي همراهه سبب پڇيو. ڪيس ٻڌايو ويو: ”وڏيري جي گهران، ڪجهه وڃڻو ناهي. راڄ کي ڦوڙي ڪري ڏنڊ پرڻو آهي، تنهنڪري وڏيرو پريشان ناهي“.

مطلب:

- مٿي تي رکيل وزن، آخر پيرن تي ايندو.
- ڌوٻيءَ جي گهران وئي شوو، ڪپڙو ڦاٽو مالڪ جو.

**266.وقت تي گڏهه کي به بابو / ڳابو چئبو آهي. (پهاڪو)**

پريشانيءَ وقت ڪم ڪڍائڻ خاطر، ادنيٰ ماڻهوءَ جي خوشامد ڪرڻ ۾ حرج ناهي. مطلب خاطر، اڳلي کي ماڻُ ڏيڻ سان لهي نه وڃبو. پاڻ کي منجهيل نه رکڻ لاءِ بهتر آهي ته رويي ۾ لچڪ آڻجي. ضد سان مسئلو حل ٿيڻ بجاءِ گنجرندو آهي. پاڻ کي موڙڻ سان سڪون حاصل ٿئي ٿو.
مطلب:

- وقت تي وڏائيءَ کي ڀن وجهي، هيناهين هلت هلڻ گهرجي.

**267.هل هلندن جي ماڳ، منزل ڪٿي ڪين. (پهاڪو)**

هيءُ جهان، ايندڙ ويندڙ جو ماڳ آهي. هڪڙا وڃن پيا، ٻيا اچن پيا. ڪنهن کي به ٽڪاءُ / بقاءُ ڪونهي. ڪوبه ٺُڪَ ناهي ويهي نه رهيو آهي. ملڪ الموت ڪان، ڪوبه گوهي ڏئي لڪي ويهي نه رهيو آهي.
دنيا ۾ ڪنهن کي به منزل نه ملي آهي. نه ئي وري دنيا ڪنهن کي راس آئي آهي. وڏي هام هڻڻ وارا به هڪ ڏينهن ابول ڪري، هٿين خالي هليا ويا. سڀ ڪجهه ڦٽي ڪري ويا. اڄ تائين مري ويل جو ترڪو ته شما ر ٿي سگهيو آهي، پر اڳئين جهان ۾ ساڻ ڪٽي وڃڻ واري مال جي ڪنهن کي به خبر ناهي.
دنيا خواب مثل آهي. اک ڇنڀ ۾ فنا ٿيڻي آهي. رٿيون رهجي وڃيون آهن. سڀ ڪجهه فنا ٿيڻو آهي. رهندو نامِ: فقط الله جو.
مطلب:
هڻ هٽندن جي ماڳ، منزل ڪُٿي ئي ڪانه.

# ماٽيلي / اوڀاوڙي جا پهاڪا ۽ چوڻيون

(پروفيسر محمد فاضل شيخ صاحب وٽان حاصل ڪيل)

“ماٽيلي اوڀاوڙي جي ٻولي”، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ طرفان سال 1992ع ڌاري ڇپيل ڪتاب، سائين محمد فاضل شيخ جو تصنيف ٿيل آهي. منجهس انهيءَ علائقي سان لاڳاپيل ڪيترائي پهاڪا ۽ چوڻيون ڏنل آهن.

گهڻي وقت کان ارادو هو ته انهن پهاڪن /چوڻين کي ترتيب ڏئي، وضاحتن سان مضمون طور لکجي، پر ڪن پهاڪن / چوڻين جي وضاحت جي ضرورت هئي. جنهن ڪري مصنف سان روبرو ملڻ ضروري پئي سمجهيم. ساڻس ڏيٺ ويٺ نه هئڻ ڪري تاخير ٿيندي رهي.

هڪ ڏينهن منهنجو اسسٽنٽ انجنيئر محمد عثمان ڪوسو، ڪنهن دوست سان موبائل فون تي ڳالهائي رهيو هو ۽ ڪيس چئي رهيو هو: “مان سکر ٿو وڃان! اتي سائين محمد فاضل شيخ صاحب جي پٽ جي شادي آهي! اها اٽيند ڪرڻي آهي.”

سائينءَ جو نالو ڪَنَ تي پوندي ئي ڌيانهنس توجه ڇڪجي ويو. يڪدم سائينءَ بابت ڪانئس پڇيم. سندس جواب مان معلوم ٿيو ته سائين بلڪل اهو ئي فاضل شيخ آهي، جنهن سان ماٽيلي / اوڀاوڙي جي پهاڪن / چوڻين بابت ملڻ جي ضرورت هئم.

سائينءَ سان پهرين فون تي رابطو ٿيو. ڏاڍيءَ سڪ سان سکر اچڻ جي دعوت ڏنائين. سکر هاءِ ڪورٽ ۾ سڏ هو. جنهن ڪري ڏهين آگسٽ 2004ع تي پنهنجي ڪلارڪ عبدالرشيد شيخ جي معرفت، سائينءَ جي بنگلي تي وڃي پهتس. شام جو ساڍي ستين کان رات جو ٻارهين بجي تائين، بجليءَ جي اڪبوٽ ۾، ڪچهري هلي. سيد احمد شاهه عرف استاد بخاريءَ وانگر، سائينءَ جي گهرو يا مادري زبان سرائڪي آهي. ڏهرڪيءَ جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتائين. سال 1954ع ڌاري تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. سال 1965ع ڌاري ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشوري ۾ آيو. جتي پنج سال ڪن، گڏيل پاڪستان جي مختلف ٻولين ۽ مضمونن وارا 28 ڪن ڪتاب ترجمو ڪيائين. پنهنجي محسن دوست محرم محمد صالح راهوءَ جي زور پرڻ تي، سال 1969ع ڌاري پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري، سنڌيءَ جو ليڪچرار ٿيو ۽ سکر ۾ پوسٽنگ ٿيس، جتان رٽائر ڪيائين.

سکر واري ايامڪاريءَ ۾ به ڪيترائي درسي ڪتاب ترجمو ڪيائين. ان کان علاوه “اصغر سائينءَ جو ڪلام” به تحقيق ڪري تشريح سان ترتيب ڏنائين، جيڪو جميعت علماءِ سڪندريه جامعه راشديه درگاهه حضرت پير صاحب پاڳاره پير جو ڳوٺ طرفان چوٿين ايڊيشن طور سال 1999ع ڌاري ڇپيو آهي.

پهرين ملاقات دوران، ڪتاب ۾ آيل ڪن پهاڪن / چوڻين جون وضاحتون معلوم ٿيون. ڪجهه نوان پهاڪا / چوڻيون لکيل پنن تان پڙهي ٻڌايائين. ٻي ملاقات ٻيءَ شنوائيءَ دوران، ستين سيپٽمبر 2004ع تي رات جو نائين بجي کان ٻين بجي تائين هلي. ستر سالن جي هن ڪراڙي مڙس، نوجوانن وانگر وڏي هوشناڪيءَ سان لکيل پنن تان رهيل پهاڪا ۽ چوڻيون پڙهي ٻڌايا. هر هڪ بابت زباني وضاحت پڻ ٻڌايائين. اهي سمورا پهاڪا / چوڻيون، الفابيٽ جي ترتيب سان پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا.

**268.آڱر ۽ آڱوٺي ۾ روٺي آهي. (پهاڪو)**

چارئي آڱريون: چيچ، ٻاچ، وچين ۽ ڏسڻي، پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح جڙيل آهن، جو جڏهن هٿ کولبو آهي ته سندن رخ هڪ طرف ۽ آڱوٺي جو ٻئي طرف هوندو آهي. گراٺ ۽ ٻاڪ هٿڻ لاءِ به آڱوٺي جي ابتي رخ سبب، ماڻهن ۾ مدد ملندي آهي.

مطلب:

- ساڳئي خاندان جا فرد طبعًا، مزاج ۽ مال ملڪيت / ورثي مطابق، هڪٻئي کان جدا نظر ايندا آهن.
- پنج ئي آڱريون برابر ناهن.

**269.آنڊا ڪنهن کي ڪؤڙا آهن؟ (چوڻي)**

آنڊا: ڄڻيو اولاد، هر ڪنهن کي پيارو آهي. خونخوار جانور به ٻچن کي ڪين ماريندا آهن. هتائين انهن کي پالي وڏو ڪرڻ لاءِ جتن ڪندا آهن.

رڍ ۽ اولاديو، اولاد جي سِڪ ۾ ڳريو پيو ويندو آهي. اولادي، اولاد کي پالڻ جي هڻ وٺ ۾ مشغول هوندو آهي.

اولاد لاءِ، هر ساهدار جي دل ۾ اڻ لکي محبت ڇُپيل هوندي آهي. دل نرم هوندي اٿس ۽ متس ڪوسو واءُ سهڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي.

جيڪو اولاد جي نعمت کان محروم آهي، سو رحم واري دل کان پڻ محروم آهي. ان جي برعڪس، اولاد واري کي ٻين جي ڄڻيي اولاد لاءِ به دل ۾ مِهر هوندي آهي.

مطلب :

- اولاد سڀڪنهن کي پيارو آهي.

**270.ابو، امڙ تي وريام. (پهاڪو)**

مڙس ڀلي ٻاهران مار کايو اچي پر گهر ۾ زال تي رعب ضرور هلندو اٿس. عورت ويچاري ڪمزور ۽ نازڪ هئڻ سبب، ساڻس مهاڏو اٽڪائي نه سگهندي آهي.

جنهنڪري متس الريو الريو پيو ايندو آهي. زال ڪيڏي به سهڻي هجي، مڙس ڪهڙو به ڪِرڙين ڪاڏو هجي، عورت تي رعب ضرور هلندس. ٻاهران ڪمائي اچڻ جو وارو ٿيو.

مطلب:

- عورت تي مرد جو حڪم هلندو آهي.
- بابو، امڙ لاءِ بهادر يا سخت گير آهي.
- مڙس جو رعب، فقط زال تائين هلندو آهي.

**271.اوٻاوڙي جي ٻولي : ڏيڍي ۾ نڪريون. (چوڻي)**

اوٻاوڙو جغرافيائي لحاظ کان سنڌ، پنجاب، بلوچستان جي سرحد تي ۽ هندوستان جي رياست جيسلمير جي ويجهو آهي. سرائڪي، پنجابي، بلوچي ۽ سنڌي ٻولين جي گڏيل اثر کان علاوه، علائقائي لهجن جي فرق ۽ ڦير سبب، اتان جي ٻولي ڇڱي خاصي بگڙيل آهي. ان کي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ دقت ٿئي ٿي. جنهن سببان اتي مروج لهجي (dialect) بابت عام راءِ اها آهي ته ڏيڍي ۾ ڪڙڪندڙ نڪرين وانگر سمجهڻ ۾ تڪليفده آهي.

مطلب :

- اوٻاوڙي جي ٻولي، سمجهڻ ۾ ڳالهائڻ ڏکي آهي.
- بروهڪي/ جتڪي ٻولي، دٻي ۾ نڪريون.

**272.اٺ جو پويون آسڻ، سهنجو (چوڻي/ پهاڪو)**

اٺ، سواريءَ طور پڻ ڪتب ايندو آهي. متانئس ٻه سوار، هڪڙو توهي جي اڳيان ۽ ٻيو توهي جي پنيان ويهي سگهن ٿا. وڏو وهٽ هئڻ سان گڏ، سندس ڪاٻه ڪَلَ سڌي ناهي. جنهن سببان اڳئين آسڻ ۾ وينل سوار اهنجو ۽ پوئين ۾ وينل سهنجو هوندو آهي. ڊگهيءَ مسافريءَ يا صحرا جي سفر ۾، مسافر اٺ جي پوئين آسڻ ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن.

مطلب:

- وڏن ماڻهن يا آفيسرن جي اڳيان تيڻ سان مشڪلاتون پيش اينديون آهن.
- وڏن ماڻهن يا آفيسرن جي پويان هلڻ سهنجو ۽ سقلائتو هوندو آهي.

**273.اٺ جو لاڏ، ڪجائو ٽوڙي. (پهاڪو)**

اٺ، وڏو وهٽ ۽ اوکي بناوت وارو جانور آهي. متانئس بار ٻه ڊوئبو آهي ۽ سواري ٻه ڪبي آهي. سهنجي بار لاءِ ڪجائو، نه ته پاکڙو استعمال ٿيندو آهي. بار ڊوئڻ لاءِ ڪجائو الڳ قسم جو هوندو آهي ۽ سواري ڪٽڻ لاءِ الڳ قسم جو هوندو آهي.

جيڪڏهن اٺ لاڏ ۾ اچي ڪڏڪار ڪندو ته سواري يا بار ته ڪيرائيندو پر ڪجائو ٻه ٽوڙي رکندو آهي. تنهن ڪري ڪيس بود ۾ اچڻ نه ڏجي.

مطلب:

- وڏو ماڻهو يا ڏاڍو مڙس، انگل ٻه وڏو ڪندو آهي. جنهن سان وڏا نقصان پوندا آهن.
- وڏي ماڻهوءَ کي بود ۾ اچڻ جو موقعو فراهم نه ڪجي.

**274.اڍائي جهڳا مهتمن جا، نانءُ شاهه پور. (پهاڪو)**

شاهه پور ڳوٺ ۾، سمات قوم جي مهتم ذات وارن جا بلڪل ٿورا گهر آهن. ان جي بر عڪس شاهه جي معنيٰ تمام وڏو ۽ ڳوٺ جو نالو شاهه پويان آهي. جڏهن ڳوٺ جو نالو، آباديءَ جي حساب سان ابتو هجي ته ائين مثال ڏيندا آهن. نيڪراڻي پرسان ڳوٺ شاهه پور جي مهتمن لاءِ ائين ٿوڪ طور چوندا آهن.

مطلب:

- نانءُ ٻڙا، ديهه ٻيبران.
- نام ٻڙا، درشن ڇوٽا.
- اکين ڪان انڌي، نالو نورپري.
- اکين ڪان انڌو ، نالو روشن ميان.
- ڄاڻي اکر ٻه نه، نالو فاضل شاهه.
- رنگ جو ڪارو، نالو يوسف.

**275.اک اوڍر، پهاڙ اوڍر. (چوڻي)**

انساني اک آسمان جي وسعتن اندر، سمورين شين کي ڏسڻ جي صلاحيت رکي ٿي. شرط اهو آهي ته آڏو ڪا شيءِ رڪاوٽ طور نه اچيس. ٿوري ٻه اوڍر، وڏي پهاڙ سمان هوندي آهي.

مطلب:

- اک جي اڳيان وارو نظارو، آڱر اڳيان اچڻ، اک چنيڻ يا ٻوٽڻ سان به نه ڏسي سگھبو آهي.
- آنک اوجهل، پهاڙ اوجهل. (اردو)

**276.اک ڏئي مک، کير نه اُگردو آهي. (پهاکو)**

مک جي هڪ پَرَ ۾ حڪمت ۽ ٻئي ۾ بيماري آهي. گندگيءَ تي پلجي وڏي ٿيڻ پڄاڻان، جڏهن گھرن ڏانهن ايندي آهي ته کاڌي جي شين تي پڻ ويهندي آهي. ان وقت کاڌي ۾ پهرين اهو پَرُ هٽندي آهي، جنهن ۾ بيماري اٿس. اهو کاڌو کائڻ سان پيٽ جون بيماريون ٿيندون آهن. جڏهن ته مک ڏسڻ سان ئي ڪراهت ايندي آهي ته پوءِ جيئري مک کير اُگردو / گھندو؟

مطب :

- کير به پنهنجو ڏنو وائنو نقصان نه سهندو.

**277.اڳلي ڪون، پڇلي نهين پڇدي. (چوڻي/پهاکو)**

ساڳي منزل لاءِ ساڳي طاقت رکندڙ به سواريون، هڪبئي پنيان ساڳي تيزيءَ سان نڪرن ته لازمًا اڳتي نڪتل کي پوئين ڪين پڄي سگھندي.

مطلب :

اڳي جاول کان، پوءِ جاول، اڳ ڪين ڪڍي سگھندو.

**278.اگھاڙي ڪني، کانون هاب. (پهاکو)**

نڪر جي پاري يا چاڏيءَ کي ڪُني پڻ سڏبو آهي. اتو رکجيس ته پارو، ڏُڏُ يا لسي رکجيس ته چاڏي ۽ ٻوڙ رڌجيس ته ڪُنو سڏبو اٿس. بيوه عورت جو مثال به ٻوڙ واري اگھاڙيءَ ڪنيءَ وانگر آهي. متس ڪانءُ ۽ ڪتا پيا لوهون ڏيندا آهن. ڍڪيل هوندي ته ڪنهن جي به نگاهه نه هوندس.

مطلب:

- مڙس، عورت لاءِ ڍڪ آهي. مڙس جي مرڻ پڄاڻان، عورت اگھاڙيءَ ڪنيءَ وانگر آهي. جلد ئي کيس ڍڪڻ جي ڪوشش ڪجي ته بهتر.
- منائيءَ جو ٿانءُ ڍڪبو نه ته مکيون جهينگاري ڪِنُ ڪري ڇڏيندس.

**279.اگھه بازار، ٻوها پي جوار. (پهاکو)**

اَنُ، پيٽ پرڻ جو ذريعو آهي. پيٽ ڪتي کي، اَنَّ ڪانسواءِ پادر نه لڳي سگھندو آهي. اَنَّ جي کوٽ ٿيندي آهي ته سني بجاءِ خراب ۽ خراب بجاءِ ٻُوها، جوئر يا ٻاجهريءَ جي اَنَّ جا ٿُهه يا ڪاريون ڪلون، به اگھه ڪري وينديون آهن.

مطلب:

- ضرورتمند، ڪَسِي شيءِ لاءِ به چڱا پئسا ڏيندو آهي.
- جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو به درخت.

**280.“اگھه ڪنهن وڌو؟” چي: “جنهن جا ٻچا رات لنگھڻ تي ويٺا!” (پهاکو)**

جنهن جي گھر ۾ اَنُّ ناهي، تنهن جا ٻچا بک ڪاٽيندا. بک تي، نه ساري رات آرام ڪندا ۽ نه ڪرڻ ڏيندا. اولاد جي اهڙي صورتحال ڪنهن کان به برداشت ڪين ٿيندي آهي. لازمًا ٻچڙن جي پيٽ گذر لاءِ، مهانگو اَنُّ به خريد ڪري ايندو.

مطلب:

- مجبور ماڻهو ئي، سستي شيءِ جو وڌو اگهه ڀريندو آهي.
- "اگهه ڪنهن وڌو؟" چي: "جنهن جي نه سري!"

**281.اندو دوزخي، ٻوڙو بهشتي. (چوڻي)**

انڌو ڏسڻ جي سگهه نه رکڻ سبب، شڪ جو شڪار رهندو آهي. گمان هوندو اٿس ته سندس عيبن مان ٻيا فائدو وٺندي، ڪيس نقصان رسائڻ جي پويان آهن. نتيجتًا ڪنهن سان به نه پوندي اٿس. گمان جي دلدل ۾ ڦاسي، جيئري ئي پاڻ لاءِ جهنم ڪڙو ڪندو آهي.

ٻوڙو، ٻڌڻ جي سگهه نه هئڻ سبب، پاڻ مٿان ٽيل ٽنول تي، ٻين کي کلندو ڏسي، پاڻ به پيو کلندو آهي. انهيءَ ڪري ٻيا به ساڻس دل-پشوري پيا ڪندا آهن. ٻوڙو ٻين ۾ چڱو گمان رکڻ سبب، سک جي زندگي گذاريندو آهي ۽ جڻ جيئري ئي جنت ۾ هوندو آهي.

مطلب:

- عقل جو انڌو عذاب ۾، گلا نه ٻڌندڙ خوشين ۾ رهي ٿو.

**282.انڌي پيڪين پڳي نه پڳي جيهي. (پهاڪو)**

انڌي عورت جو نه ساهرن ۾ قدر نه پيڪن ۾. محتاجيءَ سبب ساهرا ته بيزار پر پيڪا به تنگ. نه پيڪا وڃڻ ۾ ارهاء نه ساهرا اچڻ ۾ خوش. پيڪين ويندي ته هتئين ساهرا خوش پيا ٿيندس.

مطلب:

- بيوقوف ماڻهوءَ جو ڪٿي به قدر ڪونه ٿو ٿئي.
- انڌي جهڙي پيڪين، تهڙي ساهرين.

**283.انڌي ڪرين خيرات، ول ول ڏيون آپڻيان ڪون. (پهاڪو)**

انڌن کي به وند ورهاست وقت پنهنجا ياد هوندا آهن. موقعو ملي وڃين ته اقربا پروري (nepotism) کان ڪين مڙندا آهن.

مطلب:

- انڌا ٻانٽي ريوڙيان، اپنون اپنون ڪو ديوي.
- فائدي واري ڪم لاءِ، انڌن کي به مت مائٽ نظر ايندا آهن.

**284.اڻ سهندا ٻار، اٺن پي اچليا. (پهاڪو)**

هر ماڻهوءَ ۾ ڪو نه ڪو ڳڻ، لياقت يا صلاحيت ضرور هوندي آهي. جيڪا ڪنهن حد اندر هوندي آهي. ان حد اندر عملي ڪارنامو سر انجام ڏيڻ سندس وس ۾ هوندو آهي. ان کان ٻاهر وس ۾ نه هوندو اٿس.

اٺ ٻنا ٻاٽيس جي، اٺن ڏينهن تائين صحرا ۾ هلي سگهي ٿو. ايڏي طاقت رکڻ جي باوجود، وت کان وڌو ٻار، اچلي هليو ويندو آهي.

مطلب:

- هر ڪو وت / وس آهر ڪم ڪري سگهندو آهي.
- بيوس ٻار، اٺن به ڇڏيا آهن.

**285.اڻ هوند تي لعنت. (چوڻي)**

نه هئڻ کان، هئڻ بهتر. اڻ هوند، ماڻهوءَ کان گهٽا ئي ڪتا ڪم ڪرايا آهن. چوريءَ / ڦُر کان وٺي بيحيائيءَ / فحاشيءَ تائين به. پنڻ جهڙو غليظ ڌنڌو به سڃائي ڪرائي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ڪفر ۾

ٻه سڄائي ڏکي ڇڏيندي آهي.
اهڙي اڻ هوند ۾، جنهن ۾ ماڻهو ڪفريه ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ٿئي، خدا تعاليٰ شل ڪنهن کي نه وجهي.
مطلب:

- صفا سڄائي ٻه چڱي ناهي.
- هوند تي هونگر آهي. (ابتڙ)

**286.اؤٽن جي قبرن تي، نه ڏئ نه چانءِ. (چوٽي /پهاڪو)**

اؤتو: ريءُ اولادي، اولاد جي نعمت کان محروم هئڻ سبب، احساس محروميءَ ۾ مبتلا هوندو آهي ۽ هر ڪنهن کي ساڙ جي اک سان ڏسندو آهي. مرڻ پڇاڻان، ڪير ٻه ڪيس همدرديءَ سان نه ڏسندو آهي. نه ڇٽيو اولاد هئس، نه ئي ڀين کي پنهنجو ڪيائين. ان ڪري قبر ٻه سڃي هوندي اٿس.
مطلب:

- مري ويو مردود، نه ڪفن نه درود.
- نامرد، بي درد.

**287.ٻڪئي جي ياچي هارجي پئي ته رکي ڪئوندو. (پهاڪو)**

سڃي پڇي ٻڪ واري کي، پيٽ ڀرڻ سان سروڪار آهي، ذائقي سان نه. پاجيءَ جو خيال اهو ڪندو، جنهن جي پيٽ ۾ اڳيئي ٻَلُ هوندو. ٻڪئي کي سواد، ذائقي ۽ مصالحي سان ڇا؟ هن کي ته رکي ماني ٻه ڪوفتن سمان لڳندي آهي.
مطب:

- ٻڪئي کي رکي روٽي، سيري کان سواد ۾ سوائي.
- ٻک نه پڇي گُنڊڻ، ننڊ نه پڇي اوجڻ.
- ٻڪئي کي ٻصر ٻه منا لڳندا آهن.
- ٻوک نه پڇي ٻاسي يات، نيند نه پوڇي ٽوٽي کاٽ.

**288.ٻارهين ڪوهين، گهر سُجهي. (چوٽي /پهاڪو)**

ٻارنهن ڪوهه يا چوويهه ميل وڏو پنڌ ناهي، جتي وڃڻ کان پوءِ ماڻهو پاڻ کي مسافر يا پرديسي سمجهي. پر گهر / وطن، اهڙي شيءِ آهي جو ايتري پنڌ تي ٻه روح موٽي پهچڻ لاءِ پيو ريلا ڏيندو آهي. ماڻهو دل ۾ ۽ زبان سان ٻه پيو چوندو: "جيڪر پَرَ هجن ته اڏامي وڃي گهر پهچان". رستي ۾ رج هجي، برسات پوي، ڦُر جو يا خونخار درندي جو ڀؤ هجي يا ڪاري رات هجي ته ٻه ماڻهو چوندو ته: پار ڪري گهر پيڙو ٿيا.
مطلب:

- گهر جهڙو سک ڪٿي ٻه ڪونهي.
- سؤ ڪوهه تي گهر سُجهي.
- پناڻ کان سنڌ ۾ پڇيائون: "لالا! وطن ياد آتا هي؟"

"ماڙا!لالي سي ڪيا پوڇتا هي؟" پناڻ تڏا ساهه پريندي ٻڌاين: "تمهارا گاڙي ڪري ڪوڪو! لالي ڪا دل ڪري وطن وطن!"

**289.ٻڪرين ۾ نهر پيو، ڪتي کي هنگڻ آيو. (پهاڪو)**

اڳي ٻڪرار / پنهوار، ٻڪرين جي سنڀال لاءِ، ڪتا ڌاريندا هئا. ڪتا ڏاڍا بهادر ۽ ويڙهاڪ هوندا هئا. نه ٻڪريءَ کي ڌڻ کان ٻاهر وڃڻ ڏيندا هئا نه ئي بگهڙ وغيره کي ڪا رڍ يا ٻڪري ڪڍڻ ڏيندا هئا. ڌڻ پهرائڻ وقت يا واڙ ۾ واڙجڻ کان پوءِ، متن پهرو ڏيندا هئا.

بزدل ڪتا ڪير نه ڌاريندا هو. بزدل ڪتو، ڪُتين جي ڪڍ وڃڻ سبب، وقت تي ڪم نه ايندو آهي. ڪتي کي قبضي به گهٽي ٿيندي آهي. بزدل ڪتي کي، بگهڙ وغيره ڏسي قبضي اجان وڌي ويندي آهي. بگهڙ جا پلي جندا منديل هجن، آرام سان ٻڪري واڙ مان ڪڍي هليو ويندو آهي. جندا ڪلندي ئي ٻڪريءَ کي ڦاڙي يا ڪلهي تي ورائي، رند وجائي پڇي ويندو آهي.

مطلب:

- نياڳي کي مانيءَ تي نڪهير اچي.
- نياڳي مگٽهار کي، گهور مهل ٿورو اچي.
- نياڳي جي ماني، ٿئي تي سڙي.

**290.ٻين سان پنج، يارن سان ڪيها پنج؟ (چوڻي)**

دوستي ياري رکڻ سولي، نباهڻ ڏکي. ڪس ڪسر ڪائڻ سان نيندي آهي پڪائي ڪرڻ سان ۽ ٽڪي ٽڪي جي حساب ڪرڻ سان ٽٽندي آهي. گرهه گرهه تي واهگرو ڪرائڻ وارو، سنگت کي بيزار ڪري وجهندو آهي. سنگت ۾ ليکو يا حساب سڌو رکجي ۽  حساب ڪتاب ۾ تنگي به نه ڪجي.

مطلب:

- دوستي، لهر لحاظ لهڻي.
- دوستيءَ قائم رکڻ لاءِ، قرباني ڏيڻ گهرجي.
- ٻين سان ته پنبئون پر يارن سان به پنبئون؟!
- ٻين سان ته نچ پر يارن سان به نچ؟!
- يارن سان ڪهڙا ليکا؟

**291.ياڱا پائيوارن لهڻا، توڙي هجن اڌ جا ڪانا. (چوڻي)**

دنيا ۾ واسطن وڙن، تعلق دارين ۽ ربط کان سواءِ زندگيءَ جو گاڏو گهلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. آزمائش به انهن جي آهي ۽ حياتي به انهن سان آهي. جنهن ڏينهن اهي ٽٽا، ان ڏينهن ماڻهو پاڻ ٽٽي پوندو. تعلقات به ڪن اصولن تحت قائم رهي سگهن ٿا. نه ڪنهن جو حق ڪائجي نه ڪنهن کي پنهنجو حق ڪائڻ ڏجي. حقدارن کي حق ملندو ته دل ۾ به محبت رهندي. ان جي برعڪس ڪنهن جي ڪک کي هٿ لائبو ته پنهنجي پُنگي به پجائبي. دلين ۾ نفرت پيدا ٿيڻ سان، زندگي به زهر ٿي ويندي.

مطلب:

- سنگت ۾ حساب سڌو رکجي.
- بخشش سَوَ سَوَ، حساب جَوَ جَوَ.
- نه پائر، ٿيون ليکو،

ليکو آهي چوکو، چوکي آهي پريت.

**292.ياڳو ڪوني چڙهي ڪجي، ورهائجي ڪنڌ ۾. (چوڻي)**

ڪنهن به ڪم جي ڀائيواري / شرڪت، لکيت واري انداز ۾ اصولن تحت، عام آڏو ظاهر ڪري ڪجي ته جيئن آخر ۾ ڇيني نبيري ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. ڀائيواريءَ ۾، هيٺ مٿانهيون به سامهون اينديون آهن. انهن کي ڪس ڪسر ڪائي ڪنڌ سنڌ ۾ نباهي ڇڏجي. هڪٻئي جي قشري نه ڪجي. ڪروڌ سان برڪت نه پوندي آهي. پر شراڪت تنڻ ڪان پوءِ ڪير ٻيو ڳنڍڻ لاءِ تيار به نه ٿيندو آهي.

مطلب:

- معاملا سر عام طئي ڪجن، نباهجن پلي لڪ چپ ۾.
- متي مائتي ڪوني تي چڙهي ڪجي، نباهجي ڪنڌ سنڌ ۾.

**293.پاءِ پائن جا، چچڙ ڪانون جا. (چوڻي)**

مينهن جي اوهه کي چنبڙيل چچڙ، ڪانون جو کاڄ ٿيندا آهن. ساماٽل ويائن جا وارث مٽ عزيز ئي ٿيندا آهن. رشتي ڳنڍڻ جو حق برادريس وارن جو وديڪ آهي. اهي نه ڳنڍيندا ته ڌاريا ڪهڙي مُنهن ڳنڍيندا؟ جيڪو پنهنجن کي نه ٿو وٽي، تنهن کي ٻيا ڪيئن ڪلهن ڪٽندا؟

مطلب:

- وڏائي، تڪبر ۽ آڪڙ چڱا ڪم ناهن.
- ٿائرن سان پاءُ تجي.
- ڇهڙن جون ونديون، ڇهڙا ڪٽندا آهن.
- پنهنجو ماري ڇانءَ ۾ اچلي، ڌاريو ماري اس تي اچلي.

**294.ڀڳي ٻانهن، ڳل سان ٻڌبي آهي. (پهاڪو)**

ڀڳل ٻانهن، ڪمزر هئڻ سبب، پنهنجي وزن تي ڏڪندي به ٽُٽندي به. لڙڪائڻ سان سور سجيهه ٿيندو. ڪٽڻي به پاڻ کي ئي پوندي، ٻيو ڪير ڪٽائي به ڪين سگهندو. جيستائين ٻانهن ساڳي جاءِ تي نهڪي لڳي وڃي تيستائين حفاظت خاطر، ڪپڙي جي جهولي ناهي، منجهس رکي ڳچيءَ ۾ لڙڪائي ڪٽي هلڻ ۾ ئي عافيت آهي.

مطلب:

- پنهنجي عضون /عزيزن /اولاد جا بار، پاڻ کي ئي ڪٽڻا آهن، ان ۾ ئي ڀلائي آهي.
- ڀڳي ٻانهن، ورائي ڳچيءَ ۾ لڙڪائبي آهي، ڇني نه ڇڏبي آهي.

**295.ڀڳي ڀڳي ڏونگري، تائين پاندي ڀجڻ لائق. (پهاڪو)**

ڏونگري: مُجَن ڪٽڻ واري توڙي، شڪل ۾ مهريءَ جي هڪ پاسي جهڙي، اردوءَ ۾ مگلي ۽ اتر سنڌ ۾ مهرلو سڏبو اتس. ڀجي پوڻ ڪانپوءِ به منجانئس ساڳئي ڪم واري صلاحيت خلاص نه ٿيندي آهي. البت هلڪن ڦلڪن پاندن (ٿانون) ڀجڻ جو ڪم ڏئي سگهندي آهي.

مطلب:

- مَلُهه، پلي بيمار يا ڪراڙو ٿئي پر ڪانئس انگ نه وسرندا آهن.
- هيٺو وڏيرو، ڪورين لاءِ قهار.
- مهري ڀُني، ته به پترن ڀجڻ لائق.

**296.ڀڳي جو ياڳو ڪونهي (چوڻي)**

ڪنهن بہ ڌنڌي /واپار مان، نفعي جو حصو ان کي ملندو آهي، جنهن جو منجهس مال، وقت ۽ جان لڳايل هجي. جيڪو حالتن کان ڊڄي، واٽ تان هٽ ڪڍي ڀڄي وڃي، تنهن کي منافعي مان حصو ڪين ملندو.

مطلب:

- حصو حاصل ڪرڻ لاءِ، سيڙپڪاري مڪمل طور ڪرڻي پوندي.
- ڀڄي ٽي پُٺي ڪانهي.
- ڀائيواري ڇڏي ويندڙ کي، منافعي مان حصو ڪين ملندو.

**297.تتي دانگي، دشمن ڀي نہ وڃي. (چوڻي)**

دانگيءَ کي چلهہ مٿان رکي، هينان باهہ ٻاري تپائبو آهي تہ جيئن مٿس ٿقيل لولو ڀچي ڪاچڻ لائق ٿئي. دانگيءَ جو تپڻ بمشابہ ماني پچڻ جي آهي. جڏهن مانيءَ پچڻ جو وقت هجي، ان وقت مهمان کي بنا مانيءَ جي نہ ڇڏجي. پوءِ ڀلي ڪٽي اهو دشمن ڇو نہ هجي. ڀلي يا سخي ميزبان جو اهو وڙ ناهي جو ويلي وقت تي مهمان کي ماني نہ ڪارائي.

مطلب:

- مانيءَ کان سواءِ ڪنهن بہ مهمان کي نہ ڇڏجي.

**298.تن گهرن جون ڪيهون ساڪان، ويچن پير تي ڪاون ڏاڪان. (چوڻي)**

ڪاروبار، ساک پت تي هلندو آهي. ڪار پت يا نيت پت بہ اهو قائم رکي سگهندو، جيڪو سوڙ آهر پير ڊگهيريندو. اوڌر ڪٽي حلوا ڪائڻ وارو، هڪ ڏينهن گهر بہ ڪپائي بيهي رهندو.

جيڪو پيريون پوڪي، ڏاکن جهڙا ڦل فروٽ وني ڪائيندو، سو بہ جلد پنهنجي ساک پت، قدر ۽ اعتبار وڃائي ويهندو.

مطلب:

- بوتي آهر ڪائجي.
- تن گهرن جون کهڙيون ساڪون، جيڪي وڪٽن پير ڪائين ڏاڪون.
- چيريءَ آهر، پير ڊگهيڙجن.

**299.ٽڪي کي جُتي بہ بار (پهاڪو)**

هر ساهدار کي، ڪٽڻ لاءِ پنهنجي جسم جو بار بہ، ڪافي محسوس ٿيندو آهي. پنڌ ڪرڻ يا ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٽڪ ٿيڻ سبب، ماٺهو بُت مان بہ بيڏار تي پوندو آهي. پيرن ۾ پيل جُتي بہ بار پئي محسوس ٿيندي آهي. پيرن مان لاهي اڇلي، ٿڪي ڪرڻ سان فرحت پئي ايندي.

مطلب:

غريب لاءِ پنهنجو پيٽ پالڻ بہ اهنجو آهي. ٻچا پالڻ، وڏو عذاب آهي.

ٽڪيءَ / ڏبريءَ تي ڇچڙ بہ گهٽا.

**300.پٽر پنهنجي جاءِ تي ڳورو آهي. (پهاڪو)**

پٽر جڏهن پنهنجي جاءِ تي پيو آهي تہ اتان ڪيس هٽائڻ ڏکيو آهي. اتان هڪ دفعو چرڻ کان پوءِ ڪيس هيڏي هوڏي چورڻ آسان آهي. چرڻ پرڻ سان سندس وزن گهٽجي تو وڃي. هڪ جاءِ تي رهڻ سبب ڳؤرو هوندو آهي.

ماٺهو بہ جيستائين پنهنجي پير تي بيٺو آهي، تيسين ڪيس هيٺ لاهڻ ڏکيو آهي. جڏهن راز

سليائين يا ٻين آڏو هڪ دفعو جهڪيو ته پوءِ وزن وڃائي ويهي ٿو. مانُ ۽ قدر ڪسجي وڃيس ٿو.
مطلب:

- دوستن جي در تي هر هر نه وڃجي. ان سان هلڪڙائپ ظاهر ٿي پوندي.

**301.پنيءَ پويان هٿ وريا ته پوءِ ڏک جي ڪهڙي پارت. (پهاڪو)**

ملهه وڙهڻ وقت، ٻَئي هٿ ٻِئي ملهه جي پنيءَ پويان ورائي، سندري ۾ وجهبا آهن، پوءِ پنهنجي سيني، ٻانهنِ يا ڄنگهنِ جي زور يا ملهه جي انگن / فن سان، اڳلي ملهه کي دسڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. راند ۾ هڪ جي هار ضرور ٿيندي. هٿ ڳنڍڻ کان پوءِ ڏک نه ڏيڻ جي پارت ڪرڻ عبث آهي.
مطلب:

- ڪم پلي ڪٿو ڪجي، هٿ مضبوط وجهجن.
- ميهار مينهن مان نڪتو، وڃن ڪهڙي پارت؟
- نچڻ ٻيٺي ته پوءِ، گهونگهٽ ڪيڻ ڪهڙو؟

**302.پرائي ٻري، ڪير مري؟ (پهاڪو)**

ٻروَ: بخار، بيماري يا ٻي تڪليف، ماڻهوءَ جي برداشت اندر هوندا آهن، تنهن هوندي به ڪانئس هرڪو پيو ٿهندو آهي. انسان ويچارو، نه ٿڌي سهي نه ڪوسي. پاڻ تي آيل تڪليف سهڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. ٻئي جي حصي جي تڪليف، پاڻ تي ڪيئن مسلط ڪندو؟
مطلب:

- ٻئي جو بخار به، ڪير نه ڪٽي سگهندو آهي.
- پرائيءَ آئيءَ / آهيءَ ۾ ڪير به نه پوندو آهي.
- ٻئي جي تڪليف، سِرَ تي ڪٽڻ ڏکي آهي.
- سِرُ، سڀ کي پيارو آهي.

**303.پرائي مينهن جو اوهُ، وڏو نظر ايندو آهي. (پهاڪو)**

پنهنجي قبضي هيٺ آيل وڏي ۽ سهڻي شيءِ، ٿوري ۽ بيڪار پئي نظر ايندي. سندس وقعت ۽ قدر، ويجهي هئڻ سبب نظر مان نڪري ويندا آهن. نوٽن سان پريل پنهنجي ڪوٿي، خالي پئي نظر ايندي. پرائي خالي ڳندي به، پريل پئي نظر پئي ايندي. پرائي مينهن وڏيڪ ڪير ڏيندڙ پئي نظر ايندي، جڏهن ته اصل مالڪ جي نظر اچا ڪنهن ٻيءَ مينهن جي اوهه تي هوندي. پرائي زال پري هئڻ سبب، پَرِي پئي نظر ايندي ۽ پنهنجي سهڻي زال، ويجهي هئڻ سبب ڏائڻ / ڪوجهي پئي نظر ايندي.
مطلب:

- ويجهي ٿيڻ سبب، شيءِ جو قدر گهٽجي ٿو. پري ٿيڻ سبب سڪ وڌي ٿي.
- پرائي هر شيءِ وڻندي آهي، سواءِ پُٽَ جي.
- پرائي پليٽ ۾ گيهه گهڻو نظر ايندو آهي.
- پرائي ڪنيءَ جو ٻوڙ سوادي.
- ڳوليان ڳوليان، شال م ملان هوت،

من اندر جا لوچ، ملڻ سان ماني ٿئي.

- گهر جو پير، چلهه جو مارنگ (ابتو)

**304.پوهن راڏي، مانگهن ڪاڏي. (چوڻي)**

1. پوهه: سنبت سال جو مهينو، ڊسمبر جنوريءَ ڏاران ٿئي. منجهنس ڏاڍا پارا پون، جيڪي ڪمزور مال ڪي رڏي / ڳاري ڇڏين.

2. مانگهه: سنبت سال جو مهينو. پوهه ڪانپوءِ جنوري- فيبرووريءَ ۾ اچي ۽ منجهس سخت سيءُ پوي. جيڪو ڍڳين ٻڪرين کي ڪائي ڪپائي ڇڏي.

مطلب:

- پوهه جو پارو ۽ مانگهه ۾ اتر واءُ، مال لاءِ نقصانڪار آهن.

**305.پوهه نه ڳتئي ٻڪري، مانگهه نه ڳتئي ڏاند،**
**پڇي وَٽ ڪريندو ٻڪري، تي وَٽ ڪريندو ڏاند. (چوڻي)**

پوهه ۾ پارا پون، گاهه جي قلت ٿئي ۽ مال ۾ ڦڦڙي پوي. مال مرڻ جي پوَ تتان، ٻڪرار سستي اگهه تي ٻڪريون ڪپائين.

(2) مانگهه ۾ اتر ڪان سرد هوائون هلن. ڏاندن کي مرٽينگ ڪري ڇڏين. ان موسم ۾ هر ڪاهڻ جي به ضرورت نه هوندي آهي. ڏاند رکڻ فضول تي ويندو آهي. پاڳيو جلد ڪپائڻ جي ڪوشش ڪندس.

ٻڪريءَ/ ڏاند جي خريدار کي، ڌراڙن جي انهيءَ ڪمزوريءَ جو فائدو وننديءِ سستي اگهه ۾ سنو مال وٺڻ کپي.

مطلب:

- موقعي جو فائدو وٺڻ کپي.

**306.پوهه: هڪ ڪاءُ ٻي جهوءِ. (چوڻي)**

پوهه ۾، ڏينهن ننڍو ٿئي. گذري وڃي ته خبر ئي نه پوي. هڪ ويلي جي ماني ڪائي، ٻئي لاءِ سعيو ڪرڻو پوندو آهي. اَنُ نه هجي ته پيهڻ لاءِ جنڊ جوٽڻو پوندو. پيهي بس ڪبي ته ٻئي ويلي جي مانيءَ ڪائڻ جو وقت / ويلو ٿي ويندو.

مطلب:

- سياري جو ڏينهن، جلد گذري وڃي.
- سياري جو سج، ڪُٺ پاءِ ۾ پورو. (ساهتي)
- ناهري، نمي هڻ ٻُهاري، سج وڃي اوهاري. (لاڙ)

**307.پيٽ جي مار، خبر نه چار. (چوڻي)**

پيٽ، هر ساهدار سان لڳل آهي ۽ ان جي پرڻ ۾ هرڪو مشغول آهي. خالي پيٽ، ڪير به برداشت نه ڪري سگهندو آهي. پريل هوندو ته دڙيون پيو ٽپندو. خالي هوندو ته محنت ڪندو ۽ مٿا مونا ڏيندو. محنت ڪرڻ ڪان پوءِ اجورو نه ملي ۽ پيٽ جي مار ملي ته ماٿهو ٻرِ تي ويندو آهي. هوش حواس نه رهندو آهي.

مطلب:

- پني مار، پيٽ نه مار.
- پيٽ پر، پني لڏ.

- پيٽ، سپ ڪم ڪرائي ٿو،
- پيٽيو: حق جي مار، خبر نہ چار.

**308.جن ڪان سواءِ سري نہ ساهہ، رتي نہ رسجي تن ڪان. (چوڻي)**

ڪي دوست احباب اهڙا هوندا آهن جن سان دل جو ڪانيو هوندو آهي ۽ ساڻن معاشرت ۽ معيشيت وارو تعلق پڻ ڳنڍيل هوندو آهي. ڪاوڙجن تہ جڻ قسمت جي ديوي ناراض ٿي وڃي. اهڙن سان تہ ڪس ڪسر ڪائي نباهبو آهي. ڪين رسڻ جو موقعو ئي نہ ڏبو آهي. سندن غرضن جو بہ خيال ڪبو آهي. خيال نہ ڪبو تہ پنهنجا غرض بہ اٽڪي پوندا. ربط ٽٽي پوندو. ٽٽل ربط سان زندگي گهارڻ ڏکي ٿي ويندي.

مطلب:

- سنگتين ڪان رسڻ چڱو ناهي.
- جنهن لاءِ اڳيان هلي بيهجي، تنهن سان ڳڏيو چو نہ هلجي.
- راند، رَسَ ۾ چڱجي.
- رنگ رتو، ميلو متو، يار پرتو چڱجي.

**309.جنهن جي ساکن جو سهي، تنهن جا ڏند ڇا ڏسبا؟ (پهاڪو)**

ڏاند يا ٻڪريءَ جي عمر جو اندازو، ڏندن ڳڻڻ سان بہ ڪري سگهبو آهي. ڪير وارا ڏند پيچڻ ڪان پوءِ ٻڙاندو، ڇئوڳو وغيره ٿيڻ، سندن عمر جي نشاندهي ڪندا آهن. ان جي برعڪس، سال ۾ بہ ساکون يا مندون ڳڻيون آهن. ڏاند يا ٻڪريءَ جي عمر ساک پيريءَ بہ ٿيندي آهي. جڏهن ڪان ڄمندا آهن تہ مالڪ سندن ساکون ڄاڻندا آهن. ان ڪري سندن عمر جي پڪ ڪرڻ خاطر ڪين ڏند پٽي ڏسڻ جي ضرورت نہ پوندي آهي.

مطلب:

- جنهن جي ڄم ڪان واقف، تنهن جا ڏند پٽي ڪهڙا ڏسجن؟
- جنهن جي پرڪارن جي خبر، تنهن جي ٿوهَ پوڻ مان ڪهڙو فائدو؟
- هٿ ڪنگڻ کي، ڪهڙي آرسي ڏيکاربي؟

**310.جوڳيءَ کي پٽ نہ وسريو هيو، نانگ کي پڇ نہ وسريو هيو. (پهاڪو)**

جوڳيءَ هڪڙو نانگ ڏٺو، ڦاسائڻ لاءِ مرلي ڪٽي پويان پيس. نانگ، ڪُئي يا سيڙهہ جي ڏرڙ ۾ گهڙي ويو. جوڳيءَ متانئس گهٽيئي مريلون وڄايون پر نانگ ٻر مان نہ نڪتو. آخر ڪوڏر سان، ٻرُ کُڏيندو اڳتي وڌيو تہ پوئتي رهيل نانگ جو پڇ بہ ڪٽي وڌائين. زخمي نانگ ٻاهر نڪتو پر جوڳيءَ جي پٽ کي ڪکي وڌائين. جوڳي نانگ کي ڇڏي پٽ جي سنڀال ۾ لڳي ويو تہ نانگ ڀڄي ويو. ان ڪان پوءِ نانگ کي پڇ وڃڻ جو سور هوندو هيو ۽ جوڳيءَ کي پُٽ وڃڻ جو.

مطلب:

- دشمن جو ڏک، ڪنهن ڪان بہ ڪين وسرندو آهي.
- ڏک، دشمن جو بہ ڳائجي.
- ريڊار کي سؤ مان ڪجي ويل هڪ ٻڍ جو غم هيو،
  ٻگهڙ کي موٽي ويل نوانوي رڍن جو غم هيو.
- دشمن جي چال کي مڃڻ بہ مراد آهي.

**311.جهڙا چانهه، تهڙا ٻچانهه. (پهاڪو)**

چانهه: سهڻو ۽ رنگين پکي آهي. سندس ٻچانهه يا ٻچا به سندس جهڙا ئي سهڻا ۽ رنگين ٿيندا آهن. عادتون به هڪجهڙيون ٿينديون اٿن. اڏامڻ ڪرڻ به هوبهو هڪجهڙو هوندو اٿن.

مطلب:

- اولاد، لُڪ ڇُپ والدين تي ڇِڪ ڪري ويندو آهي.
- جهڙا ڪانءُ، تهڙا ٻچا.
- ٻگهڙ جو دياءُ ٻگهڙ ٿيندو، ٻڪري ڪين ٿيندو.

**312.جي تون ٻنڌ ٻنڌاڻي ته مان شينهن شينهاڻي.**

**تون چور چوراڻي ته هيءَ گڏهه هيءَ واڻياڻي. (پهاڪو)**

هڪڙو نوجوان هندو، پاڻ ڪي ڳوٺ ۾ شينهن شينهاڻي سڏائي مسلمانن تي رعب جهاڙيندو هو. هڪ ڏينهن زال کي گڏهه تي ويهاري، شام ڏاري شهر پئي ويو ته هڪڙي مسلمان پوڳ ڪرائڻ خاطر سندس اڳ اچي جهليو. مقام واري پاسي ڪان، ڪنديءَ جي وڻ کي ٽيڪ ڏئي، چلڪٽي ڪهاڙي ڪلهي تي رکي، چڙهه هٽي بيهي رهيو. واڻياڻي، ٻت ٻنيل همراهه کي ڏسي ڌهلجي وئي ۽ اشاري سان مڙس کي ڏيکاريندي چيائين: "ميان رستي ۾ الائي ڪهڙي نافت بيني آهي! ڪجهه ته ڏس!"

واڻئي ٽڙڪندڙ لڱن سان، ٻنڌ پهڻ وانگر بيٺل همراهه آڏو اچي چيو: "جي تون ٻنڌ ٻنڌاڻي ته مان شينهن شينهاڻي، تون چور چوراڻي ته هيءَ گڏهه هيءَ واڻياڻي".

مطلب:

- تون ڪمزور آهين ته مان ڏاڍو مڙس آهيان. جيڪڏهن تون ڏاڍو مڙس آهين ته مون هٿيار ڦٽا ڪيا.

**313.جيڪو مري جمعي خميس، تنهن سان ڪهڙي ريس. (پهاڪو)**

جمعو ۽ خميس / جمعرات، پيلارا ڏينهن آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته انهن ڏينهن تي گذاري وڃڻ وارن سان حساب ڪتاب ۾ سهولت ٿئي ٿي. ساڻن سختي نه ٿي ٿئي. جنهن ڪري اهي خوشنصيب آهن. اهڙي سعادت ماڻڻ واري سان هاڻي ريس به ڪانه ٿي ڪري سگهجي.

مطلب:

- جنهن تي رب راضي آهي، تنهن کي ڇڳ نقصان نه تو ڏئي سگهي.
- جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي.
- مدعي لاک برا چاهي، مگر وهي هوتا هي جو منظور خدا هوتا هي.
- جيڪو هجي ڏِرِ پليت، تنهن کي چا ڪري جمعو چا ڪري خميس. (ابتو)

**314.جيندا، هڪ ڏينهن ملندا. (چوڻي)**

ماڻهو جيئرو آهي ته دنيا ۾ پيو هڪٻئي سان ملندو. مري ويو ته ملاقات بند ٿي. جڏهن هڪٻئي کان موڪلائبو آهي ته ٻئي دفعي ملڻ جي آس / اميد واسطي ۽ ڊگهي عمر جي دعا ڪرڻ خاطر چئبو آهي: "چڱو موڪلاڻي ناهي".

يا چئبو آهي: "سدائين گڏ !"

يا چئبو آهي: "وري ملنداسين!"

يا چئبو آهي: ”گڏيو پيو آهي ميهڙ سان، ڳاجي مهيسر!“
مطلب :

- زندگي آهي ته ملاقات پئي ٿيندي.
- حيات باقي، يار اوطاقي / ملاقاتي.
- يار زنده، صحبت باقي.
- يار حياتي، ملاقات باقي.
- حيدرآباد ۽ کهنبڙي به گڏئي پئي هِن.

**315.جهڙ جهيڙا، سدا نه رهندا. (چوڻي)**

جهُڙ، موسم آهر نهي ايندو آهي ۽ وسڻ کان پوءِ هيڏي هوڏي ٿي ويندو آهي. جهيڙو به وقت سِر اٿندو آهي، ڪجهه نقصان ٿيڻ کان پوءِ جيڏانهن تيڏانهن ناپر ٿي ويندي آهي.
لسيءَ کي وڏائٽو هجي ته لوڻ ۽ پاڻي گڏجيس. جهيڙي کي ڏکهو ڪرٽو هجي ته ڳارگند گڏجيس.
بهتر ائين آهي ته جهيڙي ۾ ڳارگند کان پاسو ڪجي.
مطلب:

- حالات واقعات، سدائين ساڳيا نه رهندا آهن.
- اها گهڙي به گذري ويندي.

**316.جهيڙو جهيڙ، ڪُجهيڙو نه جهيڙ. (چوڻي)**

جهيڙي جا ٻه قسم آهن. ڀلو جهيڙو، جيڪو الله ﷻ ۽ رسول ﷺ جي خاطر ڪجي. خراب جهيڙو جيڪو نفس کي راضي ڪرڻ خاطر ڪجي.
پنهنجي عزت، غيرت، مال ملڪيت، دين ڌرم کي بچائڻ خاطر ڪيل جهيڙو ڀلو آهي ۽ جهيڙڻ گهرجي. پرائو مال ننگڻ / ڦرڻ، پرائي عزت تهس نهس ڪرڻ ۽ زنا / شراب / جوئا خاطر جهيڙو ڪرڻ چڱو ڪم ناهي. ان کان هميشه پاسو ڪرڻ گهرجي. ان جي پڇاڙي عبرتناڪ ٿيندي آهي.
مطلب:

- الله ﷻ جي راهه ۾ جهيڙجي.
- جهڙي ۾ لڏون ڪونه ورهائبا آهن جو ڪائي به اچبا ۽ ڪٽي به اچبا.
- جهيڙو ٻچيءَ ۾ پئجي وڃي ته ڪُهه جيان نمڪائجي.

**317.چڱي ڀلي جي ٿُنهن، ٻَرَ ڏي مُنهن. (چوڻي)**

ننهن ڀلي کهڙي به خاندان مان ونجي ۽ ڀلي سني خاندان ۾ آڇجي پر رهندي وري به آخر ننهن.
فطرتي طور تي سس سان ڪڏهن نه نهندي ڀلي ڪٽي سس ڀقي يا ماسي هجيس، ٽٺان سان نه نهندي ڀلي ڪٽي ٽٺان سوٽ يا ماسات هجيس، ڏيرياٽيءَسان ڪانه نهندي ڀلي ڪٽي اها ڀيڻ هجيس.
ڏيرن سان ڪانه نهندي، ڀلي سَڪا سوٽ هجنس. نهيل گهر، شاديءَ کان پوءِ / ننهن جي اچڻ کانپوءِ ئي، هڪ مان ٻه ۽ ٻن مان چار ٿيندا آهن.
مطلب:

- سس ننهن جو آدجڳاد کان جهيڙو آهي. ڪانئس منهن پري ڪرڻ ۾ عافيت نظر ايندي آهي. ان سان ئي دنيا ۾ آبادي وڌي آهي.
- ننهن اها جيڪا پيڪا به ملهائي ته ساهرا به.

- ٻن پيو سيٽپو، جنهن وڄايو پيٽپو.
- پيڻ نہ ڪجي ڏيرياڻي، ٿي پوندي ويرياڻي.
- سيڻ ڪين نيڻ.

**318.چنڊي جي قبر، پري کون پڌري. (چوڻي)**

چنڊي جي نحوست / نياڳ جو اثر پاڙي اوڙي تي بہ پوندو آهي. ڪير بہ نہ چاهيندو آهي تہ چنڊو ماڻهو صبح جومنهن پوي. ڪن ماڻهن ڪي وهم آهي تہ چنڊن ڪي ڏسڻ سان سجو ڏينهن ڪوبہ ڪم نہ ٿيندو. مري وڃڻ کان پوءِ بہ سندن قبر تي ناهن ويندا تہ متان نياڳ ڪين وڪوڙي وڃي. ٻين کي بہ روڪيندا آهن ۽ ائين هن جي قبر بہ مشهور ڪري ڇڏيندا آهن.

مطلب:

- چنڊو چنڊي جي قبر کي سڃاڻي.
- چنڊو چنڊي کي سَوَ ڪوهہ تي سڃاڻي.
- چنڊو، پينگهي ۾ پڌرو.
- سانوڻ ماهُ سلونگڙي، تي لُڙهدا آيا جندا،
  سؤ ڪوهہ دا ولا ماريونِ، تہ بہ چنڊي کون مليا چندا.

**319.چورن جا ڪپڙا، ڏانگن جا گز. (پهاڪو)**

چور، چوريءَ جي مال کي پهرين ٻاهہ ۾ ٺمائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بعد ۾ حصا پتيون ڪرڻ وقت وڏو احتياط ڪندا آهن. ڪنهن ڇاڻوءَ يا سڃاڻ کان حساب ڪتاب بہ نہ ڪرائيندا آهن. متان پول ڪلي پوي.

چوريءَ جو ڪپڙو، نہ درزيءَ کان ڪڇائيندا آهن، نہ ئي گزن پيري ماپيندا آهن. ڏڪي سان نهيل، ڪاٺ جي لٺين ۽ هٿن سان مئي ڪٽندا آهن. پئسن سان ورتل نہ هئڻ ڪري، بيدرديءَ سان ڪچي ورهائيندا آهن.

مطلب:

- چوريءَ جي مال جو، قدر نہ ٿيندو آهي.
- رشوت جي ڪمائيءَ تي ئي عياشيون ڪري سگهبيون آهن.

**320.ڇهڙکي ڪاتي، حلال ۾ بہ وهي تہ حرام ۾ بہ. (پهاڪو)**

ڇهڙا / چوهڙا، هٿ جي ڪُنيءَ کان علاوہ، "الله جي ماري" بہ ڳولي هٿ ڪن. ڇمڙو، گوشت ۽ هڏا بہ ڪتب آڻين. سندن ڪاتيءَ جو اعتبار نہ هوندو آهي. حلال ڍور تي بہ هلائين تہ حرام مال تي بہ وهائين. حرام تي اڙهل ڪاتي، حلال تي وهائبي تہ گوشت جو اعتبار نہ رهندو.

مطلب:

- منافق ماڻهو، دوستن سان بہ ٻِٽ تہ دشمنن سان بہ پورو هوندو آهي.
- منافق ماڻهو، ساڌن سان بہ سنمک تہ پئنچن سان بہ پورو.
- موچڪي رنبي: حلال ۾ بہ وهي تہ حرام ۾ بہ.
- ميلي/ بازار جي منائي: پيءُ بہ ڪائي تہ پٽ بہ ڪائي.
- رنڊيءَ وٽ، پيءُ بہ وڃي تہ پٽ بہ.
- کُهين تہ آپ کُهہ، آچ مَ چُوهيڙيان! (شاهہ)

**321.ڇا گڏھ، ڇا گلقند؟ (پهاڪو)**

گڏھ کي خوب گاھ چاري ھٿ ڪيبو تہ بہ ڊڪي وڃي پُٺيءَ ۾ / گونهن جي واڙيءَ تي بيهندو. چونڊي سڪل ڪرڦتي پيو ڪرتيندو. نرم نرم ڪين وٽندس. گلقند، منو ۽ نرم هٿڻ ڪري، ڪيس وٽندو ئي ناهي.

مطلب:

- ڪم ذات، تعظيم مان ڪين جاڻي.
- ڪتو ڇا ڄاڻي؟ ڪٽڪ جي مانيءَ مان.
- ڇا ڪوري، ڇا ترارين.
- ڇا ڪول، ڇا ڪول جو وزن.
- ڇا پدي، ڇا پديءَ جو شوروو.

**322.ڄتي گدڙي، پنهنجي پڇ ۾ وجهي ڇڪَ. (پهاڪو)**

جهنگلي جانورن ۾ گدڙ، ڏجٽو ۽ چالاڪ آهي. ٻئي جو شڪار تاڙيندو آهي. سندس مادي تہ ڏر بہ ڪين ڇڏيندي آهي. شڪاري چيڙائي ويندا اتس تہ پنهنجي ڪاوڙ پاڻ تي پئي هاريندي آهي ۽ پنهنجي پڇ ۾ پئي چڪ هڻندي آهي. ڇو جو منجهس مقابلي ڪرڻ جي سگهہ نہ هوندي آهي.

مطلب:

- ڪمزور/ بي پهچ ماڻهو، پاڻ کي ئي نقصان ڏيندو آهي.
- ڏڳو چريو ٿئي تہ بہ گاھ چري، نٽ ڪين چري.
- ڏيڏري ڪاوڙ ۾ پاڻ قوڪي ڦاٽي مرندي، ٻئي کي ڪجهہ نہ ڪري سگهندي.
- قهرِ درويش، بر جانِ درويش.

**323.ڇڄ پڏي، ڪارو پڏي، پروڻ جو پڏي، جنهن کي سَوَ ٿُنگ. (پهاڪو)**

ڇڄ، اَنَ ڪٽڻ ۽ وائرڻ، ڇڙڻ ۽ ڇنڊڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. منجهس ڪوبہ سوراخ وغيره نہ هوندو آهي، جنهن مان ان وهي وڃي.

ڪارو، مانيءَ ۽ ٻوڙ ، مڇي يا ننڍا چوزا ڊڪڻ/ واڙڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. منجهس هوا لاءِ سوراخ هوندا آهن پر منجهانئن نقصان رسائيندڙ شيءِ پار نہ ٿي سگهندي آهي.

پرڻ، سوراخدار چاريءَ وانگر هوندو آهي، جيڪو ميدي جهڙين شين کي ڇاڻڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. منجهس متين ٻن جي مقابلي ۾ تمام سنها پر گهڻا ۽ گهاٽا سوراخ هوندا آهن. تنهنڪري ڪيس ٻين مٿان فوقيت ڪرڻ نہ گهرجي.

مطلب:

- عيبدار ماڻهوءَ کي ئي ٻين ۾ عيب نظر ايندا آهن.
- مينهن ئي ڳئونءَ کي چوندي آهي: "هل پڇ ڪاري! "
- پرڻ تو چوي ڏونگهي کي: "هل ترِ- ٿُونگا".

**324.حق جي مار، خبر نہ چار. (چوڻي)**

عورت جو مرد سان نڪاح ڪرڻ يا مرد جو عورت سان نڪاح ڪرڻ، حق ڪرڻ يا شرعي حق ڪرڻ آهي. نڪاح کان پوءِ مرد تي جوابداريون وڌي وڃن ٿيون. جنهن سبب سندس اٽي ويهڻيءَ ۾ وڌو ڦيرو ايندو آهي. جيڪڏهن سدري نہ هلندو تہ حق / رب طرفان سخت پڪڙ ٿيندس. ڇڏائڻ

وارا ڪتي ويندس.
طرفين يا زوجين (Espouses) لاءِ لازمي آهي تہ امانت ۾ خيانت نہ ڪن .
مطلب:

- ضائفاڻي مار، خبر نہ چار.
- سوڙ جي مار، خبر نہ چار.
- عقل جي مار، خبر نہ چار.
- انڌي جي مار، خبر نہ چار.
- علم جي مار، خبر نہ چار
- بستري / اندر جون مکون، اندر ۾.
- پيٽيو، پيٽ جي مار، خبر نہ چار.

**325.داڻو هڻ هِڻ تہ لغام بہ هڻ هِڻ. (پهاڪو)**

هڪڙي همراه، شوق مان گهوڙو ڌاريو. روزانو ڪيس خوب داڻو ڪارائي، ڪرڪنا هڻي پيو مالشون ڪندو هيو. جڏهن گهوڙو سواريءَ لائق ٿيو تہ هڪ ڏينهن، چڙهڻ لاءِ وات ۾ لغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائينس. گهوڙو واڳ وجهڻ ئي نہ ڏئيس، رڳو پيو هٽڪي.
“داڻو هڻ هِڻ نہ، باقي لغام هڻ هِڻ!” هٽڪارڻ تي مالڪ ٺوڪيندي، ڳچيءَ ۾ پاڪر وجهي، لغام جي ڪڙي زبردستيءَ اڳين ڏندن وٽان ٺپائيندي چيس: “داڻو هِڻ هڻ تہ لغام بہ هڻ هِڻ!”
مطلب :

- جنهن جو احسان ڪٽجي، ان جو موٽائجي بہ.
- داڻي تي خوش خوش، چاقوءَ تي چين چين.
- احسان لاهي نہ سگهجي تہ ڳائجي ضرور.

**326.درياهن جا منهن، ڪنهن بند ڪيا آهن؟ (پهاڪو)**

آڳاٽي دور ۾، درياهہ شاهہ، دادلي پٽ وانگر، ارڏو هوندو هو. آبڪلاٽيءَ جي مند ۾، جيڏانهن رخ رکندو هو، تيڏانهن راهہ ناهيندو ويندو هو. سدائين پيو رخ ڦيريندو هو ۽ روڪڻ لاءِ مٿس بند ٻڌي نہ سگهبا هئا. ڪوهن/ درياهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪنهن تي بہ جهل پل نہ هئي.
هاڻي بچاءَ بند (Protection Bund)، اُڙ (Spur)، رند (Wier)، بيراجن (Barrages)، دورازن (Gates) ذريعي درياهہ کي سوڙهو ڪيو ويو آهي. مستي ئي مري وئي اٿس. نہ رخ متائڻ جي سگهہ اٿس، نہ ئي سمنڊ تائين نِيڻ لاءِ پيٽ ۾ پاڻيءَ ڦڙو بچيو اٿس. وات تي ئي پاڻيءَ جا حصا پتيون ٿي ٿا وڃن.
مطلب:

- ماڻهن ۽ ڪوهن جا وات، ڪنهن بہ بند نہ ڪيا آهن.
- نيڪيءَ جي ذريعن کي بندَ نہ پوندا آهن.

**327.درياهن ۾ ڪالُ، ربوءَ جي ماءُ پي تاري. (پهاڪو)**

ربوءَ نالي ڏيرڙو همراهہ هو، اڏ بہ ٽپي نہ سگهندو هو. جڏهانڪر، درياهہ تي بند ٻڌي، ڊيمون (Dams) يا Impounding Reservolors ناهيا اٿن ۽ پاڻي مٿي جهلجي ويو آهي، تڏهانڪر ربو بہ مڙس ماڻهو ٿي پيو آهي. درياهہ جي پِني ٻوڙ پاڻيءَ منجهان، ماءُ کي ڪلهي تي ويهاري ور ڪِنجي پار پئجيو وڃي.

مطلب:

- جڏهن حالات ڪمزور ٿيندا آهن، تڏهن ڏبرڙا به مڙس ماڻهو ٿي پوندا آهن.
- جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڌيرو به درخت.
- پيٽيو: ملڪ وچ تپ تپالي، تہ مَستي موهر هالي،
  جي ملڪ وچ خيرصليٰ، مار مَستي جي منهن تي ڪلا.

**328.ڏِگ ويندي سَرَ سُوٽي، سو پي ڪَپوٽي.**

**نيچا ٻهي اونچا مُوٽي، سو پي ڪَپوٽي. (چوڻي)**

سَرَ ۾ چڙو هٿ وجهبو تہ بہ چيريندو. جيڪڏهن سر کي سٽ ڏئي سُوٽبو تہ تري ئي چيرجي ويندي. رت نيڪلڻ ڪري وهندو. اهڙو ڪندو ڪم ڪرڻ واروبہ ڪَپُتَ آهي.

(2) هيٺ ويهي، آسمان ڏانهن مُهڙ ڪري پيشاب ڪبو تہ موٽي منهن ۾ نہ پيو تہ جسم تي ڇنڊا ضرور لڳندا. اهو ڪندو ڪم ڪرڻ وارو بہ ڪپٽ ئي ٿي سگهي ٿو.

مطلب:

- جو اُپ ۾ ٽڪ اڇلائي، سو منهن ۾ پائي.
- پُٽ ڪَپٽ، پينگهي ۾ پڌرا.
- هٿ نہ وجهجي سَرَ ۾، نانگ نہ وجهجي وَرَ ۾،
  گهوڙو نہ ٻڌجي دَرَ ۾، ڌاريو نہ آڻجي گهر ۾.

**329.دلي ۾ داڻا، ڪُڏن ڪنڌا. (پهاڪو)**

چج / ڪارا ٻَدندڙن کي "توري" يا "ڪُنانا" سڏبو آهي. ڏيڍن يا ماڙيچن منجهان هوندا آهن، چج ٻڌي يا ڪارا ناهي، پيٽ گذر ڪندا آهن. اَنَّ جون گنديون يا پليون پري کين رکندا آهن. جيڪڏهن دلي ۾ رکڻ جيترا اَنَّ جا داڻا ملندا اٿن تہ بہ بيهي ٽپ ڏيڻ شروع ڪندا آهن ۽ خوشي ملهائيندا آهن.

مطلب:

- بيوقوف کي توري دولت هٿ اچي تہ بودايون ڪري.

**330.ڏاڍو ماري، رووڻ پي نہ ڏئي. (چوڻي)**

ڏاڍو يا ظالم، اندر ۾ بزدل هئڻ سبب، ٻين تي ڏاڍ / جبر ڪندو آهي. مظلوم کي دانهون ڪرڻ يا فرياد ڪرڻ بہ نہ ڏيندو آهي. پؤ هوندو اٿس تہ متان متس جوابي ڪارروائي ٿئي.

مطلب:

- ظالم، جوابي حملي کان ڊڄندو آهي. تنهنڪري مظلوم جو آواز گهُٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.
- ظالم کي، ڊگهو رسو مليل آهي.
- ظلم قائم آهي، ظالم قائم ناهي.
- Cowardice is mother of cruelty.

**331.ڏاڍي نال وَپار، ڏيندي گهندي سائين. (چوڻي/ پهاڪو)**

ڏاڍي سان واپار ڪرڻ چڱو ناهي. مال ڏيڻ وقت بہ ڪيس سائين سائين ڪرڻو پوندو تہ مال وٺڻ وقت بہ پئسا ڏيڻ وقت بہ واهگرو تہ وٺڻ وقت بہ ايلاز منتون.

ڏاڍي سان ڪو بہ تعلق چڱو ناهي. منجهانئس چڱائي ٿيڻي ئي ناهي.

مطلب:

- ڏاڍ سان نہ متي چڱي، نہ رشتيداري چڱي.
- ڏاڍو / ظلم ، ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪوڃرائپ ڪندو آهي.

**332.ڏندو جي زال، سدائين نهال. (چوڻي /پهاڪو)**

هر عورت اهو پسند ڪندي آهي تہ سندس مڙس، ڏاڻهنس ڪلي /مشڪي ڏسي. اها سعادت ڏندري جي زال کي مفت ۾ مليل هوندي آهي. مڙس جي، فطري طور وڏن ڏندن ڪي، ڪلنڊڙ چهرو سمجهي متس نهال / ٻلهار پئي ٿيندي آهي.

مطلب:

- ڏندوءَ جي زال جي خواهش پئي پوري ٿيندي آهي.
- ڪي ماڻهو چڱي مهاندي سبب ٻين جو قرب حاصل ڪندا آهن تہ ڪي سادڙي شڪل سبب، ماڻهن جي نفرت جو شڪار ٿي مانيءَ لاءِ محتاج ٿي ويندا آهن.
- پناڻ کان پڇيائون: "لالا!روتا ڪيون هي!؟"
- "ماڙا روتا ڪهان هي!" پناڻ اجا شڪل بڇڙي ڪندي جواب ڏنن: "شڪل ايسا هي!"

**333.ڏوهل، سدائين ڏٻري (پهاڪو)**

هر پيٽ تي لاڳيتو ڪير ڏهائيندڙ مينهن / ڳئونءَ کي ڏوهل سڏبو آهي. مسلسل ٿڻن مان ڪير ڏيڻ سبب، ٻت تي نہ رت چاڙهيندي آهي ۽ نہ ماس. ڪل مان بہ چمڪ نڪري ويندي اٿس. شڪل مان ڏٻري پئي نظر ايندي آهي.

مطلب:

- ٻين لاءِ قرباني ڏيندڙ وٽ، ٻئنڪ بيلنس نہ هوندو آهي.
- سخين وٽ، مال ملڪيت ڪنا نہ ٿيندا آهن.

**334.ڏيڏر ٽپ جوئار، ڪوئي ڪوئي ڏٽا واڙ. (چوڻي)**

فصل مان چڱي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ، ان جي پوکيءَ واري ترتيب تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڏيڏر جي ٽپ جيترو جوئر جا ڪانا هڪبئي کان پري هوندا تہ پئداوار سٺي لهندي. نہ ڪانو سنهو ٿيندو ۽ نہ سنگ. اجا ڇدي پوک هوندي تہ وري مجموعي پيداوار گهٽ لهندي.

واڙ: وونئڻ بہ ڪٿي ڪٿي ٿُڏو هوندو تہ ڇَتو/ جهڳٽو هڻي ٻوڙو ٿيندو. ڏينو وڏا ۽ ڦُٽي سٺي لهندي. منجهس گُڏ ڪرڻ ۽ هَرُ ڏيڻ سهنجا ٿيندا. گهاٽو فصل، مجموعي طور گهٽ پيداوار ڏيندو آهي.

مطلب:

- آمون، ڏهہ گامون.
- ڇدي پوک، ٿلها سنگ،
  گهاٽي پوک، سنها سنگ.

**335.ڏيڻ هيانءَ هيٺان آهي. (چوڻي)**

پياري شيءِ دل / هيانءَ هيٺان رکبي آهي. اها ڏيڻ ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي. پنهنجي شيءِ ٻئي کي ڏيڻ، جگر جو ٽڪرو ڪٽي ڏيڻ برابر آهي.

مطلب:

- ڏيڻ، ڏاڍو ڏکيو آهي.
- پتين تان پَتَ، ڪير نہ اچليندو آهي.
- وٺڻ سولو، ڏيڻ ڏکيو.
- ڏيڻ، ڏيهہ چڏڻ، ڏيهي چڏڻ، ٿيئي ڪم ڏکيا.

**336.راڄ ستار، ڪاسبي اٺار. (چوڻي)**

منجهانئس ہہ مرادون آهن.

(1) راڄ جا ماڻهو، ڪاسبيءَ جي ستاري ڪنڌڙ يعني عيب ڍڪيندڙ آهن. جڏهن تہ ڪاسبي / ڪم ذات: لنگهو، مڱڻهار، بهشتي، ڪنير، موچي، ماڇي، ڪوري وغيره راڄ وارن جا عيب ڦولهيندڙ هوندو آهي.

(2) راڄ وارا جيڪڏهن تعداد ۾ ستارنهن (سترنهن) آهن تہ ڪاسبي انهن کان هڪ وڌيڪ يعني اٺارنهن (ارڙهن) آهن.

مطلب:

- ڪاسبيءَ سان پڇي ڪين سگهبو.
- ڪم ذات، سڪرن کان تعداد ۾ گهڻا آهن.

**337.رَتُ، راڻو آهي. (چوڻي)**

ڍور ڍڳو ڪم ڪار لاءِ ڏاربو آهي. رڍ / ٻڪري، کير، گوشت ۽ ڏاس لاءِ. مينهن / ڳئون، کير ۽ واپار لاءِ. منجهانئن اهو ڍور/ وهٽ ، ڏٽين ڪي وڻندو آهي، جنهن ۾ رتُ هوندو ۽ سگهو هوندو. جڏهن تہ ڪمزور جانور مان مالڪ بہ بيزار هوندا آهن. يڪدم ڪاسائيءَ جي حوالي ڪندا اٿس.

مطلب:

- رتَ ستَ وارو مال، مالڪن کي راڻن وانگر، پيارو لڳندو آهي.
- رت وارو جانور، سهڻو لڳندو آهي.

**338.رُٺا يار، گراهہ ڳڻين (پهاڪو)**

يار / دوست ريڌل هوندو تہ هر شيءِ پيو پيش ڪندو. اولَ- گهولَ پيو ويندو. ڏسي پيو ترندو. جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو.

رُسندو تہ ٽڪي ٽڪي جو حساب پيو ڪندو. سنگت ۾ ڪارايل مانيءَ جا بہ ڏيڪ پيو ڏيندو. ٻئي وٽ ٿيل دعوت ۾ بہ وينو گرهہ ڳڻيندو ۽ ڳٽي ڳٽي لوڪ آڏو ڳلاهاب ڪندو.

مطلب:

- سنگت ۾ حساب ڪتاب، رنل ئي ڪندا آهن.
- پيٽيو: ٻين سان پنج، يارن سان ڪيها پنج.

**339.رني جو پاڳو، منو. (چوڻي)**

گهر پاتين کان رسي ماني نہ ڪائيندڙ جي حصي جا هسوار پيا گهر پاتي ٿي پوندا آهن. هر ڪو رنل جي پاڳي جي طلب ڪندو آهي.

ڳڏيل ڪاروبار مان حصو ڇڏيندڙ جي پاڳي جا بہ ڪيئي طلبگار ٿي پوندا آهن. حاصل ڪرڻ لاءِ جتن پيا ڪندا آهن.

مطلب:

- رسنڊڙ جو حصو، سيني کي منو لڳندو آهي.

### 340.رڍ ڏئي ڪير، اهو پي ڦيڳڻين هاٿو. (پهاڪو)

رڍ جي پول ۾ ڦولهڙيون چنبڙيل هونديون آهن. جيڪي لهي اوهه ڪي نه چنبڙي پونديون آهن. صاف ڪرڻ جي باوجود ڪير ۾ هَوَڙ ضرور رهندي آهي. جنهن سبب رڍ جي ڪير جو ذائقو مينهن ۽ ڳئون جي ڪير کان مَٺ هوندو آهي. ذائقي ۽ بوءِ مٺ ڻيڻ سبب، ڪيترن ئي ماڻهن کي رڍ مان ڏڌل ڪير پسند نه ايندو آهي.

مطلب:

- رڍ جي ڪير ڏيڻ واري چڱائي، ڦولهڙين جي بانس سبب، اهميت گهٽائي ويندي آهي.
- چڱائي ڪري ڪوهه ۾ اڇلجي، ڏيڪ نه ڏجن.
- چڱائي ڪنڌڙ کي طعنا / مهڻا ڏيڻ، زيب نه ٿا ڏين.

### 341.ساڌن جو ڇا سواد سان؟ (پهاڪو)

ساڌو، هندن جا فقير آهن، جيڪي دنيا کي تياڳ ڏيڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ تپسيا ڪندا آهن. انهن جو ذائقي ۽ سواد ڏانهن ڌيان نه هوندو آهي. جيڪڏهن اوڏانهن خيال ڪن ٿا ته پڪ ساڌو ناهن.

مطلب:

- پارسا سڏائيندڙ کي، دنياداريءَ جي جنجهٽ ۾ نه پوڻ گهرجي.
- پيٽيو: ڪوئي مري ڪوئي جيوي، سترپا گهول پتاشا پيوي.

### 342.ستل اون مئل، هڪ مثال. (چوڻي)

ستل جو نه روح قبض ڪيو وڃي ٿو. ننڊ مان اٿڻ وقت واپس وڌو وڃي ٿو. ڪن جو روح واپس نه به وڌو ويندو آهي. ننڊ کي موت جي ڀيڻ ان ڪري سڏيو ويو آهي. ننڊ واري جو مئل وانگر، دفتر به بند هوندو آهي.

مطلب:

- جهالت جي ننڊ ۾ ستل قوم، مئل وانگر ۽ سجاڳ قوم زنده مثل آهي.
- سستي ۽ ننڊ، آرس ۽ ڪم همتي، قوم جي تباهيءَ جون نشانيون آهن.

### 343.سجي ڪي نه هيٺين وات پؤ نه مٿين. (پهاڪو)

خراب رستي تان ڦُرجڻ جو پؤ، ان مسافر کي هوندو آهي، جنهن کي قيمتي سامان ساڻ هوندو آهي. سجي ۽ سکڻي کي نه مال هوندو آهي ۽ نه ڦرجڻ جو پؤ هوندو اٿس. ان لاءِ هڙئي رستا هڪجهڙا آهن.

مطلب:

- سج لٿي کان پوءِ دير ناهي، ڦرئي کان پوءِ پؤ ناهي.
- ڍڳو نه ڍور، ڇا ڪاهيندو چور؟
- ڪڏهن ڪڏهن سڃائي به ڪم اچي ويندي آهي.
- پيٽيو: سک سمهن ڪنيار، چور نه چائن مٿي.

### 344.سر وڃي، سرواهه نه وڃي. (پهاڪو)

سِرواهه: جان جي واهت ڪندڙ اوزار، جهڙوڪ: ڍال، ترار، بندوق وغيره. ان سان پنهنجي جان جي حفاظت ته ڪري سگهبي پر اهل و عيال جي به ڪري سگهبي. جيڪڏهن هٿيار، هٿان هليو ويو ته

پوءِ قوم ۽ ملڪ جي حفاظت نہ ڪري سگهبي.

مطلب:

- ٻين جي حفاظت لاءِ ڏاريل هٿيار، ضايع ڪرڻ ڪان جان ڏيڻ چڱي آهي.
- دشمن کي هٿيار تائين پهچڻ نہ ڏجي.
- سِرُ ڏجي، سُرُ نہ ڏجي.

**345.سک سمهن ڪنيار چور نہ چائن مٽي. (پهاڪو)**

ڪنير جو ڪم، مٽيءَ جا ٿانوناهڻ آهي. مٽيءَ جا ٿانءَ، قيمتي وٿ ناهن. جڏهن تہ چور چڱي مال کي تڪيندو آهي ۽ پريل پڪيل گهر ۾ ڪاٽ هڻندو آهي. سڄي ماڻهوءَ جي گهر ۾ ڪير بہ ڪاٽ نہ هڻندو آهي.

مطلب:

- سڄي کي نہ چور جو پؤ، نہ ٻوڏ مان نقصان ۽ نہ ئي ٻاهر مان خطرو.
- سک سمهہ ڙي ڪنيار، تنهنجا ڪچا ڪير نہ نيندو.
- پيٺيو: سڄي کي نہ هينين واٽ پؤ، نہ مٽين.

**346.سکڻ ۾ ڪهڙو شرم. (چوڻي)**

ارسطوءَ لاءِ مشهور آهي تہ ستر سال جي عمر ۾ اچي ڏاڙهيءَ سان گٽار وڄائڻ پئي سکيائين تہ ڪنهن دوست ٽوڪيندي چيس: “هن عمر ۾ گٽار وڄائڻ پيو سکين! شرم نہ ٿو اچئي!”

“ها شرم تہ اچي ٿو! پر ان وقت ڏاڍو ايندو آهي!” ارسطوءَ دليل ڏيندي چيس: “جڏهن محفل ۾ سڄي سنگت گٽار وڄائڻ ڪان پوءِ چوندي آهي: هاڻي تون اچي وارو وٺاءِ! ان وقت شرم ڏاڍو ايندو آهي. هاڻي، سکڻ ۾ ڪهڙو شرم آهي؟!”

مطلب:

- سکڻ لاءِ جمڻ ڪان وٺي مرڻ تائين جو وقت آهي.
- سکڻ يا علم پرائڻ ۾، لڄ نہ ڪرڻ گهرجي.

**347.سنجهي جي مئي کي، ڪيترو روئبو؟ (پهاڪو)**

مرڻ وارن جي پويان روئڻ ۽ ڏک ڪرڻ جي بہ هڪ حد هوندي آهي. جذبات ۾ پهرين مٿو ٽڪرائبو، پوءِ منهن ۾ چنبا هڻبا. پار ڪبا، ڳوڙها وهائبا. نيٺ سڏڪي سڏڪي چپ ڪٽي ڪبي. شريعت بہ ڍڪ رکڻ خاطر، ڏک ڪرڻ يا تڏو وڇائڻ جي ٽن ڏينهن تائين حد مقرر ڪئي آهي.

سانجهيءَ ڏاري عزيز مري وڃي تہ سڄي رات ويهي ڪير بہ ڪونہ روئندو آهي. ٿوري وقت ۾ ئي ڍنيڪرون ڏئي ماڻهو ماٺ تي ويندو آهي.

مطلب:

- ڏک ڪرڻ لاءِ موقعو ڀلي گهڻو ملي، پر ڪبو حد اندر آهي.
- مرندڙن پويان، ڪير بہ نہ مرندو آهي.
- آڳاٽي پيل نقصان لاءِ ڪير بہ پنهنجو قيمتي وقت، پڇتائڻ ۾ ضايع نہ ڪندو آهي.

**348.سوڙا هجن سپرين تہ جوتا پيا جڪ مارين. (چوڻي)**

پيارا پرين، من گهريا محبوب، جيڪڏهن سچا هجن تہ ڏکين حالات جي پرواهہ ڪير بہ نہ ڪندو آهي. نہ ئي ڪوڙا ماڻهو ورغلائي سگهندا ۽ نہ ئي مخالفن جون ميارون ڪٺيون / سهٺيون

پوندي‌ون.
مطلب :
- يار سچا آهن تہ دشمن جي پرواھ ناهي.

**349.سهري گهر ڄاٽو، ڪتي جي آچار (چوڻي)**

ڄاٽو / نياٽو، شادي ڪرڻ کان پوءِ ساهري گهر جو مالڪ يا وارث نہ ٿيندو آهي. نياٽيءَ جي مڙس هئڻ ڪري، ڪيس عزت تعظيم تہ ملندي آهي پر گهر ۾ پُٽ واري حيثيت نہ هوندي اٿس. نہ ڪيس ساهري گهر بابت پوري حقيقت جي ڄاڻ هوندي آهي، نہ ئي سندس ڪو حڪم هلي سگهندوآهي.
مطلب:
- نياٽو پنهنجي گهر جو وڏو ٿي سگهي ٿو، ساهري گهر جو نہ.
- پٽ پيٽئون، ناٽي نيٽئون.
- ڄاٽا، ابتا ڏاتا.

**350.عاشقن پڌيون ڪمرون، دلي اڍائي ڪوھ. (چوڻي/پهاڪو)**

عاشق، عشق جي جنون ۾ جڏهن محنت ڪندو آهي تہ سهولتين کي ڪونہ ڏسندو آهي. جنهن ڪري قدرت بہ مٽس مهربان ٿي پوندي آهي. جبل کي ٽاڪڻ عاشق جو ڪم، ڪير جي ندي وهائڻ قدرت واري جو ڪم. سمنڊ جو پاٽي ڏنئڻ عاشق جو ڪم، هر لپي سان موتين جو ٻڪ اچلڻ قدرت واري جو ڪم. عاشقن وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. صحرائن مان، موتي بہ ميڙي آيا آهن تہ عشق ۾ ملڪن جو بادشاهيون بہ تياڳي ڇڏيون اٿائون. سندن همت آڏو، بيلو بہ بہ برانگهون ۽ دهلي بہ اڍائي ڪوھ آهي.
مطلب:
- عاشق لاءِ سوري سيج ۽ وِهُ امرت برابر آهي.

**351.عشق، هٽ بازار جو سودو ناهي. (چوڻي)**

عشق، دل جو لطيف جذبو آهي. جيڪو قدرت طرفان عطا ٿيندو آهي. عشق ۾ عاشق پنهنجي پاڻ کي ٻڌو ٻانهو سمجهندو آهي. ڪيس پنهنجا هٿ پير ٻڌل نظر ايندا آهن. سندس عضوا سندس وس ۾ ئي ڇڻ نہ هوندا آهن.
عشق ڪيو نہ ويندو آهي پر ٿي ويندو آهي. عشق نباهڻ پڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
مطلب:
- اول سانگو سر جو لاھِ پوءِ پلي عشق کي هٿڙو لاءِ.
- عشق ناهي راند، جيئن ڳيرو ڪيلين،
  سسي نيزي پاند، اچل تہ اڏ ٿئي.
- عشق پر زور نهين، يہ وه آتش هي،
  جو لڳائي نہ لڳي، بجهائي نہ بني.
- عاشقان را شش نشانيان است پسر:
  آه سرد، رنگ زرد، چشم تر،
  آه زاري، بيقراري، بي قدر.

**352.ڪاڏي الله جي الاهي، ڪاڏي جهِلار جا مُنا. (پهاڪو)**

ڪوهه متان چاڙهيل چرخيءَ ڪي نار ۽ ڪوهاڏي متان چاڙهيل چرخيءَ ڪي جهلار سڏبو آهي. جهلار جي چرخين جو وزن، ٻن ڪاٺ جي ٿوڻين ذريعي زمين ڏانهن منتقل (Transmit) ڪبو آهي، انهن کي مُنا چئبو آهي. مُنا چڱي طاقت رکندا آهن.
ساري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ، هڪ الله آهي. ساڻس ڪنهن شيءِ جي ڀيٽ نه ٿي ڪري سگهجي. پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ بي مثل آهي. ليس ڪمثله شيءِ. دنيا ۾ جن به شين کي طاقت يا سگهه ميسر / عطا ٿيل آهي، سا پڻ الله طرفان ٿيل آهي.
مطلب:

- الله ﷻ جي طاقت سان، ڪنهن به طاقت کي ڀيٽي نه ٿو سگهجي.
- ڪاڏي احمد ميان سومرو، ڪاڏي گوشو ڊرائيور.

**353.ڪال ويسي، سُڪال ويسي، چت سڙي دا داغ نه ويسي. (پهاڪو)**

ڪال: ڏڪر ۽ سڪال: سڪر وغيره سدائين نه رهندا آهن. اڄ آهن سڀاڻي نه هوندا. ڏُڪر هوندو ته سُڪر پڇي ويندو. سُڪر ايندو ته ڏڪر ڀرِ منهن ڪري ويندو. سک / ڏک سدائين نه ٿا رهن.
جسم جي عضون تي تڪليفن سبب ٿيل زخم يا نشان سدائين لاءِ چيچجي وڃن ٿا، ختم نه ٿا ٿين.
مطلب:

- ڪنهن جو به احسان، دل تان ميسارجي نه سگهندو آهي.
- رٽا ڇتي وڃن، وٽا ڪين وسرن.
- ڦٽ ڇتي وڃن، داڳ ڪين لهن.

**354.ڪانءُ، ڪراڙ، ڪتي تي، پت نه ڪجي ستي تي. (چوڻي)**

(1) ڪانءُ جي عادت آهي، جهپٽ ڏئي ٻار جي هٿن مان لولا ڦرڻ.
(2) ڪتو به عادت کان مجبور آهي. ڪاڏي جي شيءِ خاص طور گوشت تي لُوهه ضرور ڏئي.
(3) ڪِراڙ: وياجي واڻيو، وياج وٺڻ کان ڪين مڙندو. پنهنجي دوستن / مائٽن مان به ڪين ٽرندو.
(4) ستل ماڻهوءُ کان به ڪو ڪم سرانجام نه ٿيندو.
مطلب:

- متي ٻڌايل چئني تي ڀروسو / اعتماد نه ڪجي. نه ئي سندن ويجهو وڃي پاڻ ڦُرائجي.

**355.ڪَچُڙ واري ڪي چڏي، پيٽ واري جي ڳٽي نه ڪائجي. (پهاڪو)**

ڪَچُڙ يا ڪڇ واري ٻار جي پرگهور لهڻ ماءُ لاءِ اشد ضروري آهي. ڪاڏي پيتي، لٽي ڪپڙي ۽ صفائيءَ ستهرائيءَ لاءِ اهو اجا سندس محتاج آهي. ڇو جو ابهم کي اجا انهن ڪمن ڪرڻ جي سگهه ناهي.
پيٽ واري جي پلجڻ لاءِ، الله سائينءَ اڳوات ئي بندوبست ڪيو آهي. فطري نظام تحت ڪيس ڳهربل خوراڪ وغيره ملي ٿي پئي.
مطلب:

- معذور / محتاج جو خيال رکڻ گهرجي.
- ايندڙ کان وڌيڪ، موجود شيءِ جي پرگهور لهڻ گهرج.
- آنن ڦٽڻ کان اڳ، چوزا ڪين ڳڻجن.
- Don't count chiknes, before hatchet.

### 356. ڪنڌي ڪون پار، ڏُر قنڌار. (چوڻي)

گهر جي عالم پناهه / چوديواريءَ مٿان ناهيل ڪانن جي اولي کي ڪنڌي ڪوئبو آهي. جيڪا پردي يا پناهه خاطر ڏبي آهي. گهر پاتي، ڪنڌيءَ ڪان نڪتو تہ ڇڻ پري ٿيو. ايترو پري جيترو قنڌار پري آهي.

مطلب:

- گهران نڪري ويل عزيز کي پهرين ڏل ۾ ساربو آهي. نيٺ دل تان ياد بہ لهي ويندو آهي.
- ڪنڌارئون پار، ڏر قنڌار.
- جو چلهہ تي سو دل تي، چلهہ ڪان دور سو دل ڪان دور.
- ڪنڌي ڪون پار، قنڌارئون پار.

### 357. ڪوري چڙهيا شڪار، مولئي خير گذار. (چوڻي)

ڪپڙو اُٽي پنهنجو پيٽ گذر ڪرڻ وارا ڪوري، پنهنجي جوڙيل ڪپڙي کي وقت سر نيڪال ڪرڻ جي اون ۾ هوندا آهن، پئي سان سينو ساهيندا تہ گراهڪي خراب ٿيندن ۽ روزيءَ تي لت اچي ويندن. دشمني ڪرڻ سان، ڪپڙي جو وڪرو بند ٿي سگهي ٿو. مخالف باهہ سان ساڙائي بہ سگهن ٿا. رڪئي خراب بہ ٿي سگهي ٿو. انهيءَ اون ڪري، ڪوري ڪنهن سان بہ ڪين ڦٽائيندا آهن. سي شڪار وري ڪيڏانهن ڪندا؟

مطلب:

- ڪمزور، ڪڏهن بہ جهيڙو نہ چاهيندو آهي.
- چا ڪوري، چا ترارون.

### 358. ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شترا گهول پتاشا پيوي. (پهاڪو)

آڳاٽي دور ۾ هندن جا ڪي فقير، پاڻ سان مختصر سامان کنيو، اج هِن شهر سيان هُن شهر ۾ پيا هلندا هئا. ڪنهن جي مراد پُني يا عزيز فوت ٿيو، بنهي حالتن ۾ ڪانئس پتاشن جو شربت طلبيندا هئا. اهڙن فقيرن کي شترو سڏبو آهي.

مطلب:

- فقير هر حال ۾، اکيون ہوتي پيا مال وٺندا آهن.

### 359. ڪٽائو پٽ، پيارو. (چوڻي)

هر ماڻهوءَ کي ڪاميابي پسند هوندي آهي. دنيا جي ڪاميابي، ڏن دولت ۾ نظر ايندي آهي. هر ڪنهن جي ڪوشش ڏن ميڙڻ يا ڏن واري سان تعلق قائم ڪرڻ ۾ هوندي آهي.
پٽن منجهان بہ اهو وڻندو آهي، جيڪو ڪي ڪارائي. نڪمو پٽ بہ ڪنهن کي ڪين وڻندو آهي. ڪيس اتي تي چٽي سمجهيو ويندو آهي.

مطلب:

- اولاد بہ فائدي وارو وڻي ٿو.
- پٽ ڪٽيءَ وارو، ننهن لڏيءَ واري.
- پٽ ڪاڙهو، تہ بہ ڪاٿو پلو.

### 360. ڪلو، پنجون پير. (چوڻي)

دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي، دين ۾ رکيل آهي. دين تي صحيح نموني هلڻ لاءِ ڪامل مرشد يا پير

جي هٿ تي بيعت ڪرڻ ضروري آهي. پير جو چيو يا حڪم، هر ڪو مڃيندو آهي.
ڪير جيڪڏهن ڪو ڪم نہ ڪندو آهي يا جهيڙو نہ ڇڏيندو آهي تہ ڪيس چئبو آهي: "اٿئي ڪو پير مرشد ڪن نہ!؟"
اهڙيءَ طرح چئني طرفن ڏانهن ڪونہ ڪو مرشد مڃي، گهٽ ۾ گهٽ چار پير سمجهيا ويندا آهن. پير ڪان پوءِ وڏ ۾ وڏ حڪم ڏندي جو هلندو آهي. ان ڪي بہ پنجين پير جي حيثيت حاصل آهي.
مطلب:

- مار بہ هدايت جو سبب ٿئي ٿي.
- مار، ڀوت ڀڄايو ڇڏي.
- مار، ڏاتار آهي.
- عرشان لٿيان چار ڪتابان ، پنجوان لٿا ڏندا،
  ڪتابان اوهہ نہ ڪيتا، جو ڪيتا ڏندا.

**361.گابا هَرَ وهن تہ ڏاندن کي ڪير پڇي؟ (پهاڪو)**

هَرَ وهڻ لاءِ طاقت ۽ آزمودو درڪار آهي. جيڪو ڪنهن ڏاند ۾ تي سگهي ٿو، گابي ۾ نہ. گابو اڻ آزمودگار ۽ سيڪڙات هئڻ سبب، هَرُ نہ ڪاهي سگهندو.
ملهہ وڙهڻ بہ آزمودگار ملهن جو ڪم آهي. سيڪڙات ۽ ناتجربيڪار جو ڪم ناهي.
مطلب:

- وڇ، ڪير ڏئي تہ مينهن ڪير ڏاري.
- جنهن محفل ۾ پير مرد ناهي، ان ۾ ڪو نہ ڪو ڪم ضرور ڪري.
- پوڙهو اٺ، بہ ڪنوات لهي.

**362.گهوڙن جون لتون، گهوڙا جهلين يا ٻيڙا جهلين. (پهاڪو)**

گهوڙي جي لت، ڳوري ٿيندي آهي، جنهن ڪي لڳي تنهن کي اڌائي ڇڏيندي آهي. گهوڙا ڊوڙڻ وقت، جبلن جي پٿرن مان بہ چڻنگون ڪڍي ڇڏيندا آهن. گهوڙن جي لت يا اهڙي طاقت رڪندڙ گهوڙا جهلين يا اهي جنگي ٻيڙا جهلين، جن منجهہ جنگي گهوڙا ڪٽي هلبا آهن.
مطلب:

- گهوڙا ۽ ٻيڙا، وڏا بار ڪٽي سگهن ٿا.
- طاقت جو ايڪو (unit) گهوڙي جي طاقت (Horse Power) سان ڀيٽي لڳايو ويندو آهي.

**363.ڳنا آيون هارين ڪاڏا، ڀچڙ ڪاڏا جهار،**
**ڇا ڪٽي زميندار، تہ ڇا وٺي سرڪار. (پهاڪو)**

هڪڙن هارين ڪمند ڪاهيو. ڳنا پاڻ ڪائي ويا ۽ ڀچڙ مال ڪان ڀيلائي ڇڏيائون. ڪٽڪ پوڪڻ پڄاڻان آيون ۽ اَنُ پاڻ ڪٽي ويا. باقي ٿيلا جهار جي حوالي ڪري ڇڏيائون. ٻٽيءَ وقت نہ زميندار کي حصو ڏنائون ۽ نہ ئي وري سرڪار کي ڍل ڏنائون. جنهن تان زميندار ٽوڪ ڪندي ائين چين.
مطلب:

- وقت ڪان اڳي ملڪيت ڪائبي تہ ندامت ڏسڻي پوندي.

**364.لڪ جي ڇانءَ تي، ڪتو بہ ويهندو آهي. (چوڻي)**

لڪ روپئي جو ريزو، آڏين، پائلين، ڏهہ پيسين، ٻہ- پائين ۾ ڪرائي ڍير ڪجي تہ ان ڍير جي پاڇي

واري چانءِ ۾ ڪتو بہ آرام ڪري سگهي ٿو.
(2) چانءِ: لکن روپين جي قيمت واري آهي. جنهن جو قدر صحرائن ۾ هلندڙ ڪي هوندو آهي. اها بہ ڪتي جهڙي جانور کي مفت ۾ ميسر هوندي آهي.
مطلب:

- قيمتي شيون، قدرت طرفان مفت ۾ ميسر ٿيل آهن.

365.لک مري، لک پال نہ مري. (چوڻي)

لک پال: سخي مڙس جي ڪمائيءَ تي لکين ماڻهو پلبا آهن. جيڪڏهن عام رواجي لک ماڻهو مري وڃن تہ سندن لاءِ ايترو گڏيل ڏک نہ ڪيو ويندو آهي، جيترو هڪ سخي مڙس لاءِ ڪيو ويندو آهي. سخي الله ﷻ کي پيارو آهي، پوءِ ڀلي ڪٽي فاسق هجي. وقت تي سر ڏيندڙ هوندو آهي ۽ ڪنجوس وانگر قطعي نہ ڪسڪندو آهي.
مطلب:

- هڪ سخيءَ جو موت، لک عام ماڻهن کان وڌيڪ ڏکدائڪ ٿيندو آهي.

366.لوڪن کي لوڪ جي، ٻوڙي کي ڪنن جي. (چوڻي/پهاڪو)

هر معذور کي پنهنجي تڪليف ئي ياد هوندي آهي. سدائين پيو ان جو بيان ڪندو. معاملو کهڙو بہ هجي پر سندس ذهن جي سئي ساڳيءَ جاءِ تي اٽڪيل هوندي.ڪيس ٻي ڪا ڳالهہ سُجهندي ئي نہ. ٻوڙو، ڪنن کان اڳي ئي گهبرو، تنهن کي پنهنجي عذر سبب ڪن لاٿار بہ ڪرڻ پئي ڏانءُ ايندي. ماڻهو، عوام جي ڀلائيءَ لاءِ پيا سوچيندا ۽ رٿون رٿيندا. جڏهن تہ ٻوڙو، ڪن ڪڍيون پيو، ڪنن جي تدارڪ جي ڳالهہ ڪندو.
مطلب:

- هر ڪنهن کي پنهنجي تڪليف ياد هوندي آهي.
- پٽر پرائي، سيڪا روئي سور پنهنجن جا.

367.ماڙيچا، ڪنهن نہ پاڙيچا.
ڏکها ڏُوت، جيئري جِنّ، مئي پُوت. (چوڻي)

مارواڙ جي علائقي وارن کي ماڙيچو سڏبو آهي. سنڌ ۾ پڻ ذات آهي. قداور/ ڏکها ٿين ٿا. ڪنجوس اهڙا جو پاڙي ۾ نہ ويهارجين. پاڙي ۾ هجن تہ پاڙو ڇڏي ڀڄي وڃجي. ڇو جو هو پاڻ تہ لڏيندا ئي ڪونہ. جيئرا آهن تہ جنن وانگر پيا وڙهندا. مري وڃڻ کان پوءِ پوت ٿي لڳندا آهن.
مطلب:

- وس وارندي نہ ماڙيچن جي پاڙي ۾ رهجي ۽ نہ ئي ڪين پاڙي ۾ رهڻ ڏجي.

368.مالڪن کي ڀي اهو پيارو، چورن کي ڀي اهو پيارو. (پهاڪو)

مالڪ هميشہ چڱي شيءِ ڏارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. بيمار مال، ڪنهن ڪم جو نہ هوندو آهي. جلد ڪيس ڪاسائيءَ وٽ پهچائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. سهڻي جانور جي ٿهل ٽڪور بہ پئي وٽندي ۽ پيارو بہ پيو لڳندو.
چور کي بہ چڱي مال جي تاڙ هوندي آهي. جيڪو پڙيءَ تي پهچندي ئي چڱو منافعو ڏئي. بيمار ڍور کي ڪاهڻ مان ڪين کهڙو فائدو؟
مطلب:

- چڱي شيءِ، هر ڪنهن ڪي وڻي ٿي.
- ٻارن جي ڪيڏ پي اٿي، ڏائڻ جو گهر پي اٿي.

**369.ملان مئو، مهابو ٽٽو. (پهاڪو)**

مهابو: نيت يا صدقو ڏيڻ ڪي چئبو آهي. وڏن جي نيت، ماني يا ٽڪي مسيت جي ملان کي ڏبي آهي. هڪ دفعو شروع ڪرڻ کان پوءِ، وس ويندي بس نه ڪبي آهي. جڏهن ملان رحلت ڪري ويندو آهي ته پوءِ وڃي بند ٿيندي آهي.

مطلب:

- ملان جي وفات سان، ياري به ختم.
- دوستي، حياتيءَ تائين هوندي آهي.

**370.ملڪ وچ تپ تپالي، ته مَست موهر هالِي،**
**ملڪ وچ خير صليٰ، ته مار مستي جي مُنهن تي ڪلا. (پهاڪو)**

مَستيءَ نالي همراه کي هَرُ ڪاهڻ ڏانءُ نه ايندو هو، جنهن سبب ڪير به ڪيس زمين ڪاهڻ لاءِ نه ڏيندو هو. هڪ دفعي ڏيهه ۾ وڏي تپاوليءَ جي بيماري ٿي پئي. چڱا ڀلا هالي/ هاري بيماريءَ سببان گهرن ۾ ويهجي ويا. مستي چاق هو، جنهن ڪري مڙني زميندارن کيس زمين ڪاهڻ لاءِ ڏني ۽ هالي / هاري ٿي پيو.

تپاولي ختم ٿي. ٻيءَ مند تي سمورا هاري نوٻنا هئا. مَستيءَ کي هارپ تي زمين ڏيڻ لاءِ ڪنهن به نه چيو. نيٺ پاڻ زبان سان زميندارن کان گهريائين ته ڪنهن به نه ڏنس. جنهن تي چٽر طور ڏڪ مان ڪين ائين چيائين.

مطلب:

- ڏڪ ۾ غريب ياد، سک ۾ ڪير پڇيس ئي نه.
- جت وڻ ناهي، اتي ڪانديرو به درخت.
- پيٽيو: درياهه ۾ ڪال، ربوءَ جي ماءُ پي تاري.

**371.من مردار، حجتون هزار. (چوڻي)**

سست ماڻهوءَ جي دل ڪم کان پڳل هوندي آهي. ڪائڻ کان گتي نه هوندي اٿس. ڪم کان لهرائيندو آهي پر مطلب ڪيڻ خاطر، ڪوڙا دليل به گهڙي عذر ڏيندو آهي. جو جو هڏ- حرام هئڻ سبب، مفت جا مال پيو تاڙيندو آهي.

مطلب:

- ٽوٽي ماڻهو، گهڻا بهانا ناهيندو آهي.
- دل پڳي لاءِ، هزار بهانا.
- ٻانهن پڳو ڪم ڪري، ٽنگ پڳو ڪم ڪري، دل پڳو نه ڪري.

**372.نِرو پرو ٻئي تي نه ياڙجي، ڪجهه پنهنجي به ٻارجي. (چوڻي)**

لاهي پاهي ٻين جي آسري تي ڏندا ڏاڙيون نه چڏي ڏجن. ڪجهه پنهنجو هڏ به هلائجي. سنگت ۾ هڪ ڏينهن ٻئي جو ڪائجي ته ٻئي ڏينهن ٻئي کي ڪارائجي به. اڄ ٻئي کان ڪم ونجي ته سڀاڻي وري ان جو به ڪم ڪجي. نلهو ٻين تي ياڙڻ وارو، عنقريب محتاج ٿيندو ۽ پينو فقيرن وانگر صدائون هڻندو وتندو.

مطلب:

- ٻئي تي نہ ڀاڙ، پنهنجي ٻہ ٻار ۽ چاڙھ.
- ٻانهن جهڙو ٻل ناهي، اک جهڙي جوت ناهي.
- پيٽيو: هڏون نڪتو ڪار آهي.

**373.وات ڪاوي، اک لڄاوي. (چوڻي)**

وات جو ڪم آهي ڪائڻ. پوءِ جيڪو بہ مال مليس ۽ جنهن ڪان بہ مليس. جڏهن تہ اک هر مال جي نوعيت ۽ مالڪ بابت پئي لڄائيندي. پرائو مفت جو مال ڪائڻ وقت بہ وات جا ڏند پيا ڪُرٽيندا، جڏهن تہ اکيون ويچاريون پيون شڪي ٿينديون آهن.

مطلب:

- وات جو ڪم آهي ڪائڻ، اک لڄائيندي.
- ڪائي گلو، وجي ڪلهو.
- زبان چوي: "چنو منو!"
  نڙي چوي: "مون نہ ڏنو!"
- وات ڪائي، اکيون لڄائين.

**374.وڏي ڪني جي ڪروڙ ئي گهٽي. (پهاڪو)**

جڏهن ديگ رجهندي آهي تہ منجهس ڪرڙ بہ ٿيندي آهي. جيڏي وڏي ديگ هوندي، ڪرڙ بہ ان مقدار سان وڏيڪ هوندي. مالڪ پاڻ تہ پيٽ ڪائيندا پر ڪرڙ جي صورت ۾ فقير فقراءَ بہ پيا سواد وٺندا.
جڏهن سرڪار طرفان نوڪرين جي ديگ چڙهندي آهي، تڏهن وڏيون نوڪريون تہ ڪامورا ۽ سياستدان پنهنجن کي نوازڻ خاطر والاري ويندا آهن پر ننڍيون نوڪريون، ڪُتِ خلق کي يا اهليت رکڻ وارن کي مفت ۾ ملي وينديون آهن.

مطلب:

- وڏي ميراث جي ورهاست مان، نادار ماڻهن کي بہ حصو ملي ويندو آهي.

**375.هڏون، نڪتو ڪار آهي. (چوڻي)**

هر ڪم، هڏ هلائڻ سان سر انجام ڏئي سگهبو آهي. هڏ- رک ٿيڻ سان هٿائين ڪمزور ٿبو آ. نہ هڏن ۾ طاقت ايندي، نہ ئي ڪم ڪاريون تي سگهندا. سست ۽ ٺوٺي ماڻهو، ڪم نہ ڪرڻ سبب روزي رزق نہ ڪمائي سگهندو آهي. جنهن ڪري معاشري ۾ سندس عزت نہ هوندي آهي. سدائين ٻين جو محتاج هوندو آهي.
ان جي برعڪس، ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو، شان مان سان رهي ٿو ۽ ٻين جي محتاجيءَ کان بہ آجو رهي ٿو. ڪيس ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگڻو نہ ٿو پوي.

مطلب:

- محنت ۾ عزت آهي.
- Dignity is in Labour
- پيٽيو: ٻِرو پرو ٻئي تي نہ ڀاڙجي.

**376.هڪ راڏي، هر ڪو چڏي. (چوڻي/پهاڪو)**

هڪڙو راهيل فصل، زندگيءَ ۾ هر ڪنهن کي چڏڻو پوي ٿو. فصل ڪاهڻ / پوکڻ کان پوءِ مري

وڃڻ وارو، اهو فصل نہ ٿو ڪٽي. البتہ ٻيا يعني سندس وارث ڪٽڻ ٿا.
مطلب:

- آخري محنتاڻو، هر ڪو ٻين لاءِ ڇڏي ٿو.
- فصل جي نقصان تي ارهو نہ ٿجي.

**377.هڪ سهٽي زبان، ٻيو سونو ڳهُه،**
**پوءِ ڪير نہ رکندو ڳهُه؟ (پهاڪو)**

هڪڙو همراهہ هڪ ڪتو ڪاهي بازار ۾ آيو. ڪيس پئسن جي ضرورت هئي. ڪتو ڳهُه رکي، پئسا وٺڻ پئي گهريائين. ان لاءِ وچ بازار ۾ بيهي چوڻ لڳو: "آهي ڪو ڪميٽو! جيڪو هيءُ ڪتو ڳهُه رکي!"
سندس اهي اُگرا الفاظ، ڪنهن کي بہ نہ پئي وڻيا. تنهنڪري ساڻس ڪنهن بہ نہ پئي ڳالهايو. آخر هڪڙي دڪاندار، ٺهڪ ڏيندي چيس: "هڪ سهٽي زبان، ٻيو سونو ڳهُه، پوءِ ڪير نہ رکندو ڳهُه!"
مطلب:

- مٺي زبان سان، ٻين مان ڪم ڪڍبو آهي.
- اُگري زبان سان، پنهنجو حق بہ نہ وٺي سگهبو آهي.

**378.هنگي هروءِ ماءُ، ڪاڄُ ڪِنُ ڪيو. (پهاڪو)**

هروءِ ماءُ نالي هڪ ڪنجوس عورت هئي. جنهن پٽ جي شاديءِ ۾ بہ وڏي ڪنجوسيءَ کان ڪم ورتو. ڄڃ کي تہ خوار خراب ڪيائين پر مَڃَ وارن کي بہ وڏو ذليل ڪيائين. جنهن سببان سندس تيار ڪرايل طعامن ۾ سواد نہ رهيو. ڪنهن بہ گرهہ نہ هنيس. وڏي گلا ٿيس. آخر ۾ سندس لاءِ ائين مشهور ٿيو.
مطلب:

- پڪائيءَ / ڪنجوسائيءَ سان کيل ڪم، بہ بگڙندا آهن.
- ڪنجوسائپ، بدناميءَ جو سبب ٿئي ٿي.

**379.يار اڄن، ڇيچڙا وڪامن. (پهاڪو)**

ڪاسائي، ڇيچڙا وغيره نيڪال ڪرڻ لاءِ واقفڪار ۽ سنگتي تاڙيندو آهي، جيڪي تور وقت ڪُرڪن ئي نہ. هو مروتا ساڻس سنا هلن ۽ هيءُ عادتا کين ڪسي ڪاندي شيءِ ڪٽائي ڇڏي. نہ بعد ۾ هو ڪيس ميار يا ڏوراپو ڏين. نہ پر پٺ گلا ڪن ۽ نہ ئي گراهڪي ڦٽائي وڃن.
مطلب:

- دڪاندار هجي يار، ٻيو دشمن ئي نہ ڏار.
- واٽيو، واقفڪار کي ٺڳيندو آهي.
- يار آڻ تي ڇيچڙي ٻِڪ جاڻ. (پنجابي)

**380.يار ڳنڍي نہ ڳنڍي، اسان ڍهيسون پئي ڳنڍي. (پهاڪو/ورجيس)**

يار، اسان سان ياري پلي نہ ڳنڍي پر اسان ساڻس ڳنڍيندا رهنداسين. ثبوت جي طور تي، هُج ۾ سندس يارِ مان پلال جا ڳنڍا يا ڳنڍيون يا ٻِندون، پنهنجي مال واسطي پيا ڍوهيندا / ڍوئيندا رهنداسين.
سنگت مان چالاڪيءَ سان مطلب پورا ڪرڻ واري کي ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.

مطلب:

- يار ليکي نہ ليکي، اسان يار جي ليکي.
- هُت ڄڄ نہ سڄاڻيس، چيءِ: ”گهوٽ پڪي آهيان.“
- هو سودو نہ سلي، هيءُ اٽل گهري.
- هُتِ زمين ۾ گهيڙين! هيءَ چيءِ: ”منهنجي پٽ جو ٻيو لاپو!“
- هو سوڙ پاند نہ ڏين، هيءَ وچ ۾ سمهندي.
- هو ساڻ نہ نين، هيءَ ڏاند تي چڙهندي.

# ڏسٽي

1. آ ڏکڻ ڏيهي، وچ هانوَ ۾ پيهي.
2. آڱر ۽ آڱوٺي ۾ وٿي آهي.
3. آڱرين کي ٻه سنڌ آهن.
4. آنڊا ڪنهن کي ڪؤڙا آهن؟
5. ابو اما، لاطمع.
6. ابو، امڙ تي وريام.
7. ابي ڏاڏي ڪار، نا ڇڏجي ناڪئا.
8. اباوڙي جي ٻولي : دبي ۾ ٺڪريون.
9. اٽر جو ڏيکو : لاڙ جو ماڻهو.
10. اٺ جو پويون آسڻ، سهنجو.
11. اٺ جو لاڏ : ڪجائو ٿوڙي.
12. اڄ جو يار، آئنده جو استاد.
13. اڄ جي ڳٽتي، اڄ تائين.
14. اڄ عيد، سيان غيد، پرينهن پچيءَ جا پيالا.
15. اڇي ڪپڙي تي داغ، جلد چڙهي.
16. اڍائي جهڳا مهتمن جا، نانءُ شاه پور.
17. اره زورائي ڪرڻ : ڪير ۾ موري وجهڻ .
18. استاد، ماءُ پيءُ ٻجاءِ.
19. اصل کان خطا نه ٿيندي، بد اصل کان وفا نه ٿيندي.
20. اعتبار نه ڪجي، اوير جي واءَ تي، ماٽيلي ماءُ تي، سرڪي سڳي ياءُ تي.
21. اعتبار نه ڪجي، مڙس پانڌي تي، ڏاند ڌانڌيي تي.
22. اڪ لهي لک، نم لهي نيل، پپل لهي پدم، ٻڙ جي ٻها ئي ڪانهي.
23. اڪ اوڀر، پهاڙ اوڀر.
24. اڪ ڏٺي مک، ڪير نه اڳردو آهي.
25. اڪ ۾ ور، ٻار ۾ ور.
26. اڳلي ڪوڻ، پڇلي نهين پڄدي.
27. اڳيان پي، پويان سور.
28. اگهاڙي ڪني، ڪانون هاب.
29. اگهه بازار، ٻوها پي جوار.
30. "اگهه ڪنهن وڌو!؟" چي: "جنهن جا ٻچا رات لنگهڻ تي وينا!"
31. ال اڏريا، ڪانهن نسريا، سانوڻ مند پوري.
32. الف شاه غازي، پيچ ڪتي جي بازي

33. اما ابو، بي لبو
34. اميدواري وٽان، نا اميد نہ ٿبو آهي. نااميد واري وٽان، اميدون پوريون نہ ٿيندون آهن.
35. انڌو دوزخي، ٻوڙو بهشتي.
36. انڌي پيڪين پڳي، نہ پڳي جيهي.
37. انڌي ڪرين خيرات، ول ول ڏيون آپڻيين ڪون.
38. اڻ سهندا بار، انن پيي اڇليا.
39. اڻ گهريي ملي تہ کير، گهريئي ملي تہ نير، ظلم سان ملي تہ خنزير.
40. اڻ هوند تي، لعنت.
41. اوٺن جي قبرن تي، نہ ڏُڀَ نہ ڇانءَ.
42. اوڏر جا ٻيٽا بہ ٻَنِ پون.
43. اهو پاڙهيو ئي ڪڏ پوي، جو ڇورا ڪاري.
44. اهو ڪيس ڪهڙو، جو ضامن پوي چور، جيڪو موڙي منهن تي، سو سين ڪان زور.
45. اهي ڳري ڪين ڳرن، جي قائم رهن ڪير سان.
46. باندر بيوقوف جي پلائي بہ سر وجائي
47. باهہ ۽ بلا تي، ڪنهن جو آ پروسو.
48. بختاور سو، جنهن جي گهر مهمان آيو.
49. بدو بد بلا، تنهن کان سانوڻ پلا.
50. بزدلي، غربت جي پيڻ.
51. بڪئي جي ياڇي هارجي پئي تہ رکي ڪئوندو.
52. بندو اُپاءُ ڪري، ڏٽي شفاءُ ڪري.
53. بيماري ايندي آ ڊڪ، ويندي آ وڪ.
54. بيوقوف بازار ۾، ساٿي نہ ڪٽجي ساڻ،
اول ڪٿائي پاڻ، پوءِ ثمر ڏئي ساٿيءَ کي.
55. ٻار، ڄمڻ سان ابو نہ ڪندو آ.
56. ٻارهين ڪوهين، گهر سُجهي.
57. ٻاهريان اڇٽا وڄٽا، تَرُ راضي رکجي.
58. ٻُڌِ ٻوڙي، سمجهہ ڪنڌي.
59. ٻڪرين ۾ نهر پيو، ڪتي کي هنگڻ آيو.
60. ٻني ۽ وني، ڪنهن پاڙيي جي پيلبي آهي.
61. ٻين سان پنج، يارن سان ڪيها پنج؟
62. پاڙي، پجٽو.
63. پاڙي پاءُ ڪان، ڪٿ خالي پلي.
64. پاڳا پائيوارن لهٽا، توڙي هجن اڏ جا ڪانا.
65. پاڳو ڪوني چڙهي ڪجي، ورهائجي ڪنڌ ۾.
66. پاءَ پاون جا، ڇچڙ ڪانون جا.

67. پِٽ آئري تي ويندي آهي.
68. پَٽُ پِٽِ تائين، چانور چانئٺ تائين،
جوئر درياه پر تائين، ڪٽڪ درياه جي اوٺ موٺ تائين.
69. پَٽَ جو اڳ، لٺ جي پُٺِ.
70. پَٽَ جي آسري، درياه ۾ نہ گهڙجي.
71. پڳي ٻانهن، ڳل سان ٻڌبي آهي.
72. پڳي پڳي ڏونگري، تائين پاندي پڄڻ لائق.
73. پڳي جو پاڳو، ڪونهي.
74. پونگا جنين پينگ، سڄڻ تنين سامهون.
75. پونءِ ڦرندي، پاڳ لڳي.
76. تتي دانگي، دشمن پي نہ وڃي.
77. تنگواني، تنگ ماني.
78. تن گهرن جون ڪيهون ساڪون، ويچن ٻير تي ڪاون ڏاڪون.
79. توڙي سڄ ڪاپار، تہ ٻہ انڌيءَ اونداهي نہ لهي.
80. ٽر ڏلهي تہ سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي تہ ڪير جهلي.
81. ٽُڪَ ۽ وِڪَ، مڙسن ڪان نہ وسرندي آهي.
82. ٽڪيي ڪي، جُتِي ٻہ ٻار.
83. ٽُنڊن ۾ مَنڊو، پهلوان.
84. ٺڪ ٺونا، جليبي ڪاءُ، جرمن مئو اسان جو ڇا؟
85. ٺل، آهي ڳل.
86. پاپيءَ جو پير، ٻارنهن هٿ ٻنيءَ ۾.
87. پاڻ گواهہ هججي تہ گوال نہ گهلجي.
88. پَٽِ واري جهڙو شاهوڪار ڪونهي، ٻي پٽيي جهڙو ڪو سڄو ڪونهي.
89. پٿر پنهنجي جاءِ تي ڳورو آهي.
90. پناٽن آئي، پارسي وسريو وڃي.
91. پني مار، پيٽ نہ مار.
92. پنيءَ پويان هٿ وريا، تہ پوءِ ڏڪ جي ڪهڙي پارت؟
93. پڇن، سي پسن.
94. پڇن، سي وير.
95. پرائي ٻار مان، ٻڪ پرڻ سولا.
96. پرائي ٻري، ڪير مري؟
97. پرائي مت، اڌاري اڪ، وهائيءَ جي توڻ، ڪنهن ڪم نہ اچي.
98. پرائي مينهن جو اوهُ، وڏو نظر ايندو آهي.
99. پرٽي ڪان پوءِ، لڄ ڪونهي.
100. پگهر نڪرڻ بنا، پئسو نہ ٿو ملي.

# اُترادي پهاڪا ۽ چوڻيون

.101 پنهنجو ڪٽ تي ويهاري، ڏاريو ويهاري ڪيڙهيءَ ۾، ته به ڪيڙهي واه واه.
.102 پنهنجي گهٽيءَ ۾، ڪتو به شينهن.
.103 پوک جي هڪ آهي ڪيڙي، ٻي آهي ميڙي.
.104 پوهن راڏي، مانگهن ڪاڏي.
.105 پوه نه ڳڏئي ٻڪري، مانگهه نه ڳڏئي ڏاند،
پڇي وٽ ڪريندو: ٻڪري! تي وٽ ڪريندو: ڏاند!
.106 پوه، هڪ ڪاءُ ٻي جهوءِ.
.107 پيٽ بک مري، چُتِ راڳ ڪري.
.108 پيٽ جي مار، خبر نه چار.
.109 پيٽ، ماڻهوءَ جو دشمن آهي.
.110 پير سڳوري بيشڪ پلي، خاص خليفي نڪر نلهي.
.111 پير ويهارڻ گهر ۾، هٿ وجهڻ سر ۾،
نانگ وجهڻ ور ۾، ٽيئي جڏا ڪم.
.112 پيري، بيماريءَ جو گهر.
.113 پيري، عيش عشرت ڪي نه ٿي ڏڪاري،
عيش عشرت، ٿي پيريءَ کي ڏڪاري.
.114 جاڏي ويا شير، تاڏي ويا ڍير.
.115 جاءِ، زال ۽ زمين کي جيترو سينگار، اوترو ٿورو.
.116 جَٽُ، ٻي پَٽِ، مار گهت يا اڳون لاتي وَٽُ.
.117 جتي گپ گهڻي، اتي هاٿي به ترڪن.
.118 جن جاتي ڄاتو، تن تاتي پاتو.
.119 جنهن اَنُ چڙيو، تنهن قبر کي ڪن هنيو،
جنهن پاڻي چڙيو، تنهن قبر کي ماڻي چڙيو.
.120 جنهن شيءِ کان نفرت هوندي آهي، سا ئي آڏو ايندي آهي.
.121 جنهن وٽ عهدو، تنهن جو رتبو.
.122 جنهن هٿ گل ڪيرايا، سو ڳچيءَ ۾ هار به وجهي سگهي ٿو.
.123 جو ڊڄي، سو مري.
.124 جو ڪاڪ چڙهيو، سو مالڪ.
.125 جن کان سواءِ سري نه ساهُ رَتي نه رُسجي تن کان.
.126 جنهن جي ساکن جو سهي، تنهن جا ڏند ڇا ڏسبا؟
.127 جوڳيءَ کي پٽ نه وسريو هيو، نانگ کي پڇ نه وسريو هيو.
.128 جَوَن جي ماني: جواب جي نشاني.
.129 جو هٿ ڪري، سو هٿ پائي.
.130 جوئر جو اٽو: نه شاديءَ جو نه غميءَ جو.
.131 جهڙا استاد، تهڙا شاگرد.

132. جهڙا چانهہ، تهڙا ٻچانهہ.
133. جهڙو وڻ، تهڙو ڦر.
134. جيترو ناٽو، اوترو فطراٽو.
135. جي تون بند ٻنڌاٽي تہ مان شينهن شينهاٽي،
جي تون چور چوراٽي تہ هيءَ گڏه، هيءَ واٽياٽي.
136. جيسين سوٽا سڪن، تيسين ٻڪر ٻڪ مري.
137. جيسين لونگ لڪڻ پچي، تيسين ڪرهو ڪيچ نڪري وڃي.
138. جيڪب آبادي، نر نہ مادي.
139. جي ڪڙمي ڪٽي ٻار، تہ بہ ڪٽا رهن ڪيترا.
140. جيڪو اڃن ۾ ڪري، سو ڪنهن تان بہ نہ ٽري.
141. جيڪو پوکبو، سو لڻبو، جو ڪٽبو، سو ڪائبو.
142. جيڪو مري جمعي خميس، تنهن سان ڪهڙي ريس؟
143. جيڪي پايون نہ سنياريندا، سي روپيا ڪيئن گڏ ڪندا؟
144. جيندا، هڪ ڏينهن ملندا.
145. ڄٽ جي ياري، گلم جو زيان.
146. جهڙ جهيڙا، سدا نہ رهندا.
147. جهيڙو جهيڙ، ڪُجهيڙو نہ جهيڙ.
148. چپر لڳندي، تہ چوڙ بند ٿيندي.
149. چغلي، جهيڙي جي ماءُ آهي.
150. چڳي پلي جي ٽُنهن، ٻرَ ڏي مُنهن.
151. چنڊي جي قبر، پري کون پڌري.
152. چنڊي جي ماني، دانگيءَ تي سڙي.
153. چور چوران دي پائي، چوران سُڌِ نہ ڪائي.
154. چورن جا ڪپڙا، ڏانگن جا گز.
155. چُهڙڪي ڪاتي: حلال ۾ بہ وهي تہ حرام ۾ بہ.
156. ڇا گڏهہ، ڇا گلقند؟
157. ڇتي گداڙي، پنهنجي پڇ ۾ وجهي چڪ.
158. ڇُتاٽي، ڪِاتي- لڙيو.
159. ڇڄ پڌي، ڪارو پڌي، پروڻ ڇو پڌي، جنهن ڪي سَوَ ٿُنگ.
160. ڇڏيليءَ ڪان، ڦڪيلي پلي.
161. ڇنڊڇاڻ سان، اگر سچا يا لهر سچا.
162. حاڪم تہ گرم، ڪچٽي تہ نرم.
163. حسد جون اکيون، انڌيون.
164. حق جي مار، خبر نہ چار.
165. حلوي کائڻ لاءِ بہ وات گهرجي / ڏند گهرجن.

166. حياتي وڏي، چاڙهو ڪونہ.
167. دال، غربت جي ڍال.
168. داڻو هڻ هڻ تہ لغام بہ هڻ هڻ.
169. درياهن جا منهن، ڪنهن بند ڪيا آهن؟
170. درياهن ۾ ڪال، ربوءَ جي ماءُ پيي تاري.
171. دشمن نہ هجئي تہ گهر ۾ ٻير پوک.
172. دڳ ويندي سر سُوتي، سو پيي ڪَپُوتي،
نيچا ڀهي اونچا مُوتي، سو پيي ڪَپُوتي.
173. دل جو انڌو: دين کان محروم.
174. دل جي ڳالهہ، دلي دوست سان بہ نہ ڪجي.
175. دلي، ڪنهن نہ جهلي.
176. دلي ۾ داڻا، ڪُڏن ڪُناڻا.
177. دنيا کي هڪ ڏينهن ڇڏڻو ضرور آهي،
پانڊو جو گهڙيو، سو ڀڄڻو ضرور آهي.
178. ڏاريجن کان ڏار، ٻارو پوکجي ٻاهر.
179. ڏاچي، ٻچو نہ سڃاڻندي آهي.
180. ڏاڍو ماري، رووڻ پيي نہ ڏئي.
181. ڏاڍي تي چڙ چڙهي نہ، هيٺي تان لهي نہ.
182. ڏاڍي نال وَپَار، ڏيندي گهِندي: سائين!
183. ڏاهپ /حڪمت، قدرتي نور آهي.
184. ڏک، ڏبرو آچار.
185. ڏندوءَ جي زال، سدائين نهال.
186. ڏوهل، سدائين ڏٻري
187. ڏهڻ آ سو پيرا، کهڻ آ هڪ پيرو.
188. ڏهون گهر، ڏائڻ بہ اورانگهي.
189. ڏيڏر ٽپ جوئار، ڪوئي ڪوئي ٽڏا واڙ.
190. ڏيڻ تان وڏو ڏاج، پر ناهي مٽ نِوڙت جو.
191. ڏيڻ لهڻي کي نہ پڄي، لهڻو ڏيڻي کي نہ پڄي.
192. ڏيڻ، هيانءَ هينان آهي.
193. ڊاڪٽر سچا ٿين تہ، ٻوڙا بہ ٻڌڻ لڳن.
194. ڊينگهر ڪنئي سو ليکو، پڄر ڪنئي هڪ ليکو.
195. ذهانت ڪنهن جي ميراث ناهي.
196. راڄ ستار، ڪاسبي انار.
197. راهيندڙ، لڻندڙ .
198. رت، راڻو آ.

199. رُنا يار، گراه ڳڻين.
200. رني جو پاڳو، منو.
201. رڍ بگهڙ ڏسي، ڏنار ڏانهن پڇي.
202. رڍ ڏئي ڪير، اهو پيي قيگڻين هاٿو.
203. رنان، مکر منان، تر تر تال ڪرن.
204. رن ٻڌندي وجي، نينهنگ نپوڙيندي وجي.
205. رن رُلي تہ پلي، ڏاند رُلي تہ ڪُلي.
206. رن زال جو ٻيٽو، نہ مَنُهِ وينو نہ مڪارڪي وينو،
انهيءَ کي عقل وري چُتِ ڏانهون ٻينو.
207. رن نہ رلي، تہ ماريو چو پلي؟
208. روپو جنهن رد ڪيو، ڪوڙ تنهين کي ڪک.
209. روهڙائي روه تي، ننڍا وڏا ڊوه تي.
210. زال تہ سهڻو گهر، نہ تہ آهي بر جو بر.
211. زالن جو مڙس هڪڙو، مردن جو مڙس ڪو ڪو.
212. زبان، زر، زن، جهيڙي جو ڪارڻ.
213. زوريءَ ياري رکڻ، بنا صلاح پَٽُ چکڻ،
ٽڪ هٽي ڏاڙهي مکڻ، ڳئي اگهاڙي متو ڍڪڻ: چارئي خراب لچڻ.
214. ساڏن جو چا سواد سان؟
215. سيان پوندو سيءُ، ڏکنديون ڏهاڳڻيون،
پاسي جنين پيِ، ولهہ نہ ويجهي تن کي.
216. ستل آهي مئل مثل.
217. ستل اون مئل، هڪ مثال
218. سچي کي، نہ هينين واٽ پؤ نہ متين.
219. سچي ڳالهہ، هميشہ ڪؤڙي لڳندي آهي
220. سر ڪار، اونڌي ڪوپري.
221. سِرُ وجي، سِرواه نہ وجي.
222. سفر، آهي سقر.
223. سڪ سمهہ ڙي ڪنيار، تنهنجا ڪچا ڪير نہ نيندو.
224. سڪ سمهن ڪنيار، چور نہ چائن متي.
225. سڪڻ ۾، کهڙو شرم؟
226. سڪڻو ڦيڻو، سور ٻيڻو.
227. سڪيي ستابي پاءُ ڪان، پنهنجي ايري سيري پوڪ پلي.
228. سگ سوگها، ساڪئون سچا.
229. سنجهي جي مئي کي ڪيترو روئبو؟
230. سندي ساٽيهہ، کهہ ڪتوري پانئيان.

231. سوال، ٻہ- مُنهين ترار.
232. سُوڌا هجن سپرين تہ جُوتا پيا جک مارين.
233. سون ڪٽندي، ڪهڙو بار؟
234. سهري گهر ڄاڻو، ڪتي جي آچار.
235. شراب جو نشو، آڌي رات تائين،
عشق جو نشو، تاحيات تائين.
236. شڪارپور شهزادي، اچي نر ٿئي مادي.
237. شڪارپور شهزادي، ڏيهان ڏيهہ مشهور.
238. شڪارپوري، نيت بري،
ڏيکارين ٻاجهہ، ڏين ٻُري.
239. شينهن جي ڪتيي ۾، گدڙ بہ پائيوار.
240. صالحن جي صحبت، پارس مثل آهي.
241. صبح مردان سان، الله نبيءَ جو نالو ڳنهجي.
242. صبح مردان سان، واتان ڪڍجي چڱي وائي.
243. صبر سان موتي ٿئي، سِپَ ۾ قڙو.
244. صحت جو قدر، بيمار کان پڇو.
245. صحيح ادب، حياتيءَ جي تنقيد آهي.
246. صفر جو ڄائو، سفر ۾ ئي رهندو.
247. ضد واري جاءِ تي، ڌڪَ پٽي ڏسندو ڪير؟
248. عاشقن ٻڌيون ڪمرون، دلي اڍائي ڪوهہ.
249. عالم اهو، جو عامل هجي.
250. عزت / ذلت، رب جي هٿ آهي.
251. عشق، هٽ بازار جو سودو ناهي.
252. عقلمند دماغ سان ڳڻ، خاموش زبان بہ هوندي آهي.
253. عقلمند سوچي پوءِ ڳالهائي، بي عقل ڳالهائي پوءِ پڇتائي.
254. علم، انسان جي ٽين اک آهي.
255. علم جيترو ڪپاءِ، اوترو وڌي.
256. علم نہ ڄاڻي ذات، هنر نہ ڄاڻي پات.
257. عورت تہ گهر، مرد تہ هر.
258. عورت جو مرڪ آهن چار چيز: چڪي، چلهہ، چرخو، ۽ چادر.
259. فلاسافر مري ويندا، فلسفو نہ مرندو.
260. ققڙ نہ گوشت، ڪافر نہ دوست.
261. قيري رک فقير، هٿ پنهنجي هانو تي.
262. قسم، نہ ڏني چڱو نہ ورتي چڱو.
263. ڪاتي احمد ميان سومرو، ڪاتي گوشو ڊرائيور.

264. ڪاٺ جي ڪني، باه تي صرف هڪ دفعو چڙهي.
265. ڪاڏي الله جي اِلاهي، ڪاڏي جهلار جا مُنا؟
266. ڪارو نانءُ ڪانون جو، ملڪ ڦري ويا ڦيرا.
267. ڪاريهر جي ٻرَ مٿان جيڪو لنگهائي لنگهہ،
جي نہ ڪُڙڪائي ڄنگهہ، ڪاريهر ڪيئن ڪونجي؟
268. ڪاز ۽ باز ڪي پَرَ ٽين، پر هر هڪ جي پرواز پنهنجي.
269. ڪال ويسي، سڪال ويسي،
چُتِ سڙي دا، داڳ نہ ويسي.
270. ڪانءُ ڪراڙ، ڪتي تي، پٽ نہ ڪجي سُتي تي.
271. ڪاٽي سڏي سجيءَ ڪي: "اڙي او انڌي!"
ليس هريڙ نہ هٿ ۾، ڪنيو وتي ڪنڌي!
272. ڪپڙو ڏوئڻو نہ هجي تہ پسائجي نہ.
273. ڪَچُڙ واري ڪي ڇڏي، پيٽ واري جي ڳُڻتي نہ ڪائجي.
274. ڪر ڪار، تہ ڪانئر نہ ٿئين،
ڪارئون نہ پانءِ، تہ ڪافر نہ ٿئين.
275. ڪمي ڪنئري هجي ها تہ پهرين گدڙ ڪائنس ها.
276. ڪميٽي ڪاڏو ڪانءُ! چي: "پڪي ڍنڍ جو!"
277. ڪنڌ ڪوٽ، وَلِ نہ موٽ.
278. ڪنڌي ڪون پار، ڏُر قنڌار.
279. ڪنهن جو ڪلڻ بہ ڪيٽ، ڪنهن جا ويڻ بہ ورونهن.
280. ڪٽي ۾ نڪتل ڪنوار، پرائي پچار: آهن ذائقا زبان جا.
281. ڪو ڏني ڪري ستاري، ڪو اڻ-ڏني ڪري خواري.
282. ڪوري چڙهيا شڪار، موليٰ خير گذار!
283. ڪوري ڇا ڄاڻي ڪباب مان؟
284. ڪوئلن جي دلاليءَ ۾، هٿ ڪاري جا ڪارا.
285. ڪوئي مري، ڪوئي جيوي، شترا گهول پتاشا پيوي.
286. ڪاٽيل ٻلي، چلهہ جي ويجهو نہ اچي.
287. ڪتائو پٽ، پيارو.
288. ڪلو، پنجون پير.
289. گابا، هَرُ وهن تہ ڏاندن ڪي ڪير پڇي؟
290. گدڙ ڪي هر ڪو سڃاڻي، گدڙ ڪنهن ڪي نہ سڃاڻي.
291. گڏه تي ٻورو پلو، مڙس تي ٿورو پلو.
292. گڏه گهوڙو نہ ٿئي، توڙي سونا وڃهجنس سنج،
پاٽيون وڃهجنس پنج، تہ بہ ٻوڙيو وجي گونهن تي.
293. گيد گيدليءَ جا پار: ڳوهي اٿو، ڪوهي وار.

294. ٻَل رکبو آهي ٻُوڙهو، وِهَ جو پربو آهي ڏِڪ.
295. ٻَنا آپون هارين ڪاڏا، پچڙ ڪاڏا جهار،
چا ڪٽي زميندار ته چا وني سرڪار؟!
296. ٻُڻ ڪجي، ٻُڻ پرڪجي، ٻُڻ ڪجي ٻُٽهار سان،
بدوءَ بيڪار سان، ڪيو ئي ڪلر ۾ وڃي.
297. ٻُوٽ ۾ هجن ئي ست گهر ته ڏائڻ ڪهڙو تاري؟
298. گهرج ڏاران ٻولڻ، ابروءَ جو زيان.
299. گهُنيي راڏي، گهُنيي ڪاڏي، اجا ئي گهُنيو فريادي!
300. گهٽي نه ڏاپائي، ٿي ڏاپائي.
301. گهوڙن جون لتون، گهوڙا جهلين يا ٻيڙا جهلين.
302. لال نه لوءِ، هڪڙا اڳي هڪڙا پوءِ.
303. لاهن ڪان لاڙو، ڪيو ڪين جنهن،
هَرُ، ڪِلِي ۽ ناڙو، ٿيئي تنهن جا زيان ٿيا.
304. لب لعنتير، طمع حرام.
305. لڪڻ لائو، ڏاند پرائو.
306. لڪ- پتي ڪتي، پَتِ- پتي نه ڪتي.
307. لڪ جي ڇانءَ تي، ڪتو به ويهندو آهي.
308. لڪ مري، لڪپال نه مري.
309. لوڪن ڪي لوڪ جي، ٻوڙي ڪي ڪنن جي.
310. ماتا، ماري يا ڪاري.
311. ماڇڪو ڪتو، سوئر جو ساٿي.
312. ماڙيچا، ڪنهن نه پاڙيچا،
ڏِگها ڏوت، جيئري جِنَّ، مئي پوت.
313. ماڪوڙن جي گهر ۾، مڙيوئي ماتام.
314. مالڪن ڪي پِي اهو پيارو، چورن ڪي پِي اهو پيارو.
315. "ماما ولو مينهن ڏي!" چي: "حاضر بابا! عيد تي!"
316. مانجهاٽي، منجهند تائين.
317. ماٺهو آ، مهل جو.
318. ماٺهو جنهن جو مال، تنهن ڪي ڪهڙي ٻَالهه جو ڪال؟
319. ماءُ جي گود، پهريون استاد.
320. مٽ نه ماءُ: پِنُ ۽ ڪاءُ.
321. متيءَ متيءَ جو پنهنجو ميناجُ آهي.
322. محبتي: محنتي.
323. مُڏي وِڍي تڪيءَ ڪي، تڪيءَ ڪهڙو تاءُ؟
324. مرد جيترو اُلجهندا، اوترو ٻُجهندا،

عورتون جيترو اُلجهنديون، اوترو مُنجهنديون.
.325 مرد جي دشمن ڪتائي، عورت جي دشمن منائي.
.326 مڙسن لاءِ زالون ڪوڙ.
.327 مڙسن لاءِ ٻيلو ٻہ ٻرانگهون
.328 مشغولي، ضابطي جي ڪنجي.
.329 معاملا اسرندا ٻہ، نبرندا ٻہ.
.330 مڪو، آ پڪو.
.331 ملان مئو، مهابو ٽٽو.
.332 ملتان، پيرن جو استان.
.333 ملڪ وچ تپالي تہ مَستي موهر هالي،
ملڪ وچ خير صليٰ، تہ مار مستي جي منهن تي ڪلا.
.334 من مُردار: حجتون هزار.
.335 موت مند ناهي، تائب ٿجي تڪڙو.
.336 ميرپور منڊي، چانڊاڻ چنڊي، عودي سنجن سوڏي،
نل ڏنو نڪاءُ، هلي ڏسو ڳڙهيءَ جو لقاءُ!
.337 مينهان چاري سنجر فقير، ڪير ڪا وجن ڪوٻلي.
.338 مينهان ۽ نينهان، ٻئي اڪر هڪڙو.
.339 مينهن ڪندي پلي، زال ننڍي پلي.
.340 ناداني: وڏي مفلسي.
.341 نانگ کي مَنڊُ لڳي، ڳوہ کي نہ لڳي.
.342 نانوائيءَ جي اڳياڙي: ڪاسائيءَ جي پڇاڙي.
.343 نر شينهن، رڍن جي لشڪر ڪان نہ ڊڄندو آهي.
.344 نر ننگو، ناري لڄ.
.345 نِرو پِرو ٻئي تي نہ ياڙجي، ڪجهہ پنهنجي ٻہ ٻارجي.
.346 نظر ڳِجهہ جي، ڏاٽ اڏوهيءَ جي، نڪ ڪول جو.
.347 نظر، ماري يا ڪاري.
.348 نڪ هوندو ناهرڪي، وري نہ ايندو واڙ تي.
.349 نماشام جو ڪين ڪجي ڪو ڪروڌ.
.350 نہ مِٽجڻ وارو، مَٽجي ويندو.
.351 وات ڪاوي، اک لڄاوي.
.352 واسطو آهي، رابطو آهي،
سفارش آهي، نوازش آهي.
.353 واڻيو ڳڙ نہ ڏئي تہ ڳڙ جهڙي ڳالهہ ڪري.
.354 واڻيي جو دستور، ڏک ٻہ هٽي ڏاڙ ڏاڙِ ٻہ ڪري.
.355 وِتِ پئي، پِت پئي.

356. وڏيرا! چٽي پئي اٿئي، ڦيري رک ڦلپوٽن تي.
357. وڏي ڪني جي ڪروڙ ئي گهٽي.
358. وقت تي گڏهه کي بہ بابو/ گابو چئبو آهي.
359. وڻ جي ڇانءَ ۾ هرڪو ويهي، دل جي ڇانءَ ۾ ڪو ڪو ويهي.
360. وڻ مان پن ڇڄي وري ڳُبنديجي، سو ڳُوري ڳالهہ.
361. ويئي وَٿُ جو قدر ٿيندو آهي.
362. هَٿُ ڏئي، هَٿَ ڪي.
363. هڏون نڪتو، ڪار آهي.
364. هرڪو پنهنجي دل جو بادشاهہ آهي.
365. هر هڏي ۾ مِڪُ هوندي آهي.
366. هر هڪ ڏينهن، هڪ ننڍڙي زندگي آ.
367. هَرُ هلائڻ سولو، گهر هلائڻ اولو.
368. هڙ جي ماني، مٽي جو سور.
369. هستيءَ کي مستي.
370. هڪ ٽپي سان کوهہ ۾ ڪربو آهي،
سَوَ ٽپي سان بہ نڪري نہ سگهبو آهي.
371. هڪ راڏي، هر ڪو چڏي.
372. هڪ سهٽي زبان، ٻيو سونو ڳُهُہ، پوءِ ڪير نہ رکندو ڳُهُہ؟
373. هل هلندن جي ماڳ، منزل ڪٽي ڪين ڪي.
374. هنگي هروءَ ماءُ، ڪاڄُ ڪِنُ ڪيو.
375. هيڪوٽي هندو مري، ٻيٽي مري مسلمان،
ٽيٽي سو مري، جنهن جي ڪنڌ تي قرآن.
376. هيٺو حريف، گلا ڪندو آهي.
377. يا ٿجي جوان، يا هججي جوانن جي ڪلهي تي.
378. يار اڇن، ڇچڙا وڪامن.
379. يار ڳنڊي نہ ڳنڊي، اسان ڌُهيسون پئي ڳنڊي.